ڀڪتيءَ، گيان ۽ اگيان، جڙ ۽ چيتن بابت چڱي سمجهاڻي ڏني آهي. سندس سوئيا، دوهرا ۽ چؤپيون اهڙيون آهن جيڪو سندن مطالع ڪرڻ سان مشڪل ڪو سمجهي سگهي ته هي ڪنهن مسلمان سنڌي شاعر جو هندي ڪلام آهي. مشتي نمونه خرواري طور سندس ٻه سوئيا ساڌ جي لڇڻ نسبت هت ڏجن ٿا:

١- جي جن نام جپي نهين رام،
پري ڪوپ ڪام مايا مد ماتي،
جڳسي پرتار ڪلهين نار تجي،
مک چار اؤران سنگ ڪاتي،
سا ڪل لڄاءِ دکي دک ٻاءِ،
ٻڌي ٻڌتاءِ مٿي پل تاتي،
ڪهت **مراد** سوئي ڌن ساڌ،
جو لاءِ سماڌ هري رنگ راتي.

٢. نام ڪو نير ٻيٺو جن ڙي من،
سي سڌ ساڌ سدا سک پاوءِ،
ايڪ الک سون پريت لڳي جس،
ست مات پتا تريا چت نه لاوءِ،
رهت اُداس ڪيٺو پرءِ ناس،
پٺي ابناس جگياس نه آوءِ،
سن سماڌ **مراد** لڳا ٽڪي،
سهجيٺي سهجيٺي سهج سماوءِ.

هينئين چوٽي ۾ پريم جي رنگ چڙهڻ ۾ مسلمان هندي ڪوين ملڪ محمد جائسي يا عثمان، رحيم يا رس خان کان ميان مراد ڪنهن به طور گهٽ نه آهي.

پريمي سو جو پريم پد پاوي
پريمي سو جو سهج ڌن لاوي
پريمي سو جو جان پريبن
پريمي سو جو سدا لؤلين
پريمي سو جو امر اليت
انڀيءَ پد پاوي جم جيت
پريمي کي گت اگم اگاد
مک سون ڪهي نه جاءِ **مراد**.

پنهنجي سنڌي ڪلام سهڻي، سسئي، عمر مارئي، مومل راڻي، نوري ۽ ليلان جي بيتن ۾ الاهي عشق ۽ تصوف جي عقيدن جي چڱي اپٽار ڪئي اٿس. سچن صوفين وانگر هو دغاباز زاهدن ۽ مڪار مؤلوين تي لعنت وجهي چوي ٿو:

هڪ وار نه ڏٺيءِ يار ۽ ٿو وايون ڪرين وصال جون
ڪيئه نه قطر جيترو دل اندر ديدار
لافون اڳيون لوڪ جي ٿو هڻين لک هزار
لعنت الله والڪاذبين هي ڪوڙن سين ڪار
جي ٻوليءَ تان پاڙ نه ته مٺي مات **مراد** چوي.

ست سامين ۽ ساڌن، ٻيوتي جتادارين ۽ نانگن جي چڱي جهنوڙ لاتي اٿس ۽ ڪين هيئين هدايت ٿو ڪري:

١- جوڳي تون نه جڳاءِ جو ٿو ڪن چيرائين ڪاڙي
سامي سانت صبر جي من ۾ مندرا پاءِ
سڪ سڱي ڪر سچڻا وڃنو ويرو وڃاءِ
سيلهي سيل پريت پتر اندر الک جڳاءِ
لڳين رک لقاء جي لاهوتي تون لاءِ
روح ۾ رام رڃهاءِ چئي ٻاهريان مڪر **مراد** چئي.

٢- گهر ڇورن جي گهول ۽ تر ٻاهر سانگ ڪرين ساڌن جا
مڪر جي **مراد** چئي مٿي ۾ منهن ڪي مل
تسيو ڏيئي تن کي جهيڙي جهٽي جهل
پاڻ پنهنجو پل نه تين سنگت جوڳو سچڻان.

سچن سنتن ۽ صوفين جي صحبت نعمت غير مترقبه آهي ۽ سندن محبتي مت مان هڪ هڪ پڪ ٻه سالڪ کي ٻرڪيو وجهي.

يڪ زماني از صحبتي با اوليا،
بهتر از صد ساله طاعت بي ريا. (رومي)

ميان مراد سچن سائين بابت فرمائي ٿو:

سائين سي چئجن جن کي سڪ سوءِ ۽
سي لاهوتي لعل ٿيا جي هوءِ هوءِ هلن
ماري من مراد چئي ٿا ناتا ناتَ ٽَسن
تون ٻڌ وٽن لن وڃي سڪ تہ سک پرائيئن.

تصوف ۾ هادي ۽ جي هدايت ۽ مرشد جي رهنمائي تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي ڇاڪاڻ تہ رهبر کانسواءِ ممڪن آهي تہ سالڪ عاشق اونداهي ۾ اٽانگي پيچري ۾ گمراه ٿي وڃي.

قطع اين مرحله بي همرهي خضر مکن
ظلمات است و بترس از خطر گمراهي. (حافظ)

سائين صاحب بہ پنهنجن سلوڪن ۾ ستگروءَ جي ڪرپا ۽ ڪامل جي ڪرم جي ڏاڍي مهما ڪئي آهي تهڙيءَ طرح ميان مراد بہ فرمائي ٿو:

ڪنز قدوري قافيا توڙي پڙهين ٿهو صرف
توءِ ملن کون مراد چئي ايندءِ ڪين الف
جنهنکي هادي ڏنو حرف تنهنکي علم سڀ عيان ٿيو.

صوفين جو مکيہ عقيدو آهي من کي مارڻ ۽ نفس اماره کي ناس ڪرڻ ڇاڪاڻ تہ سالڪ جڏهن وجود وڃائي فنا في الله ٿيندو تڏهن ئي بقا بالله جو مزو ماڻي سگهندو. درحقيقت من مواس کي مارڻ ڪنهن وڏي سورويہ جو ڪم آهي.

رستمي بايد کہ او خصمي کند با ديو نفس
ور بر او غالب شويم افراسياب افگنده ايم. (سعدي)

يہ نفس وه سرڪش هي کہ مارا نهين جاتا
يہ جن کسي عامل سي اتارا نهين جاتا.

مراد فقير بہ فرمائي ٿو:

رهزن نفس لفيءَ سان توڙي ڪوڙين ڪاروَن ڪن
توءِ گڻ ڏسي اوگڻ ڪري ڏي ڏهاڙيون ڏکہ تن
تنهنکي ماري ڇڏ مراد چئي جيئرو ڇڏ م ڇن
سا پيلهہ ڪٽي وڃہ ٻن جنهن مون جيءِ جوکو ٿئي.

صوفين جي عقيدي موجب هي بدن روح لاءِ قيد آهي تنهنڪري سندن هردم اها خواهش رهندي آهي تہ جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد هي آتما روپي پکي بدن روپي پڃرو ڇڏي پرواز ڪري وڃي پنهنجو وطن وسائي ۽ پرماتما سان ملي هڪ ٿئي. تنهنڪري ئي حقيقي عاشقن لاءِ سوري سيج ۽ مرڻ مشاهدو آهي.

جس مرني سي جگ ڏري ميري من آنند
ڪب مريئي ڪب پائيئي پورن پرمانند
[ڪبير]

صوفي مراد بہ پنهنجي روح کي مخاطب ٿي آکي ٿو:

طوطا توکي کهڙو اندر قيد قرار
اچ اُڏام مراد چئي هت مارينداءِ منجهار
هيڪر هندوستان جا جي پسين باغ بهار
تہ موٽي سڀ جمار پير نہ ڏئين پڃري.

قرآن شريف جو فرمان "موتوا قبل ان تموتوا" ۽ شاه صاحب جو گفتو "هوندا سي حيات جي مرڻ کان بہ اڳي مئا" پنهي جو مقصد ساڳيوئي آهي مراد فقير جي معنيٰ بہ اها آهي.

جي پارين تان پار اندر باه برهہ جي
متي مچ مراد چئي ڪئي پتنگن پچار
تہ جيئري جانب نہ مٽي توڻي حيلا ڪرين هزار
دو ساڻي دربار تا مئا ڪن مشاهدو.

ان مشاهدي لاءِ ظاهري اکين جي ضرورت نه آهي مگر دل جي دري کولڻي ۽ دوست جو ديدار ٿيندو. مگر جيڪڏه ”لڙڪا بغل ۾ اوڙ ڍنڍورا شهر ۾“ واري ڪار ڪندا سين ۽ ٽڪا ٽاٽا ڙوا ۽ تيرٿ تڙا پيا پڙڪندا سين ته اکين هوندي انڌا ڇٻا سين ۽ پارسي شاعر جي گفتي موجب انڌن کان به وڌيڪ احمق سڏبا سين -

آنچه ما کرديم با خود هيچ نا بينا نکرد
درميان خانه گم کرديم صاحب خانه را.

لنهڪ پئي ”من عرف نفسه فقد عرف ربه“، ”نائين نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو“، ”عجائب آهي اکث طاوسي تن ۾“ ”ونحن اقرب جا ٽو سيپئي، دور نه آهي دلدار“ وغيره فرمان پيا ملن. ميان مراد به ”نائين نيڻ نهار تو منجهيئي مولي لهين“ وارو سبق پڙهائي پيو چوي:

توهين منجهه مهراڻ تو ۾ ماڳ ميهار جو
دلبر آئي دل ۾ چو ٻاٽيءَ وجهين پاڻ
ويئي ڪر قريب سان اندر روح ريهاڻ
جو ساهڙ توهي ساڻ آهي سب ڪنهن مهل مراد چئي.

پوءِ جڏهن محسوس ٿيو ته -

”جنهن سو ساه سريو ۾ تنهن سوڍو سا ماڻو
پيت پت واني هيڪڙي سب راڻوني راڻي.“
[مراد]

نه پوءِ

گيان گنگا دل دوارڪا ڪايا ڪاشي جن
سي پورب ۽ پڇم جا چاڪون پنڌ پڇن
ماري من مراد چئي تاري تن تيرٿ ڪن
سي نت نانگا ناٿ پسن جنکي گڏيو گوگنار ۾.

پيا

وحدت جن وجود آهي ڪعبو ڪوڏيو تنجو
سي ڪنهنکي ڪن سجود جي پاڻ مراد مڪو ٿيا.

جڏهن يار سان يڪتائي حاصل ٿي جنهن امير خسرو دهلوي ۽ فرمايو آهي:

من تو شدم تو من شدي من تن شدم تو جان شدي
تاکس نگويد بعد ازين من ديگرم تو ديگري.

۽ قطرو وڃي بحر ۾ غرق ٿيو ته پوءِ

تن پرين من پرين چت پرين دل يار
اندر باهر سپرين وٿ نه آهي وار
اکين منجهه مراد چئي پيو ڪونه قريبن ڌار
جا ڏي ڪريان نهار تا ڏي سڄڻ پسان سامهان.



بزازين جو آزار

ليکڪ:- مسٽر پيرومل مهرچند آڏواڻي.

بزازين مان سنهنج به آهي. سنهنج جي خيال وچان ڪن اشراف ۽ آبرو وارن بزازين کي گهرن ۾ پير پائڻ ملهيو ۽ هاڻي تورن سالن کان بزازي ڪٽن کان به گهٽا ٿي پيا آهن. هيٺ چور، جواري، شرابي ۽ جيل ڪاٽيل به پنج اٺ ناڪيا ڪوٺين تان اُڌارا وٺي، يا چار پئسا هٿان هٿان پٽي، تورا ٿان خريد ڪري، ٻکا ٿي ٻڌي اشرافن جي گهرن ۾ گهڙيو تو پوي. هو ريل ڇيل اچن ٿا ۽ ڪيترين زالون هنن سان منهن پٽي ڳالهائين ٿيون. ڪن جو جيڪڏهن رئو لٿل هوندو آهي ته اُهو به سا اگو ڪونه ڪنديون آهن. هو آهستي آهستي گاهل مائل ۽ گستاخ ٿيندا ويا آهن. اڄ ڪيترا اهڙا نالائق بزازي پيا آهن جو بعضي زالن جي هٿن مان ڪپڙو ڇڏائيندي هنن جا هٿ چٽيندا آهن ۽ ڪي ته وقتي حرف پٽيندي به دير نه ڪندا آهن.

هڪڙي مائي ڪنهن بزازيءَ کان ڪپڙو ورتو. پئسن ڏيڻ مهل چيائينس ته ”مٺا، قري نه وڃام.“ بزازي چيس ته ”لڏڻ، آءُ توکي گهٽ گهرندس؟“ هيءَ بدمعاشي ڪين اشرافت؟ ڪي ته وقت تي هن کان به وڌيڪ گٿل لفظ ڪم آڻيندا آهن جي لکڻ به شرم. پر هن کان وڌي بي ڪهڙي ارمان جي ڳالهه ٿيندي جو هڪ بزازي

ليکڪ

بزازي، قماري، بکاري وڃن،
صحت، شرم، پئسو اهي ٿي ٻڃن.

اسان وٽ ڏينهن ڏينهن ڪيترا آزار آهن، جن مان مکيه ٽي آهن (١) بزازي (٢) گهورڙيا (٣) پينو فقير. هن گهمري رڳو بزازين بابت ذڪر ڪجي ٿو.

اصل بزازي تمام ٿورا هوندا هئا. اسان جا دوراند يش وڏڙا هنن کي ڪڏهن گهر ۾ پير پائڻ نه ڏيندا هئا. مجال هوندي هئي ڪنهن بزازيءَ جي جو ڪنهن پير مرد جي ڏسندي ڪنهن گهٽي ۾ گهڙي پوي؟ هو هيڏانهن هوڏانهن ڪنهن غريب غربي کي ٿورو گهڻو مال وڪڻي، پنهنجو قوت گذران ڪندا هئا.

گهرن ۾ اچڻ جو اڻ سهائيندو فائدو وٺي، کين پائيبند جي گهران هڪ ڏنيل اپلا تاري ويو. ڪجهه وقت کان هڪ ٻئي ٻازيءَ جي بدچالي جون ٻه ڳالهيون پيئون پڌ جن. هيڏا ڪلور پڌي اخبارن ۾ ذڪر ڪرڻ ضرور ٿيو ۽ شڪر جو هاڻ اسانجن پائنرن جي ڪجهه قدر اک پٽي آهي. هن وقت ڪيترن هنڌ اها ڪوشش هلي رهي آهي ته ٻازين ۽ گهورڙين جو گهرن ۾ اندر اچڻ صفا بند ڪجي ۽ زالن ۽ وڏورنيائين کي اها منع ڪجي ته پنهنجي ٻنهي وٽ توڙي گهٽيءَ ۾ ٻهي ٻازين ۽ گهورڙين کان ڪو سؤدو نه وٺن. جڏهن سمو بگڙيو پيو آهي تڏهن زال ذات کي ڪهڙو حق آهي جو هر ڪنهن هوڪي پڌڻ سان دروازو پٽي، ٻاهر نڪري ۽ ههڙن لفنگن ۽ ڪاٽڪن سان ٻهي ڳالهائي يا هنن سان سودو ڪري؟ پنهنجو، رڳو ايتري ديا پاليو ته ٻازي، پنهنجا مڪن وارو يا بيو ڪهڙو ٻه گهورڙيو گهٽيءَ ۾ اچي هوڪو ڏئي ته ماٺ ڪري گهرن ۾ ويٺيون ٻڌو ۽ ائين سمجهو ته ڄڻ ڪو ڪتو ٿو ٻاهر ڀؤنڪي.

ٻازين مان ته ٻيا به ڪيترا نقصان آهن. ڏيتي ليتي ۾ جيڪي ڏيکدار ۽ ڳري قيمت وارا نخريدار ڏاجا نڪرن ٿا تنجو بنياد اهي ٻازي آهن، جي روز نوان نوان نمونا گهر گهر ۾ چالو ڪري ۽ لت شت ۾ واڌارو ڪري اسان جي ستياناس ناس ڪري رهيا آهن. ڪپڙو وري ڪهڙو؟ رڳو ڏسڻ جو ٺوه! ڌوٻي ڌئيس ڏٺي رڻيس! ڪي ڪپڙا ته اڱڻ تي ئي چير چير ٿيو وڃن. وري اگهه ڪهڙا آ ڪرا؟ هڪ معزز صاحب ڳالهه ٿو ڪري ته سندس گهر ۾ ڪو ٻازي هڪڙو ڪپڙو چاليهن روپئي وال ڏيئي ويو ۽ پوءِ اهو ساڳيو ڪپڙو بمبئي مان گهرايائون ستاويهن روپئي وال!! يڪدم وال تي ٽيرهن روپيا ڪٽيو!!! بمبئي جي ربڙڪي دڪانن وارن جا اگهه ڳرا آهن جو اُتي جا خرچ ڳرا آهن پر هتي جا ٻازي ته انهن دڪانن جا به ڏاڏا ٿيا. ڏسو ته ههڙين گهوٻين ڪري اسان کي ڪيڏي نه پئسي جي چماٽ پيئي لڳي. تنهنڪا نسواءِ ٻازي طرح طرح جا نمونا هڪڙ ٻئي هنڌ ڪنا ڪيو ڪنيون ٿا اچن ته زالن جي هڪ نه ٻئي نموني تي دل سرڪيو وڃي؛ پوءِ ڪپ هوندو يا نه هوندو، ته به اهو ڪپڙو خريد ڪنديون. اسان جي ڪٽنبن ۾ اجهو ائين ٿي هلي پوي. وري جنڪي بنا تڪليف گهر ويٺي ڪپڙو ملندو ۽ سهوليت به اڌي جو پئسا جڏهن وڻين تڏهين ڏين، ته پوءِ چو ڪين هٿڦاڙ ٿينديون؟ بلفضولي ايتري قدر وڌي ويئي آهي جو هڪ مائي وٽ ڪنهن ٻازي جا ٻه سؤ روپيا آهن ۽ قسط ڏئي ٥ روپيا مهينو!! ٿر قميءَ جي حساب موجب قرض لاهڻ ۾ چاليهه مهينا لڳندس، پر تنهن وچ ۾ بيو ڪپڙو ڪو نه ڪپندس ڇا؟ ڪنهن مهيني ۾ قسط نه به ڏيئي سگهندي. پوءِ هيءَ ٻه سيهڙ واري چٽبي؟ ٻي هڪ مائي وٽ ڪنهن ٻازي جي تمام ڳري رقم ٿا چون ۽ سندس مڙس جو پگهار پڌ جي ٿو رڳو ٿيهه پنجٽيهه!! اهڙين اوڌرين مان

ڪھڙا نتيجا نڪرندا سو سيڪو سمجھي ٿو سگھي. ڪن حالتن ۾ خود مردن کي به سڌ ڪانهي ته ڪو سندن گھران اوڌر وڪائي اٿن! بزازي به ڄاڻي ٻجھي مردن جي غير حاضريءَ ۾ پئسا گھرڻ ٿا وڃن. هيءَ اشرافت آهي؟ ڪن ننڍين نيٺين ساهرن کان لڪائي پيڪن جي معرفت اوڌر ڪنئين آهي ۽ هاڻ اهي بزازي پاڻ منجھي پيا آهن ته اوڌر جو ڇنو ڪٿي ڏيون. بهتر ته قرض جو ڇنو سندن مردن کي ملي ته ڏسن ته ڪئن سندين زالن اندر هٿ ڪنائي حلوا کاڌا آهن. ڪن بزازين ته اها حد نالائقي ڪئي آهي جو اوڌر جي ڪنڌي ۾ زالن جا نالا لکي ڇڏيا اٿن. هي اشرافت آهي جو بزازين جي بندين ۾ زنانا نالا ٽنگيا پيا هجن؟ اهڙي چورڻ ماڻڻ کي به لک لعنت آهي.

قبول ٿو ڪجي ته بزازين مان اهو سهنج آهي جو گھر ويٺي ڪپڙو ڏيئي ٿا وڃن ۽ پر انهي ٿوري سهنج جي ڪري هيترين خرابيون قبولي، پنهنجي عزت آبرو ڪوهي ويهجي ڇا؟ برابر سهوليتون جيتريون گھٽيون ايتريون چڱيون ۽ پر جن سهوليتن مان خلم پون تنکي پن هٽجو؟ هيئنر هر ڪنهن مرد ۽ نوجوان تي فرض آهي ته جڏهن زالن ۽ ٻارن لاءِ ڪپڙو کپندو هجي تڏهن ٻه چار نمونا آڻي گھر پسند ڪرائي هنن کي پنهنجن هٿن سان وٺي ڏين. پنهنجي گھر جي ڪم ڪرڻ ۾ اهم ڪونهي. ڪنهن گھر ۾ مرد ماڻهو نه هوندو ته به پڪ آهي ته ڪنهن جي انڪي ڪانه رهندي. اڙين جو ملڪ ڪونهي. ڏاجي لاءِ ڪپڙو کپندو هوندو ۽ مرد ماڻهو گھر ۾ نه هوندو ته جيڪي پاڻ نياڻي جو ڀهي ڪارج ڪرائيندا سي ايتري ڏيا به ضرور پاليندا جو ڏاجي لاءِ ڪپڙو آڻي ڏيندا. ڏاجي تي اڪثر سڀ پئسا زيان ٿا ٿين. ڇو ته جيڪي ڏيتي ليتي جي فائدي ۾ آهن سي ڏاجي جو روڪ وٺي انمان رواجي ڪپڙو خريد ڪن ته سادگي وڌي ۽ پئسن جو به بچاءُ ٿئي؟ رڳو اسين عامل آهيون جي بزازين جي گھڻي ضرورت ٿا سمجھون باقي پوري يا وڻنرا، مسلمان ۽ پيا ڪيترا بزازين کي الله واسطه به ڪو نه پڇن. پوءِ انهنجي ڪئن ٿي سري؟ سڀ هرڻ ٿاءَ آهي. پرجي حال تڪليف ٿئي ته اها به سهي سادو ٿي گذارجي ۽ مگر بزازين ۽ پٺين پاڻ ڪن وارن، جن امت شمت وڌائي اسان جي پيڙي سير چاڙهي آهي تنکي پلي پلائي به گھر ۾ پير پائڻ نه ڏجي. ٻچڪاڻن کي به جيڪڏهن پنهنجي عزت پياري هجي ته وڃي دڪان ڪيڏي وهن ۽ ڪنهنجي سڌ تي به نه وڃن. جيڪي زالون ڏر لتيءَ جو ٽڪرائن وارن جي دڪانن تي وڃي ٿيون ڪنيون ٿين تنکي به پاڪائن پاڻيهي لڄ اچڻ گھر جي.

ڳڻ ڳراهڪي

توکي اي دل صلح ڪل جي ٻڌايان اڄ ٽه نيشاني،
نظر ڳڻ ڳراهڪيءَ جي رکه ليکي لال لاثاني.

١- صبر سک ڪرست کان پيارا، حليمي هلت هندن کان،
اهنسا ٻڌ مت مان سک. مسلمانن مان مهماني.

٢- سناتن ڌرم مان شرڌا ۽ آرين مان دليري سک،
پرارٿنا پاءِ برهمڻ کان سکن کان سبق قرباني.

٣- شيعن مان پاءِ بزرگن جو سنين کان مات ۽ مروت،
درشٽي دوش دوئي سک قرب قانون قادياني.

٤- اصل مذهب جي نيشاني آهي اخلاق جي رهڻي،
مچايو مفت ۾ آهي مذهبن گوڙ گهمساني.

٥- اصل آدم آهي ذاتي ڇڏي ڪنهن پارسي پاڻي،
پسي جو جوت سڀ ساڳي اهو بيشڪ آهي گياني.

٦- صفا سينو ڪري پنهنجو ڪيم جان ڪنن کي سرلو،
سڀني ڌرمن جي بنسين ۾ ٻڌم هڪ راڳ روحاني.

٧- نه ڪنهن سان پار رکه نفرت وسي سڀ منجهه تو سائين،
نوالن شمعدانن ۾ آهي هڪ نور نوراني.

٨- دئي ۽ حسد کان دل کي سدائين ٻوڌ شڌ رکه تون،
اصل هڪ روپ ۾ ايندءِ نظر ٻوءِ رام رحماني.

سوامي ٻوڌراج صاحب

پاڻ تي قابو رهڻ

ليکڪ:- مسٽر ليلارام پريمچند واڌواڻي، بي. اي.

ذات تعاليٰ سڄي جڳت جو مول آهي. هو هر شيءِ ۾ وسي ٿو، تنهنڪري ئي سڀ شيءِ قائم بيٺي آهي. الاهي نور هر هڪ انسان ۾ موجود آهي، تنهنڪري سڀ انسان پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. جنهن صورت ۾ جيو آتما جو، سڀ جيڪي سندس چوگرد آهن، تن سان تعلق آهي تنهن صورت ۾ هن کي ٻين سان هم رفيق، هم شريڪ ۽ هم ساز ٿيڻ کپي. پر هيءَ ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته جيو جو سڀ کان وڏو تعلق پنهنجي ڪوشن يا بدن سان آهي، يعني آتما يا مادي جي انهيءَ ڀاڱي سان جو هن پاڻ سان بلڪل لڳولڳ شامل ڪيو آهي؛ ۽ جيستائين هنجو انهن ڪوشن سان هم سازيءَ جو ناتو نه هوندو، تيستائين ٻيا جسم جي ڪائنس دور آهن تن سان هم ساز ٿيڻ جي اُميد رکي نه سگهندو. جيئن جيو اڃا هيٺين ڏاڪي تي آهي، تيئن هي سندس ڪوش مٿس غالب آهن، ۽ هنکي پٽڪائين ٿا، پر جئن جئن هو ترقي ڪندو وڃي ٿو، تئن تئن هو اُنِ غالب پوڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ هنکي پنهنجن ڪوشن سان سخت جدين جوٽيون پون ٿيون، تنهن ڪانپوءِ پاڻ وس رکڻ يعني ڪوشن تي قابو رهڻ جو وڏو گڻ حاصل ڪري ٿو. اهي نيڪ خصلتون جي بدن سان تعلق رکندڙ آهن ۽ نه ٻين جيون سان، تنکي چئبو آهي پاڻ سان لاڳاپو رکندڙ گڻ. هرڪو ڄاڻي سگهي ٿو ته جيترو انهن گڻن وارو ٻين جيون سان پوريءَ طرح سلوڪ رکي سگهندو، اوترو ٻيو، جنهن ۾ اهي گڻ موجود نه آهن، رکي نه سگهندو.

منو مهراج، پاڻ تي قابو هئڻ جي ضرورت تي گهڻو زور رکي ٿو ۽ انهيءَ بنسبت ٻه ٻها اشارا ڏنا اٿس. چوي ٿو ته ڪرم جو باعث ٽي طاقتون آهن، جن ٽنهي کي جيتڻ گهرجي، يعني من، وچن ۽ شرير کي.

من يعني منومي ڪوش، جنهن ۾ راڳ ۽ دويش آهن، تنهن کي جيتڻ سڀ کان مشڪل آهي؛ ڇوته من اهي وشيون جي خوشي ڏيندڙ معلوم ڪري ٿو تنجي وس ۾ ٿي ڪري، سدائين انهن ڏي ڊوڙي ٿو. جذبا يا خواهشون، جي انسان ۾ اُٿن ٿيون، سي لوپت ٿيڻ چاهين ٿيون ۽ من انهن جو غلام ٿي ڪري، سندن ڪم جي پورائي ڪري ٿو. جيو آتما کي کپي ته من کي انهيءَ غلاميءَ کان آزاد ڪري ۽ پنهنجي خدمت ڪاڻ من تي قابو رهي ۽ اُنکي اندرين يا حواصن جو حاڪم بڻائي. من جي جيتڻ وچڻ سان ڏهه ئي اندريون (پنج گيان اندريون ۽ پنج ڪرم اندريون) جيتجي وڃن ٿيون. اندرين سان پيل ته

ڏسجي، ٻڌجي، سنگهجي، چکجي ۽ ڇهجي، پر اندرين جي وشين ۾ راڳ ۽ دويش نه رکجي. گيتا ۾ فرمايل آهي ته ”ڪنهن اندريءَ جو ڪنهن وشيءَ لاءِ پيار ٿئي ٿو، ته ڪنهن لاءِ ڌڪار؛ انهيءَ راڳ ۽ دويش جي وس نه ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اهي مارگ ۾ اٽڪاءُ ڪندڙ آهن.“ راڳ دويش کي پورو ڪرڻو آهي. راڳ تڏهن پورو ٿيندو جڏهن ڪنهن خاص وشيءَ لاءِ يا خاص ماڻهوءَ لاءِ نه هوندو، پر منجهي سڄيءَ سرشٽيءَ لاءِ پيار ٿي پوندو يا جنهن صوفي چوندا آهن ”عشق ڪل“ جي صورت وٺندو. دويش شخصي لاڳاپن مان ڪڍي، فقط انهن ڳالهين مان لڳائڻو آهي، جي قدرت جي قاعدي جي برخلاف آهن، جي ايشور جي اڇا جي ورڌ آهن. خراب دستورن ۽ خراب اطوارن لاءِ ڌڪار هئڻ گهرجي، نه خراب ماڻهن لاءِ.

ٻيو من جو دوش آهي چنچلتا، ۽ نراستتا جو ته من هڪڙي ڳالهه تان لهي ٿو ته ٻيءَ تي چڙهي ٿو. من جي مشابهت ڪندا آهن انهيءَ رٿ سان جنهنکي ڏهه گهوڙا (اندريون) ڏهن ڏسين تي پيا ڇڪين. من جي انهيءَ وکشيپ کي روڪڻو آهي، ۽ انکي ايڪاگر ڪرڻو آهي. گيتا ۾ چوايل آهي ته ”جڏهن جڏهن چنچل ۽ نراستر من وشين ۾ چلائمان ٿئي، تڏهن تڏهن انهنمان کيس ڪينچي، آتما ڏي نيڻ گهرجي.“ من جو روڪڻ جيتوڻيڪ نهايت ڪٺن آهي، ”تڏهن به ابياس سان ۽ ويراڳ سان روڪي سگهجيس ٿو.“

ماڻهوءَ جي سڀاءَ جو تمام پريشان ڪندڙ پاڱو سندس واسنائون آهن، جو ته اهي ڪيترو به کڻي ڀوڳجن ته به ڍاپڻ جون نه آهن.

مهاڀارت ۾ بادشاهه يياتيءَ جي ڳالهه آهي ته هو نفساني لذتن ۾ گرفتار ٿي، وڃي پاپ ۾ پيو، جنهنڪري وڏو رشي شڪر، سندس سهرو، انس ڏمريو ۽ هنجي بددعا جي اثر ڪري، ڦوهه جوانيءَ جي اوستا ۾ جهور پيرو ٿي پيو. راجا، شڪر رشيءَ جي تپسيا ڪري کيس راضي ڪيو ۽ هن فرمايو ته اهو پنهنجي پيرائپ ۽ ضعف، هڪ هزار ورهين لاءِ (اڳين جڳن ۾ انسان جي عمر وڏي هوندي هئي) پنهنجي ڪنهن پٽ جي جوانيءَ سان بدلائي سگهي ٿو، بشرطيڪ اهو پٽ خوشيءَ سان قبوليت ڏئي. راجا واري واري تي پنهنجن پٽن کان پڇيو. سڀني کان ننڍي پٽ پورو، پيءُ جي پيار ۽ عزت وچان، پنهنجي جواني پيءُ کي بخشي ۽ هنجو پيرائپ خوشيءَ سان پاڻ ورتو. يياتي انهيءَ وڏي مدت جو عرصو نفساني لذتن پٺيان ڪاهي پيو، ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ هو ته مادي جي دنيا جا جيڪي به عيش ۽ خوشيون آهن تنجو مزو ماڻي وٺان. پر هنکي هميشه هيءَ ڳالهه يقين ٿي ته مزا ماڻي ماڻي حواسن جي قوت گهٽبي ويئي، پر حرص وڌندو رهيو. هن سمجهيو ته منهنجي زبردست تمنا، پوري ٿيڻ بعد، ٿڪجي ۽ ٺپجي پوندي ۽ آءٌ اُن خواهش کان آجو ٿيندس، پر جئن ٿئن تئن وڌ ٿيندي ويئي. جئن ڦيٿي جو هڪڙو آرو

پٺي پنيان ڦرندو ٿي رهي ٿو، ليڪن هنجي خواهش جو سلسلو ختم ٿيڻ جو نه هو. ليڪ جڏهن هزار ورهيه پورا ٿيڻ تي هئا تڏهن هنن وڏو ويـو اڳ، جاڳيو ۽ هن سمجهيو ته ڪامنا ڀوڳڻ سان ٽٽي ٽٽي، پر ترڪ ڪرڻ سان. هن پنهنجي پٽ پوروءَ کي سڏي، خوشي سان پنهنجي پيدا پڻ ڪا نئس موٽائي ورتي، ۽ هيٺيون بيت، جنهن ۾ سندس زندگيءَ جي تجربي جو نتيجو ظاهر هو، ڳائيندو، بن ۾ گوشه نشين ٿيو.

ڪام سندي جا آڳ، اُتي ٿي،
ڪين اُجهامي ڀوڳڻ سان،
ٻرندڙ باهه نه ڪين وسامي،
گيهه جي قطري اولڻ سان،
اِندرين جي تئين اُج نه اُتري،
وشيءِ موجن ماڻڻ سان،
نفس ندورو تابع ٿئي ٿو،
ترشنا تيز کي تياڳڻ سان.

(٢) زبان وس ۾ رکڻ ٻيو ڏاڪو آهي. سوچي ويچاري، پوري ڳڻ ڳوت ڪري، پوءِ ڳالهائڻ گهرجي. سوچڻ کانسواءِ ڳالهائڻ مان اليڪ خرابيون رسن ٿيون. **ارجن** اڪثر ڪري، بنا ويچار، ڪڙو گفتو ڪڍي وهندو هو، جنهنڪري ڪيتري تڪليف ۽ ڏک سهڻو پوندو هوس. مهاڀارت واري لڙائيءَ ۾ هن هڪ وقت ڪڙو پڻ ڪيو ته جيڪڏهن سج لٿي کان اڳي پنهنجي پٽ جي ماريندڙ **جيدرٿ** کي پورو نه ڪيم، ته پاڻ گهات ڪندس. جيدرٿ کي انهيءَ پڻ جي خبر پيئي، سو وڃي لڪو ته سج لٿي کان اڳي ٻاهر نه نڪرندس، جيئين ارجن، انجام موجب پنهنجي جان نه ليا ڳـي آهي. ارجن جو جنگ ۾ هئڻ بلڪل ضروري هو، تنهنڪري لاچار سري ڪرشن مهراج کي دست اندازي ڪرڻي پيئي، جو سج لهڻ جي وقت کان اڳي اهڙي مايا روپي ڇايا سورج تي وڌائين جو اونده پکڙي ويئي ۽ جيدرٿ پلجي وقت کان اڳي حفاظت مان ٻاهر نڪري آيو، ۽ ارجن جي هٿان ماريو ويو.

ٻي وقت پڻ اهڙو ڪڙو پڻ ڪيائين، جنهنڪري **وڏي سفر** جي رستي ۾ پنهنجي جان وڃايائين. هن هي پڻ ڪيو ته هڪ ڏينهن اندر پنهنجي سيني دشمن کي ناس ڪندس. پنهنجي بهادري جي فخر وچان اها پٽاڪ هنيائين، پر انجام پاڙي نه سگهيو، ۽ جان ڏنائين.

اُنهن ماڻهن لاءِ چٽبو آهي ته زبان تي ضابطو اٿن، جي وڏن سان ادب سان هلن ٿا، پاڻ جهڙن سان مروت سان، پاڻ کان ننڍن سان نرمائيءَ سان، ۽ جي سدائين سچ ڳالهائين، ۽ ڪنهن کي به واڻيءَ سان نه ڏکوئين.

(٣) بدن تي قابو رکڻ گهرجي ۽ اُن کي ڇڙواڳ نه ڇڏجي، مٿان پنهنجي ڪامنائن جي پورائي لاءِ اسانکي پاپ جي رستي ۾ نئين. بدن کي صفا ۽ تندرست رکڻ گهرجي، ڇو ته صفا ۽ تندرست بدن سان ئي من سالم رهي سگهندو.

چانڊني

مسٽر ڪيئلداس وليرام بيگواڻي، [فاني].

[۱]

جوڀن ارا ولي جو ٿي ڦاٽو بهار ۾،
گل ڪان به سوائي هئي فلڪ خار خار ۾،
قدرت جو ذره ذره هو خوش ٿو خمار ۾،
مستي ۽ مدهوشي هئي سڄي مرغزار ۾؛
سابرمتي جي نير سندس چرن ٿي ڌوتا،
پٿر سفيد سو ٿي ها ياقوت يمن جا.

[۲]

لهرين ۾ لڪل بادِ صبا جو هو ترانو،
گلزار ۾ ڪوئل جي صدا جو هو ترانو،
آڪاس ۾ آزاد هوا جو هو ترانو،
وادي ۾ به قدرت جي ڪلا جو هو ترانو؛
شاعر جي طبيعت ۾ هئي دريا جي رواني،
ڪنهن جستجوُ لءِ جسم ۾ ٽڙڪي ٿي جواني.

[٣]

ماڙجي ڪلهي تي هيون جهانگين جون جهوپڙيون،
ڪڏڪيون ڪيئي ڪرڙنسان ڪکن تي ٿي ڪونجڙيون
ڇا ڇا هون لٽا اڻ لاءِ سرشتيءَ جون سوکڙيون!
پر پور هيون مال سان پاڳين جون پونگڙيون؛
ڇپري هئي ميرخان جي مشهور مڙين ۾،
سک سرس هيو مڙل کان ڪندن ۽ ڌڻين ۾.

[٤]

گهر ۾ هو ميرخان نڌڻڪو نوڪلو،
گويا سڪل درخت هو برپٽ ۾ هيڪلو،
مشڪل هيو اُڻ اڻ سان اڪيلو مقابلو،
سانڍڻ ٿيو ڪٺن ساهه ۾ سڀرن جو سلسلو؛
لاچار وندر لاءِ ٻڪريون وٺي آيو،
ڪيئن ماس پرائي ڪي ناز سان ٿي نپايو!

[٥]

ٻڪرين سان نرالي ٿي پئي رونق سڄي گهر جي،
ڳڻتي نه رهي ڪا به سندن قوت گذر جي،
ماڙ لي هئي مهر جا قدرت جي ڪڪر جي،
سرسبز چراگاهه اجهل پوک پسدر جي؛
حيوان جي صحبت ڇڏيا انسان پلائي،
ويو صبح جو ڪاهي، اچي سانجهيءَ جو ورائي.

[٦]

مسجد کان وڏڪ واڙ هئي ٻڪرين جي ٻڌڻ جي،
جرئت نه هئي ذري ڪي به لانڍي کان لنگهڻ جي،
ڪنهن پر نه هئي وات ڪا پرنگيءَ مان پڄڻ جي،
ليڪن هئي عادت منجهن آزاد رهڻ جي؛
چارڻ نه گهڻو چاهه مان ٽن ڪي چرايو،
افسوس! مگر ڪين ڪو لايو ٿيو سڄايو.

[٧]

هڪ ڏينهن ويو ٽڪريءَ جي وراڪن ۾ سج لهي،
ڪارنهن جو پوَت عرش تي ٿيهه پهه ۾ ويو ٿهي،
هي وجهه وٺي ٻڪريون پيون ٽڪريءَ جي پرڀهي،
هورءَ رات انڌيري کان سي ويندين هون نت ٿهي؛
ٽپڪيون هٽي پٽ پٽ ۾ ميرخان تي ڳوليو،
لاچار نماڻي گهڻو پڪار سان پوليو.

[٨]

گهر موٽندي هرهر ٿي سندن وات نهاري،
پونگي ۾ هئي چوطرف مساڻن جي انڌاري،
دم دم ٿي پيس ياد سي، واٺي نه وساري،
وهمن ۽ وچارن ۾ سڄي رات گذاري:
"چاڪون رنيون ماڻي-منيون بدبخت جي گهر کان!
موٽيون نه وري ماڳ تي هاءِ! ڪهڙي ڏمر کان؟"

[٩]

ٻڪرين تي ٻڌو هر گهڙي آواز اچڻ جو،
پر پهه پڪو هو پرن تان پٽتي نه هٽڻ جو،
سانگو نه ڳڻيا ٽون ڪو بلائن کان بچڻ جو،
ٽڪريءَ ۾ نڪاڻو هيو ناهر جي رهڻ جو؛
چارڻ کي انهيءَ قهر جي اڳ ئي خبر هئي،
هر روز پنارين تي سندس تيز نظر هئي.

[١٠]

ڪا شيءِ نه رهي ڪال جي احوال کان واقف،
ناهه ساهه، هن سرپرين خود حال کان واقف،
ٻڪريون به هيون ڪينڪي پرحال کان واقف،
جوکي وهيٺي جان جي جنجال کان واقف؛
آفت کي ڏسي اوچتو واهر لاءِ رڙيون،
بي سرت بي خطا وڃي ناهر جو بک ٻٽيون.

[١١]

جيئن باک ڦٽي ءَ جو وڃي هيءَ حال ڏٺائين،
پٿرن تي ڪريل خون جي قطرن تي رنائين،
گويا غضب جي آگ تي پاڻي تي وڌائين،
تنهن ڏينهن کانوٺي دل سان اهو عهد ڪيائين؛
هڪڙين ٿي وڌو آهه ڏلاون ۽ ڏکن ۾،
بس هاڻ ڇٽل جان کي ڏينهن نه ڏجهن ۾.

[١٢]
ڪجھہ ڏينھن انھي قول جي ليڪي ۾ لنگھي ويا،
ارمان جو رڳو رڳ ۾ مگر روڳ ٻچي ويا،
دکہ، درد هيڪلائي جو، ليڪي کي لڳي ويا،
آخر انھي انجام جا سڀ خيال ڇڏي ويا؛
گوشي ۾ گذارڻ به ڪٺن آھہ دنيا ۾،
سنگت کان سوا پينگ، پون آھہ دنيا ۾.

[١٣]
آخر ٿي پيو تنگ تنھائيءَ جي گذر کان،
واقف هو مگر ٿاڪرو پڪرن جي اثر کان،
ڇيلي وٺي ايندس، چيو، ڪنھن نزديڪ شهر کان،
ڏيري به پلي آھہ، سڀ مال، نظر کان؛
ڇيلي هئي سٺي، آهو وٺي، ملھہ به سٺو هو،
جنھنجو نہ اچا ڪيو پي واڇن کان سڪو هو.

[١٤]
جيئن 'چاندني' چارڻ هو رکيس چوج مان نالو،
تحقيق سچ تيئن هئي اولاد جو اُجالو،
چارڻ سان هيس نازءِ رس راض نرالو،
ليليءَ سان ڪيائين گھڻو ڪوشش ۽ ڪشالو؛
چڻ پيٽ جڻيءَ ساڻ محبت ٿي ڪيائين،
ڏينھن رات سندس ٽھل ۽ خدمت ٿي ڪيائين.

[١٥]
وهہ! چاندني لءِ خان عجب باغ بڻايو،
پنھنجي هٿن سان رس پرٻي ٻوٽن کي لڳايو،
قل قوُل ڏسي دل ۾ نہ قرليو ٿي سمايو،
لوڙهو به گھمڻ ڦرڻ لءِ ويڪر ۾ وڌايو؛
نوڙي به اڳي کان هئي قابو ۽ ڪشادي،
جيئن ڪنھن بہ قسم جي نہ ٿي هوڙيءَ کي هلاکي.

[١٦]
هن ڪاڏ ۽ خوراڪ کان وهندي وڌي وئي،
اُسرڻ سان ڪلي دل ۾ شناخت جي دري وئي،
جذبات جي ڪا جسم اندر لهر لنگھي وئي،
هڪ ڏينھن انھيءَ موج کان ماٿر ۾ پچي وئي؛
نوڙيءَ جي جھل جھڪور اجھل دل کي چا ڪندي؟
زنجير زبر دل اڳيان ڪھڙو جتا ڪندي؟

[١٧]
هيءَ حال ڏسي چاند جو چارڻ ويو وسامي،
ارمان کان روشن ويو اُميدن جو اُجهامي،
'چاڪون وٺي چاندني اٿين اکين مان اُڏامي،
ڪمبخت جي ڪيڏي نہ ڪئي غرض غلامي؛
منٿن سان مڙي ڪين مچي ڪين مچيائين،
ڪنڌ-لوڏ سان آخر صفا انڪار ڪيائين.'

[١٨]
چارڻ چيو 'چاندني! موکي ويندينءَ ڇو وساري؟'
'مين مين' ۾ چيائين 'موکي ٻن ٻن ٿو پڪاري،
قدرت جي ڪکن ڏي ٿي نظر روز نهاري،
آءٌ چا ڪريان! دل ٿي سدا سائين کي سنڀاري'؛
چارڻ چيو 'بيخبر! توکي ناھر جي خبر ناھہ؟'
چي 'پل مران، موکي نہ مرڻ جو ڪو فڪر ناھہ.'

[١٩]
'ڪوشش مان ڪندس سر جي بچائڻ جي سگھن سان،
لوهو کي مکيندس مان مثل ايل لڱن سان،
چيري پلي بي قياس سندم ماس چنبن سان،
هيڪر مان هچاري سان ڪندس ٻوڙه هڏن سان؛
آخر جي بچيس ڪين ڪو غم ناھہ مرڻ جو،
جيئڻ آ، مرڻ کان برو، ڳڻتيءَ ۾ گھرڻ جو.

[٢٠]
اي خان! پگل دل کي ملائڻ محال آھہ،
آزادگي جي آش مٽائڻ محال آھہ،
هن باھہ اندر جي کي وسائڻ محال آھہ،
گردن رسيءَ اڳيان به جھڪائڻ محال آھہ'؛
نااميد ٿي گھن گھور اندھيريءَ ۾ گھر ويو،
پر نگيءَ ۾ ڏسي پينگ مومردل جو من پريو.

[٢١]
ٽپڪي ٿي چاندني اُلي آنند-پون ۾،
هيڏي ڦري، هوڏي ڪري گد گد ٿي گلن ۾،
گذري ويو گھڙيءَ ۾ ٿي سڄو ڏينھن سکن ۾،
'چت چت' ٿي ڪٽي چاهہ مان ٻن ٻن ۾ چمن ۾؛
هڪوار هيٺ عارضي نظرن سان نهاريو،
چارڻ جي جھوپڙي نہ مگر دل کي ڏٺا ريو.

[٢٢]
سوراج پيو چپي چڪ کان ڪارنھن جي ڪوٽ ۾،
هئي چاندني افسوس اڄ اولاد جي اوٽ ۾!
چيخڙن نہ ڪيون دل جھلي ناھر جي چوٽ ۾،
ماريو گھڻو منحوس جي مستيءَ کي موٽ ۾؛
فاني نہ مرڻ سان مٽي هيءَ سوپ اُمر هئي،
هن موت جي افسوس پڪين ۾ به ٻچر هئي!

ناٽڪ لکندڙ

ماتا جي ممتا

مسٽر منگهارام اُڌارام ملڪاڻي، بي. اي.

ڇهڙو پهريون

[گجرات ۾ هڪ ڳوٺاڻو نظارو. هڪ پاسي کان شِوُ مهاراج جي مندر جو آڳنڊ پيو ڏسجي. ٻئي پاسي هڪ نهر وهندي وڃي، جنهن جي ٻنهي پاسن کيت پکڙيا پيا آهن. نهر جي هن ڪناري تي وڻن جي ڇانو هيٺ ٻه ٻالڪ، پير پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو ڳالهيون ڪري رهيا آهن. ڇوڪري ڳوٺاڻي آهي، ڇوڪرو شهر واسي.]

ڪسم – ڪانتا، هي ئي نهر منهنجي شهر احمدآباد مان وهندي پئي اچي، ۽ تنهنجي هن ڳوٺ مان لنگهندي وڃي. ڏس، سندس ڇوليون ڪيئن پيون تنهنجن پيرن سان رانديون ڪن ۽ کين چمن!

ڪانتا – نه ڪسم، اهي ڇوليون ته مون کي توهانجي شهر ڏانهن ڪونه آيون آهن، ۽ اسانکي هڪٻئي کان ڌار ڪرڻ آيون آهن.

ڪسم – ڌار ته ڪجهه وقت ٿيڻو آهي. پر جدائي جي سمي ۾ به اهي ڇوليون ئي منهنجا نينهن جا نياپا شهر مان کڻي اوکي هتي پيون پهچائينديون.

ڪانتا – پر هي ڏينهن توهانجي پريم ۾ گهارڻ کان پوءِ جدائيءَ جو سمو ڪيئن ڪاٽي سگهبو؟ توهانجي اچڻ کان اڳ ته مان ڳوٺاڻي هاج ورتڻ ۾ ئي هوندي هيس، پر هاڻي جڏهن منهنجي سُتل دل کي جاڳايو اٿوَ......

ڪسم (ڳراهٽڙي پائي) – ڪهڙيون نه دک ڀريون ڳالهيون ٿي ڪرين! پر مونکي ته سياڻي موٽي احمدآباد وڃڻو آهي. تنهنجي پتا زمين جي مقاطعي جا پئسا نه ڏينهن ٻن ۾ پورا ڪري ڏنا. تنهن کانپوءِ به پنج اٺ

ڏينهن بنا ڪم جي توهان جو مهمان ٿي رهيو آهيان. هاڻي وڃي پنهنجي پتا جي ڏنڍي ڏاڙيءَ کي لڳان.

ڪانتا – پر توهان ڪانسواءِ منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو! هي وڻ ٽڻ، نهرون ۽ کيت مٿائي ڪين لڳندم. تنهنڪري ته پريم جي پوڄا ٿي نه وڃهوم ها ته ايترو ڏک نه سهڻو......

ڪسم (اُڀرائيءَ سان) – ٺڏهن منڙي، مان اڄ ٿي تنهنجي پتا کان تنهنجو سڱ گهري ٿو وٺان. سڀان توسان لڳن وجهي پاڻسان شهر وٺي هلندوسانءِ.

ڪانتا – پنهنجي زميندار سان سڱ ڳنڍڻ ۾ ته پاڻ پنهنجو فخر سمجهندو. پر توهانجي پتا جي مرضي بنا هو پنهنجي موڪل ڏيندو ٿي ڪين.

ڪسم – پر مان پنهنجي پتا جي مرضي لاءِ جوابدار آهيان. مان سندس هڪڙو ئي پٽ آهيان، هو مونکي ناراض ڪندو ئي ڪين.

ڪانتا – پر توهين شاهوڪار زميندار آهيو، اسين وري ٻ ڳوٺاڻا مقاطعدار، پنهنجن هٿن سان کيتي ڪندڙ آهيون. اُهي ٻ توهانجون ڀلايون جو ڪڏهن ڏنڍي ڏاڙيءَ سان اچي اسان غريبن جا مهمان ٿا ٿيو. باقي سڱ ڪرڻ ته توهانجو پتا مور ڪين مڃيندو.

ڪسم – جي منهنجي پتا اهي جهوني زماني جون رنڊڪون وڌيون ته مونکي سندس منظوريءَ جي درڪار ڪانهي. مان ڪاليج ۾ پڙهيل آهيان، مان اهي اوچ نيچ جا ڪوڙا ڀيد مٽائي پنهنجي روءِ سوءِ توسان شادي ڪندس.

ڪانتا – پر منهنجي پتا کي ٻ پنهنجي ڳوٺاڻي آب مان جو گهمنڊ آهي. توهان جي پتا جي انهي سڱ ڪرڻ مان پنهنجي گهٽتائي سمجهي ته منهنجو پتا ٻ اُن مان پنهنجو اپمان سمجهندو، ۽ مونکي شاديءَ جي موڪل ڪانه ڏيندو.

ڪسم – ته تون ٻ نئين زماني جي ڇوڪري آهين، شڪول ۾ پڙهي آهين. ماڻت جي هر ويرو غيروا جي سختي ڪندا، ته اسان کي پنهنجي پريم ۽ سڪ همت ڪرڻ جو پورو اڌڪار آهي. اسين پاڻهي هلي هڪ ٻئي سان وواهه ڪنداسون.

ڪانتا – نه نه، مان ڳوٺاڻي ڇوڪري، ماٽتن جي موڪل بنا اهڙو ڪم ڪانه ڪري سگهنديس. اسان ۾ اڃا ايڏي همت ڪانه آئي آهي. تنهن ۾ سٺي صلاح آهي ته توهين ڀرئين پتا کي مڃائي اچو ته پوءِ منهنجو پتا ٻ نانهن ڪانه ڪندو. ليکين مان توهانجي يادگيريءَ ۽ اميد ۾ ويٺي هن جهنگل ۾ اڪيلي گهاريندس.

ڪسم – پر مان توکي جهنگل ۾ اڪيلو ڪئن ڇڏي ويندس؟ مان ڏينهن ٻن ۾ پتا کي مڃائي اچي توکي موٽي ملندس.

ڪانتا – باقي جي توهان جي پتا ٻڌهه نه مڃو ته پوءِ ڪهڙو حال ٿيندو! لاچار هڪ ٻئي جو پيار سهسائي ڏار گذارڻو پوندو، ۽ ساري جيوت ۾ هي اُت ڏهه ڏينهن هڪ سندر سپنو ڪري سمجهبو.

ڪسم (جوش ۾) – نه نه، ائين نه چئه. تون سمجهين ٿي ته مان اهڙو ڪانئر آهيان جو پتا جي ڏمڙيءَ ڏري ويهي ويندس ۽

تنهنجي جيوت دکي ڪندس؟

ڪانتا - پر ماءُ پيءُ جي رنج مان ٻارن کي سچو سک پراپت ٿي ڪين سگهندو. مائٽن کي رنج ڪرڻ کان ته پنهنجي دل جو رنج سولو سهي سگهبو.

ڪسم - نه ڪانتا، مان ساري سنسار جو رنج سهندس پر تنهنجو رنج ڪين سهي سگهندس. جي توکي اهو خوف آهي ته مان پتا جو رنج ڏسي توکي ڀلجي ويندس ۽ دکي ڪندس، ته توکي وشواس ڏيارڻ لاءِ مان اڄ ئي توسان گندرو وواه ڪري ٿو ڇڏيان.

ڪانتا - مونکي توهان ۾ پورن وشواس آهي. توهين اجايو خيال ٿا ڪريو. ائين ڪئن ٿيندو!

ڪسم - ڇو ڪين ٿيندو؟ (مندر ڏانهن اشارو ڪري) شوءُ مهاراج جي مندر ۾ هلي، شوءَ ۽ پاربتيءَ جي مورتيءَ کي ساکي سمجهي، مان توکي پتني بنائيندس.

ڪانتا - پر اُنجو ڪهڙو ضرور آهي؟ مونکي توهانجي سچائيءَ ۾ ڪو انديشو ڪونهي. مان ايشور وٽ آرادنا ڪندي رهنديس ته توهين شل پتا کان موڪل وٺي موٽو، ۽ پوءِ ڌرم انوسار مونکي پنهنجي ... (شرمائجي) پتني بنايو.

ڪسم - پر گندرو وواه ڪرڻ ۾ هرج ئي ڪهڙو آهي؟ اها ته دل جي شنڪا مٽائڻي آهي، اندر کي ٿاپر ڏيڻي آهي. اڄ مونکي اهو انڀو ٿيو آهي، ته اڄ ته هلي شوالي ۾ اهو شڀ ڪارج ڪريون.

ڪانتا - توهانجي جي هرويرو اها اڇا آهي ته مان ناڪار ڪري نٿي سگهان. پر منهنجي وينتي آهي ته انهي آتمڪ وواه کي توهين لاچاري بنڌن نه سمجهجو، ۽ وڏي مائٽ کي پيويءَ پر دکي نه ڪجو.

ڪسم - مونکي پڪ آهي ته پتا منهنجي چاهنا کان ٻاهر ڪين ويندو. ڪٿي ٿورڙ رنج هوندو، ته به هنجو مونتي ايڏو آدر آهي جو پنهنجو سُور پي به منهنجي دل وٺندو. تون ڏينهن ۾ اچي مان توسان پوهم لڳن وجهندس.

ڪانتا - ته ڇو نه اهي ٿورا ڏينهن ڌيرج سان ترسون ۽ پوءِ اڳو پوءِ کليو کلايو وواه ڪريون؟

ڪسم (پيار ڪري پائي) - ڏس منڙي، هاڻي وڌيڪ هوڏ نه ڪر، منهنجي دل وٽ. مون گندرو وواه ڪري اڄ ڀاڳاڙيءَ جي ڏينهن هڪ ٻئي جي آتما کي اوڏو ٿيون! مون ڀاڳاڙيءَ جي ڏينهن ڪجهه قدر هڪ ٻئي جا ٿي رهون! سڀان ته مان موٽي ٿو وڃان.

ڪانتا - هڪ ٻئي جا ته تڏهن کان آهيون جڏهن کان دلين ۾ پريم اُتپن ٿيو. پر ووري به توهانجي اڇا. ڀاڳاڙيءَ جي ڏينهن توهان کي ناراض ڪئن ڪريان؟ ڀلي هلو.

[اٿي، ٻانهون هڪ ٻئي جي چيلهه ۾ وجهي، مندر ۾ اندر وڃن ٿا.]

ڇهون پيو

[ٻارهن مهينن پڄاڻا، ڪانتا جي پتا جي گوٺاڻي جڳهه ۾ هڪ ڪمرو جنهن ۾ ڪي منجيون ۽ تڏا پيا آهن. هڪ پاسي کان ٻارڙو پينگهو پيو آهي، جو ڪانتا پٺ تي ويهي

جهولي رهي آهي، لولي ڏيندي وڃي سڏڪا ڀري رهي آهي. ڪجهه مدت کان پوءِ سندس پتا، هڪ شوخ طبع ٻڍو مڙس، اندر اچي ٿو، ۽ هٿ ۾ هڪ تازو آيل خط اٿس.]

ڪانتا (انتظاري ۾) - پتا جي، ڪهڙو جواب ڏنو اٿس؟

پتا (خط ڏانهنس اڇلائي) - پنهنجي اکين سان پڙهي ڏس.

(ڪانتا ڏڪندڙ هٿن سان خط کڻي پڙهي ٿي، اکيون ڦاٽي ٿيون وڃنس ۽ خط هٿن مان ڪري ٿو پويس ۽ چوي ٿي:)

ڪانتا - ها! نيٺ صفا جواب ڏنا ٿئين!

پتا (منهن ۾ شور) - مون ته توکي شروعات کان چتايو هو ته هو مونندو ئي ڪين، پر تون پورڙي ٻچڙي ۾ ته آشا رکندي آئين.

ڪانتا - پر اڳين خط ۾ اميد ڏنا ٿئين ته پتا کي مڃائڻ ۾ هاڻي ويرم ڪا نه لڳنديم، باقي ٿورن ڏينهن ۾ اچي ٿو سان......

پتا - اهي ٿورا ڏينهن سندس شروعات کان هلندا اچن، نيٺ هاڻي اچي ڪٿا آهن! هيترا مهينا نسورا بهانا ڏيئي پئي توکي ڦسلايو اٿس.

ڪانتا - نه پتا جي، هنکي ڪيتريون رنڊڪون آڏو هيون، پر سندس نيت صفا هئي. لکندو هو ته مڙئي مٽن مائٽن، سنگتين ساٿين کي سخت اعتراض آهي، جنکي آهستي ڪري پيو سمجهايان ۽ مڃايان. ڪجهه وقت سندس پيئرن مٺ مڃايو هو، تنهنکان پوءِ ماتا کي مڃايائين، نيٺ پتا کي...

پتا (ڪاوڙ جي) - بس بس، انهن بهانن تي تون نڳجي ويندين ۽، مونکي وري وري نه ٻڌاءِ. مان انهن شهري شاهوڪارن کي سڃاڻان. هنکي تو ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ سان وواهه ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪو نه هو. ڪوڙا دلبا ڏيئي، توکي ڌتاري، تنهنجو سيل بگاڙي، هاڻي احمدآباد ۾ قابو ٿي ويهي رهيو آهي.

ڪانتا - اوهين هنسان انياءُ ٿا ڪريو. هنجو مونسان دلي پيار هو، هنجو مونسان وواهه ڪرڻ جو سچو ارادو هو، پر هاڻي لاچار......

پتا - پر هاڻي هن پنهنجو پيار هٽايو آهي، پنهنجو ارادو مٽايو آهي. مائٽن جو اعتراض ڏسي هو ڪانئر ٿي ويو آهي ۽ تو ڳوٺاڻيءَ سان وواهه ڪرڻ ۾ گهٽتائي ٿو سمجهي.

ڪانتا - نه پتا جي، هو گهٽتائي سمجهي ها ته شوءُ مندر ۾ مونسان گندرو وواهه ڪيئن ڪري ها؟

پتا - اها ئي ته ڳالهه آهي جنهن هي مهينا منهنجو ٻوت ٻڌو آهي. ماڻهن جي چوڻ ٻڌڻ کي به انهي ڳالهه سان منهن ڏيئي سگهيو آهيان. پر اها به هن بدمعاش جي چالاڪي هئي. نه ته جڏهن تنهنجي گرڀ جي سڌ پيم تڏهن توکي اُماڪ زهر ڏيئي پورو ڪري ڇڏيان ها.

ڪانتا - پتا جي، مون به تولڄائيءَ ۾ ڏکن سمو ڪاٽيو آهي. هون ۽ نه انهي بيشرميءَ کان ٻاٽيهي پاڻ کي پورو ڪري ڇڏيان ها، پر سندس وچن جي سهاري پئي ٽڪي آهيان.

پتا - انهي ڪميني جي وچن تي ڪهڙو
ويسهه آهي! هاڻي وري ٻڌاڙيءَ جو ٻولو
ڪهڙو بنايو اٿس ڇي ...... (خط پٽ مان
ڪڍي ٿو پڙهي) ”منهنجو پتا اها ڳالهه ٻڌي
اوچتو بيمار ٿي پيو آهي ۽ سندس جان
جوکي ۾ آهي. تنهنڪري مان پتا کها ٿيءُ
جو ڪلنڪ ڀاڻتي ڪئن ڪٽان ۽ پنهنجي ٻن
کي هاڻي ڪئن ڏيان؟“ اٿوڙي ڪنهن
جاهه جو! ڏس ڪهڙي چالاڪيءَ سان
ويساهه گهاتي ٿو ٿئي!

ڪانتا - نه نه، مان نه اڃا به سمجهان ٿي
ته سندس سبب سچو آهي ۽ لاچاريءَ جي
دشا ۾ هن اهڙو خط لکيو آهي. مونکي ته
اڃا به آشا آهي ته هو ڪڏهن نه ڪڏهن
رلڏڪون ريئي اچي مونکي بدنامي ۽
کان بچائيندو.

پتا - اها ڪنهن ٿي کائين ...... پر هاڻي جا
(پيٽ ڏانهن اشارو ڪري) ٻار پيدا
ٿيڻ جي پڌرائي ٿي آهي تنهن کي مان
ڪهڙو منهن ڏيان! هاڻي ته مها ڇڻ اهو
عذر پڌرُ ٿي لٿا ته گندرو وواهه ٿيل آهي
۽ ٻار جو پتا جلدي اچي ٻوهه لڳن
ڪندو. پڌان پيو ته سگهوئي اسان کي
ٿا لهيون لاهي ڇڏيندا. (خفي ۾) اهو ته
منهنجي ڪُل تي ڀاري ڪلنڪ اچي ويندو.

ڪانتا - پتا جي، جي توهان کي نشچو
آهي ته هو موٽي ڪين ايندو، ته مان ائين
سمجهنديس ۽ سڀني کي ائين ٻڌائينديس
ته هن ٻالڪ جو پتا گذري ويو ۽ مان ٻوهه لڳن
ڪرڻ کان اڳ وڌوا ٿي پيس. ماڻهن کي
سڌ ته ڪانهي ته هو ڪير هو.

پتا (جوش ۾) - پر انهي ٻار کي ڏسي ته
منهنجون اکيون ٽيون رت ڇڏين. اهو
منهنجي گهر تي ڪوڙهه جو ٽڪو آهي.

ڪانتا - ويچاري ٻالڪ جو ڪهڙو دوش،
پتا جي؟ دوش ته مون اڀاڳڻ جو آهي.
مونکي گهر مان لتون هڻي هڪالي ڪڍو
ته اُن سزا لاءِ تيار آهيان. هيڏي اناٿ
سنسار ۾ وڃي ڪٿي نه ڪٿي هن ٻالڪ
جي پالنا ڪنديس.

پتا - تنهن کان ته وڃي ٻالڪ سوڌو نهر
۾ ٽپي پئو جنهن جي ڪناري تي تنهن رات
گندرو وواهه کان پوءِ موٽي پنهنجي پريءَ
سان پيار ٿي ونديئه.

ڪانتا - اڪيلي هجان ها ته ائو اسانئي ۽
۾ ائين به ڪريان ها، پر هاڻي ته هن ٻالڪ
لاءِ مونکي جيئڻو ٿي آهي ۽ هنجي پوري
پالنا ڪرڻي آهي. اهائي هڪ نشاني
آهي جنهن کي ڏسي اهو پريم جو سمو پيو
ياد ڪبو، جنهن سان جيوت جي اونده
۾ ڪي ڪجهه اُجالو ٿيندو.

پتا (ڪاوڙجي) - ڇوڪري، تون پنهنجي
ٻاپ لاءِ پڇتائڻ بدران اُنهي فخر وٺي رهي
آهين! شرم ۾ ٻڏي مرڻ بدران ڪنڌ مٿي
ڪري پتا سان سوال جواب ڪري رهي
آهين!

ڪانتا - پتا جي، مون پنگت جي ڪري
برابر پاپ ڪيو آهي، پر سچي پريم ۾ پاپ
ٿئي ٿي ڪين. پريم ڪري مان نڪو پاپ،
نڪو دوش آهيان.

پتا (گجيءَ ۾) - تون ڪلٺا آهين، بازاري
وٺيا آهين! تو پنهنجي اباڻي آکهه جو
ننگ ناموس ناس ڪيو آهي. تو منهنجو هيڏو
مان مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيو آهي. توکي اُن
لاءِ جوڳي سيکت ڏيڻ کپي.

ڪانتا - مون نه پاڻ چيو نه مان ٿي سيکت
لائق آهيان ۽ سهڻ لاءِ تيار آهيان.

پتا - پر مان رڳو توکي نه پر انهي ٻالڪ
کي به سيکت ڏيندس. ٻلڪ اهڙي سيکت
ڏيندس جو ٻالڪ دوارا توکي به اُها

سيڪنڊ ڀڄي ويندي.

ڪانتا (گهٻرائجي، هٿ ۾) - ڇا چيو! ٻالڪ ڏوارن مونکي سيڪنڊ ڏيندا. توهانجو مطلب؟

پتا - چيو مان ته انهي ٻالڪ کي ڏسي منهنجون اکيون ٺريون ٿا ٿن، منهنجو رت ٿو ٺهڪي. مان انهي ٻار کي نڙيءَ تي ننهن ڏيئي تنهنجي اڳيان پورو ڪندس.

ڪانتا (ٻار کي ڇنڊڙي) - ڇا! هن ابهم کي پورو ڪندا! پنهنجي آندي، پنهنجي ڌيءَ جي ٻالڪ کي پنهنجن هٿن سان گهٽڪو ڏيندا!

پتا (ٺٺولي سان) - پنهنجو آلدو! ڌيءَ جو ٻالڪ! ...... حرام جو ٻالڪ چئه! ڪام جو ٻالڪ چئه! مان هنکي ضرور پورو ڪندس ۽ پنهنجي ڪٽنب تان اهو حرام جو ٽڪو لاهيندس.

[وڌي ڪانتا کان ٻار کسڻ جي ڪري ٿو. ڪجهه وقت هوءَ ٻار ڇاتيءَ سان لڳايو ڪيڪون پيئي ڪري: ”ڌاها ٿيو! مهر ڪريو! پتا آهيو ڪين ڪسائي!“ پر هو پڌواڻ پڌو ڪري نيٺ ٻار کسي ٿو وٺي.]

ڪانتا (گوڏن ڀر ويهي، سندس پاؤ پڪڙي) - پتا جي، جي توهان کي ايڏو ظلم ڪندي ڪهڪاءُ ڪونه ٿو پوي، ته ڀريائين مونکي ماري پوءِ منهنجي ٻالڪ کي پورو ڪريو.

پتا - اُنمان ڇا وريو! مان ته تنهنجي اکين اڳيان هن ٻار جو دم ڪيندس. اها ٿي تنهنجي سيڪنڊ ٿيندي، ته اڳتي ڪام وس ٿي اهڙو ڪڌو ڪم نه ڪرين.

[ٻار جو مهن ڪولي اُن جي نڙي دٻائڻ ٿي آهي، ته ڪانتا اُچانگ ماري اُٿي ڪڙي تي ٿئي ۽ وڏي دٻاو سان چويٿي]

ڪانتا - پتا جي، مون هيلتاءِ آگيا وان ڌيءَ وانگر عزت سان توهانسان ورتاءُ پئي ڪيو آهي. پر جي توهين مهرٻان پتا جي بدران ڪٺور شترو جهڙو ورتاءُ ڪندا ته مونکي به لاچار ڪٺور ٿيڻو پوندو.

پتا - ڪڪرم ڪرڻ مان تنهنجو پڙ ڪونه ٿيو، هاڻي تون پتا کي ڌمڪائين ٿي! پر تون زال ذات، ڪٺور ٿي سگهندينءَ؟ تون ڪهڙو مونکي هرج پهچائي سگهندينءَ؟

ڪانتا - برابر مان ابل ناري آهيان، پر پنهنجي ٻالڪ جي جان بچائڻ لاءِ ابل ماتا به خونخوار شينهڻ ٿيو پوي. ماتا جي ممتا عجيب شيءِ آهي.

پتا - بس بس، انهن سڪڻن دڙڪن پٺ مان دٻجڻ وارو نه آهيان. اجهو ٿو توکي گستاخيءَ جو پورو سبق سيکاريان. هاڻي اکيون کولي ڏس. (ٻار کي گھوگھو ڏيڻ جي ڪري ٿو.)

ڪانتا (واڪو ڪري) - پتاجي، سنڀاليو! وري به ٿي چوانؤ مونکي ديواني نه بنايو.

پتا - صبر! جيڪي ڪرڻو هجيئي سو ڪر! ...... هاڻي وٺ!

[ٻالڪ کي گھوگھو ڏئي ٿو، ته ڪانتا هيڏانهن هوڏانهن نهاري، پرسان هڪ ڪپڙن سبڻ جي سوٽي ڪٺي پئي ڪي ڪا ٻار ڌارو ڌڪ هڻي ٿي ڪڍي. هنجي واتان دکدائڪ چيخ نڪري ٿي وڃي، مغز مان رت ڦڙي ٿو نڪري، ڦان ٿي زمين تي ڪري ٿو پوي ۽ اُقت ساهه ٿو ڏئي. پر ڪرڻ کان اڳ ڪانتا ٻالڪ هن کان کسي پنهنجي ڇاتيءَ سان ڪٺي ٿي لڳائي. پوءِ هراس ۾ پيءُ جي لاش ڏانهن نهاري واڪو ڪري ٿي.]

ڪانتا - پتا جي! پتا جي! (پتا جي بت کي جاچي) هان! هي ڇا ٿيو! ...... مون ته پنهنجي ٻالڪ جي جان ٿي بچائي، پر مرگو ...... پتا گهاتڻ! ها!!

(اٿي دڪ ۾ پتا جي لاش مٿان ڪري پوي ٿي، پر ٻالڪ ڇاتيءَ سان لڳو پيو اٿس.

نوٽ:- هيءُ ناٽڪ لکندڙ جي موڪل بنا ڪو به شٽيج تي نه آڻي، نڪي ڇپائي.

قرضن جو بل

ليکڪ:- مسٽر ٻولچند وسومل راجپال، بي - ايس سي.

گذريل نومبر واري پرچي ۾ سيد غلام مرتضيٰ شاه وارو قرضن جو بل درج ڪيو ويو آهي. انهي جي پڙهڻ سان "سنڌو" جي پاڙهڪن کي معلوم ٿي ويو هوندو ته ايندڙ سنڌ اسيمبلي ۾ اهو بل ڪهڙي صورت ۾ پيش ٿيڻ وارو آهي.

هن بل سنڌ جي هندن ۾ بلڪل زياده بي آرامي پيدا ڪئي آهي. هندن کي اهو وشواس آهي ته اهو بل خاص هندن کي نقصان پهچائڻ جي خيال سان پيش ڪيو ويو آهي. هندن جو قرض سنڌ جي مسلمانن ڏانهن اٽڪل ٣-٤ ڪروڙ روپيه ٿيندو، جنهن جي رد ڪرائڻ يا گهٽ ڪرائڻ سانگي هي بل گهڙيو پيو وڃي. هوڏانهن بل آڻيندڙ مطلبن يا سببن جو بيان ڪندي چئي ٿو: "آبادگارن جي قرضداري حد درجي تي وڃي پهتي آهي ۽ وقت آيو آهي جو کين اُن مان ڇوٽڪاري ڏيڻ لاءِ خاص اُپاءَ ورتا وڃن. اهو چڱيءَ طرح محسوس ڪيو ويو آهي ته رواجي طرح آبادگار گهڻو ڪري اڻ پڙهيل آهن ۽ ملڪي قاعدن کان اڻواقف ۽ غريب آهن. قرض ڏيندڙ جيڪي بي انصافيءَ جا ۽ غير واجبي رستا اختيار ٿا ڪن سي ۽ هاڻوڪا منجهائيندڙ ملڪي قاعدا آبادگارن جون تڪليفون وڌائن ٿا......"

"هن مسوّدي جي مراد آهي ته آبادگارن جي فرقي جا جهونا قرض جي ڪيترن ئي سببن جي ڪري سندن حياتيءَ ۾ سهڻ کان ٻاهر بوجو ٿي پيا آهن لنهجو انبرو ڪجي."

هندن جي دلين ۾ ڌپ انهي ڪري به پيدا ٿيو آهي جا ڪاڻ ته گهڻي ڀاڱي قرض ڏيندڙ هندو آهن ۽ قرض وٺندڙ مسلمان آبادگار جنجي ڇوٽڪاري لاءِ هي بل پيش ڪيو پيو وڃي.

انهي ۾ ته ڪو شڪ ڪونهي ته هارين جي حالت بلڪل قياس جوڳي آهي. آن جي اگهن لهي وڃڻ سبب هارين کي اُپراسو ايترو نٿو ٿئي جو پنهنجو قوت گذران ڪري سگهن. تن کي کين ايترو گيان آهي جو کيتيءَ جا نوان طريقا ڪم آڻي پنهنجي اُپت وڌائي سگهن. هو اڳين قرضن ۾ ڦاٿل جي رهيا آهن.

ليکڪ

سنڌ ۾ ڪاروبار کي سخت ڌڪ لڳو آهي. سنڌ لاءِ اڳيان قرض ڳرو بوجو آهن جو سهڻ کان ٻاهر ٿي پيو آهي.

هينئر سوال ٿو اٿي ته انهن جي ڇوٽڪاري لاءِ ڪوئي ڪو رستو ڳولي لهڻ کپي. جي رستو نه لڌو ويندو ته خراب نتيجن نڪرڻ جو ڊپ آهي. تازو سنڌ جي گورنر به حيدرآباد واري دربار ۾ آيل زميندارن کي آگاهه ڪيو ته "هارين جي مالي حالت بلڪل بگڙيل آهي ۽ انهي ڪري انهن ۾ بي آرامي آهي. زميندارن کي ڪوشش ڪري هارين جي حالت سڌارڻ گهرجي وغيره."

هارين جي خراب حالت کان مسٽر نهچلداس به غير واقف ڪونه آهي. هن جو رايو سنڌ جي هندن جو رايو سمجهڻ کپي. هو هڪ پڌرائي ۾ لکي ٿو: "اسانجي هارين غريبن جي فائدي ۾ آهي ۽ آبادگارن جي بچاءَ جي به فائدي ۾ آهي."

هن مان صاف ظاهر آهي ته آبادگارن جو بچاءُ ٿيڻ کپي. انهن ڪوئي ته هن قسم جو قاعدو فقط سنڌ ۾ گهرجي رهيو آهي! ٽراونڪور رياست، پاؤنگر رياست ۽ وچن علائقن ۾ هن قسم جو انڪت عمل هيٺ اچي رهيو آهي. بمبئي سرڪار، مدراس سرڪار ۽ ٻيون پرانتڪ سرڪارون به اهڙي قسم جا قانون پاس ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن. ڪانگريس وزارتون اهڙن بلن جي پٺ ڀرائي ڪري رهيون آهن.

سنڌ ۾ به اهڙي بل جي ضرورت آهي تنهن ۾ ته ڪو به شڪ ڪونه آهي. پر جنهن صورت ۾ اهو بل پيش ٿيل آهي سو بلڪل اعتراض جوڳو آهي. ان مان صاف ٿي صاف هندن کي مسلمانن جي پاسداري جي بوءِ اچي رهي آهي. اهڙي بل جو مقصد ٿيڻ گهرجي عام آبادگارن جو بچاءُ. چڪ ڪانفرنس وقت بولاڻي ديساڻي هڪ تقرير ۾ چيو: "قرض جو بل اهڙي ريت ٺهڻ گهرجي جئين آبادگار سولائي سان قرض ادا ڪري سگهن. جيڪڏهن قرض معاف ڪيا ويندا ته اهو مسئلو ڪو حل ڪونه ٿي ويندو. ڪهڙي خاطري آهي ته آبادگار وري قرض ڪو نه ڪڍندا؟"

سيد غلام مرتضيٰ شاهه چڪ ڪانفرنس ۾ صاف چيو ته "منهنجو مقصد هن بل پيش ڪرڻ ۾ ڪنهن به فرقي کي رنجائڻ جو ڪونه آهي. مان اهڙيون درستيون قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان جي سنڌ جي سڀني فرقن کي پسند هجن."

ڪانگريس جو رايو ان باري ۾ صفا آهي ته ملڪ جي حالت تڏهن سڌرندي جڏهن عام ماڻهن جي حالت سڌرندي. عام ماڻهو معنيٰ هاري ناري، ڇاڪاڻ ته هندوستان جي ٨٧ سيڪڙي ماڻهن جو گذران کيتي تي آهي. جيڪڏهن ٨٧ سيڪڙو ماڻهو ڏکي آهن ته سارو هندوستان ڏکي سمجهڻ کپي.

جيڪڏهن مٿين خيال يعني عام ماڻهن جي حالت سڌارڻ سانگي ڪو قاعدو گهڙيو وڃي ته پوءِ ڪنهن به ويچاروان ماڻهو کي انجي پاس ٿيڻ ۾ اعتراض ڪونه ٿيندو، پر هڪ خيال ضرور ڌيان ۾ رکڻ کپي ته ڪنهن خاص فرقي سان بيواجبي طور ته

بي انصافي نه ٿي ٿئي.

ٻي ڳالهه جا ڌيان ۾ رکڻ کپي سا اها ته آبادگارن کي ڪو به قاعدو، پوءِ اهو ڪيترو به سنڌ لاءِ مفيد چو نه هجي، تيسين فائدو نه پهچائيندو جيسين هو گهڻ خرچائو عادتون نه ڇڏيندا. تنهن لاءِ ضرور آهي ته کين سنجم سيکارڻ جي ڪوشش چالو ڪرڻ کپي.

ٽين ڳالهه جا ٿيڻ گهرجي سا اها ته کين کيتي جا نوان ۽ گهٽ خرچائو طريقا سيکارڻ کپن جئين هو پنهنجي آمدني وڌائي سگهن.

چوٿين ڳالهه اها آهي ته هارين ناريل کي علم جي روشني ڏيڻ کپي جئين هو پنهنجو فائدو ڳڻي سگهن ۽ پنهنجو وقت اجايو وڃائڻ بدران کيتي جي واڌاري ۽ ترقي ۾ لڳائي سگهن.

هي جو ڪي ماڻهو سمجهي ويٺا آهن ته هن قاعدي پاس ٿيڻ سان غريب هاري قرض کان لچاءِ پا ٿيندا سي ڪنڊ ٿا ڪائن. جيسين هر طرف کان هارين جي حالت سڌارڻ جي ڪوشش نه ونبي تيسين ڪو به خاطر خواه نتيجو نه نڪرندو.

هارين وٽ وافر پئسو نه ٿئي ڪو نه. جيسين نئون فصل لهي تيسين کاڌي لاءِ، بيماري جي حالت ۾ دوا لاءِ ۽ شادي غمي جي وقت ۾ مهمان نوازي لاءِ کين ضرور پئسو کپي. اهڙي سخت گهرج جي وقت ۾ هو ضرور کنهن نه کنهن سود خور جي وچ ور چڙهندا. تنهنڪري سود خورن کانسواءِ به چرخو هلي نه سگهندو.

هي بل اهڙي رٿ رکڻ کپي جئين سود خور فرقو صفا ناس نه ٿئي ۽ هو بيوا جبي ڳرو وياج وٺي نه سگهي ۽ هاري به هوريان هوريان صرفو ڪرڻ سکن جئين وري قرض نه کڻي پنهنجي ڪمائي تي راضي رهن. اهو نه ٿيو آئينده جي قرض جي باري ۾.

بل آئينده ۾ پاڙنگر ۽ ٽراونڪور رياستن ۽ وچن علائقن جو مثال ڏنو آهي ته قرض جا بل اُتي مروج آهن.

موتوت پاڙنگر رياست جي قرض واري بل جي ڪاپي موجود آهي. ان اصول تي جيڪڏهن قرض جو انيمرو ٿئي ته ڪنهن به سنڌواسي کي اصل اعتراض نه ٿيندو. فيصلي ٿيڻ بعد اُتي لهڻيدار کي قرض سرڪاري خزاني مان مليو آهي. جي سنڌ سرڪار به قرض کڻي لهڻيدارن جي پوراڻي ڪري ڇڏي ۽ ڏنل پئسا سرڪار ننڍين قسطن رستي وصول ڪري ته هي مسئلو سولائي سان حل ٿي سگهندو. مدراس سرڪار به اهڙي نموني هن سوال جي حل ڪرڻ جو ويچار ڪري رهي آهي.

باقي جي سنڌ سرڪار فقط فيصلن ڪرڻ تي ڪمر ڪشيندي ۽ انهن جي اڳاڙي ڏيڻ جو بلو نه ڪندي ته سنڌ جي ڪارپت کي سخت ڌڪ لڳندو ۽ غريب هاري جي تڪليف جي وقت ۾ سود خورن ڏانهن پڇن ٿا سي گهرج وقت انهن کان پائي به وٺي نه سگهندا. جي غريبن جي قرض کان هميشه لاءِ جند آزاد ڪرائڻي آهي ته فقط مٿيون رستو ئي ڪارگر ٿي سگهيٿو.

پيش ٿيل بل ۾ هڪ ٻي وڏي خامي آهي جو قلم ٢ (و) ۾ ڳوٺاڻن ڪاسبين کي ٻچاءُ ڏنو ويو آهي. جي هو کيتي جو ڪم ڪندڙ آهن ته پوءِ ڪين بلاشڪ ٻچاءُ ملڻ کپي. اڳي ته ڪاسبين جا لاپا مقرر هوندا هوا پر هيٺر اهو رواج گهٽجي قدر عدم پهچندا تي پهتو آهي. هيٺر کيتي جا اوزار يا سامان سواءِ پئسي جي نٿو ملي. تنهنڪري انهن کي ٻچاءُ ڇو ملڻ کپي! هنن کي آبادگار ڪوٺڻ ئي چوڪ آهي.

قلم ٣ (١) [الف] ۾ ڄاڻايل آهي ته "بورڊ ۾ ٽن کان وٺي پنجن تائين ميمبر ٿي سگهندا جن کي سرڪار مقرر ڪندي ۽ انهن مان هڪ چيئرمن ٿيندو." اهو ته ٺيڪ پر ميمبرن جي لياقت جا ٽانڻ ڪپي. هن موجب ته اڻ پڙهيل ۽ جاهل به ميمبر ٿي سگهندو. گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ميمبر ٿي سگهي جنهن کي قاعدي قانون جي خبر هجي ۽ مئٽرڪ پاس ڪيل هجي، ۽ ڪيس هندو سنڌي اکرن جي ڄاڻ هجي جئين ليکا چوکا لڀا سي سگهي.

قلم ٩ (٤) ۾ لکيل آهي ته "ڪو لهڻيدار ڄاڻي ٻجهي ڪو به اهڙو دستاويز يا ڪتاب بازتو ڪري جنهن جو زير ويچار ڪنهن قرضدار تي دعويداري سان لاڳاپو هجي ته پوءِ اُن کي ڪپي ته انهي پيش ڪرڻ لاءِ، ڪرمينل پروسيجر ڪوڊ جي قلم ٩٤ ۾ ٺهرايل دستور ضبطيءَ جو وارنٽ جاري ڪري."

هي بلڪل بيواجبي آهي. سول دعوائن ۾ به اهڙو سختي کان ڪم ڪونه ورتو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪو گهربل دستاويز يا ڪتاب پيش نٿو ڪري ته هو ڪو فوجداري ڏوهه ڪونه ٿو ڪري. وڏي ڳالهه ته اهو ثابت ڪرڻ بلڪل ڏکيو ٿيندو ته برابر ونس مٿيان ڪاغذ آهن. انهن ته هر ڪو قرضدار لهڻيدار جي عزت مٽيءَ ۾ ملائي سگهندو، تنهنڪري ٩ قلم هي جو حصو اصل ڪڍي ڇڏڻ کپي.

قلم ١٢ (٣) ۾ لکيل آهي ته "بورڊ جي فيصلي تي قاعدي جي ڪا به ڪورٽ اعتراض نه اٿاريندي."

موجوده قاعدن موجب ته ڏکويل پارٽي کي حق آهي ته ڪنهن به ڪورٽ جي فيصلي تي اعتراض وٺي اپيل ڪراي. هي ته نادرشاهي حڪومت جو نمونو ٿيو. انهن ڪونهي ته مٿين قسم جون بورڊون ڪو گامون سچار ٿينديون. اهي به غلطيون ڪري سگهن ٿيون تنهنڪري انصاف روءِ اپيل جو حق ڏکويل پارٽي کي ملڻ کپي.

هڪ ٻي خامي به هن بل ۾ آهي جو ڪهڙو به وڏو زميندار يا واپاري هن بل هيٺ ٻچاءُ وٺي سگهيتو. وڏن زميندارن جي ٻچاءَ لاءِ اڳيئي انڪمبرڊ اسٽيٽ ائڪٽ ۽ ڊيڪن انگريڪلچرل ائڪٽ مروج آهن. هن بل جو فائدو انهن کي ملڻ کپي جي اپائي سون کان گهٽ ساليانو ڍل ڀريندڙ آهن ۽ جي خاطري ڏين ته فيصلي ٿيڻ جي حالت ۾ هو هڪدم قرض ڏيڻ لاءِ پڪل رهندا ۽ پنهنجي ملڪيت گروي ڪري ڏيندا (اها ملڪيت گروي بڻڪن وٽ گروي رکڻ ۾ اچي).

مان ڪو قانون دان ڪونه آهيان. مونکي جيڪي خاميون نظر چڙهيون آهن تنجو مختصر طور وستار ڪيو اٿم. شايد ٻيون به ڪي خاميون هجن جي منهنجي نظر تي نه چڙهيون هجن. مگر ڳالهه هيءَ آهي ته سيني ميمبرن جي دلين ۾ سنڌو پاڻ هجڻ کپي ۽ عام جي ڀلي جي خيال کان بل پاس ٿيڻ کپي ۽ اهڙي صورت ۾ پاس ٿيڻ کپي جنهن ڪنهن به فرقي کي ٻيوا جبي دانهن ڪرڻ جو سبب نه ملي.

پاڙيگر رياست ۾ جڏهن هھڙو بل پاس ٿي ٿيو تڏهن لهڻيدارن کي خود ڪيترا شڪ هوا ته اهو بل ڪارڻ ٻيري ڪندو ۽ لهڻيدارن کي خواه مخواه نقصان هيٺ آڻيندو. پر آزمودي ثابت ڪيو آهي ته اهو بل پاڻ لهڻيدارن لاءِ فائديمند ثابت ٿيو آهي. ڪيترن لهڻيدارن خود قرض نبيريندڙ بورڊ اڳيان قرض جي نبيري جي درخواست وجهي ان جو فيصلو ڪرايو آهي. وچن علائقن ۾ به ائين ٿيو آهي.

اڄ سنڌ ۾ قرضدار قرض ڏيڻ کان گس گساءِ ڪري رهيا آهن. هو اڳين لهڻيدارن کان ائين لڪندا ٿا رهن جئين چور پهريدار کان. پر جيڪڏهن قرض جو نبيرو ٿي پوندو ۽ لهڻيدارن کي قرض اڳڙي ملندو ته پوءِ نه فقط واپار وري وڌندو پر هارين ناڙين ۾ خريدي جي طاقت پڻ وڌندي.

پيو ته مالي حالت خراب ٿيڻ ڪري ملڪ ۾ ليڪاٽي، چوريون ۽ ڌاڙا وڌي ويا آهن. جي هاري ناري خوش هوندا ته هو پوءِ چو چوري ڪندا يا ڌاڙا هڻندا؟ بکه ٻڇڙي بلا آهي جو دانا ديوانا ڪيو ڇڏي. بکه ڪري ملڪ ۾ اخلاق گهٽ درجي کي وڃي رسيو آهي.

جيڪڏهن مٿين اصولن کي خيال ۾ رکي بل پاس ڪيو ويندو ته هن بل مان پاڻ انيڪ فائدا حاصل ٿيندا جنجو مختصر طور هيٺ بيان ڪجي ٿو.

(١) پئسي جو وڏيڪ زيان نه ٿيندو چاڪاڻ ته دعوا ڪرڻ جي حالت ۾ نڪي اسٽامپ جو خرچ ٿيندو ۽ نڪي وڪيلن جو خرچ ٿيندو ۽ نڪي شاهدن وغيره جي گهرائڻ ۾ گهڻو خرچ ايندو.

(٢) وقت جو بچاءُ ٿيندو. هيئنر ديواني داعوئن جي فيصلن ۾ سالن جا سال گذري ٿا وڃن. هن بل پاس ٿيڻ سان ٿوري وقت اندر فيصلو ٿي سگهندو.

(٣) فيصلي ٿيڻ جي حالت ۾ ترت پئسا وصول ٿي سگهندا.

(٤) قرضدارن ۽ لهڻيدارن جي وچ ۾ اها ترشي نه رهندي جا هيئنر ڏسجي ٿي.

(٥) ملڪ جي ڪارپت وڌندي جنهن ڪري واپار وڌندو.

(٦) سرڪار کي پلن اڳاڙڻ ۾ سهوليت ٿيندي.

زندگي

(١)

مند تي موٽي گهلي ٿي هير اوير جي تنوار سامهون درياهه جو ٻڻ هو نظارو خوشگوار
مست هاٿي جان ڪڪر آيا لڪا ٿي تيز تيز رعد جي رڙ ڪان ڌنو ٿي شاخسارو مرغزار
موج مستي سان ويو ٿي تار پاڻي سير جو ناگ جڻ ڦڻ کي ڪڍي ڊوڙي هليو بي اختيار
ٿي هڪل اُنجي ٻڌي هيبت اُٿي ٿي جان ۾ پي پپيهي جي ٻڌي ٿي صاف پلپل ۾ پڪار
ياد آئي ٻڌ مُئي مهراڻ جي مستي ڏسي ري وسيلي ڪير ڪو اُن ريءَ وڃي درياهه پار
اُت هئا بس ڪانهن سرجن ڪي جهلي ساهڙ نو موت سهڻي جي نشانن مان بچيل سي يادگار
اوچتو ڪوئل لنئي اُت لات ڪوُ ڪوُ جي ڪئا ن
درد جي چادر وڌي پنجــي نظاري جــي مٿان

(٢)

هن نظاري کي ڏئم ٿي ديد سان لائي اَچان اوچتو ڪرڻ پر چمڪي وڄ لٿيون بوندون مٿان
هڪ اوير وقت بي برسات دريا جو ڪنار وڪ ڪٽي آيس ڏنو ٿي جهوپڙي جو جت نشان
پير سن درڪي وني بيٺو ڏٺم هڪ بيقرار جڻ ته ڪنهن جو منتظر هو، مت هڏن جي ناتوان
درد ۾ گم ياد ڪنهن کان خسته جان زارو نزار هت وني مونکي هليو اندر محبت چاهه مان
مختصر هوُ جهوپڙي ڏيئي سان روشن ٿي ڏني طرز سادي سان ٻڌايل هو ڪکن جو هوُ مڪان
لات ڏيئي تي پتنگن جي لڳل بازي هئي ڪي مئل آيا نظر ٿي ڪي ڏنا ٿي نيم جان
حسن تي پروان جــيءَ پنهنجو پتنگن تــي ڏنو
موت سان بــازي لڳائي سرلسنگن تــي ڏنو

(۳)

سرءَ جي هيرن تي اُڏريا تي هزارين پن پراڻ سرد جهوٽن کان ڏنو تي منڊ ۾ چڱ انقلاب
او چتو اُن پيرسن ۾ آب اکڙين کي ڪٽي هٿن چيو اي نوجوان هي زندگي آهي سراب
آهه! اڄ هوءَ ننڍپڻ جي يادگيري تي اُتي ماءُ جي ياڪر ۾ گذري تي حياتي بي عذاب
هوءَ محبت ڪيتري سادي هئي ۽ بي بها اڄ ڪٿي اُنجو سگهان ڪٿ قدر و قيمت جو حساب
لولين ۾ تي گذاريم، راند ۾ سڄ تي لٿو مهر مادر جو لپٽيل تي رهيو هر دم نقاب
صبح کان تا شام وندر ۾ حياتي تي وئي سامهون هر دم رهيو تي منهنجي فطرت جو ڪتاب
بيقدر تي زندگـي پنهنجي پريشان مـون ڪئي
رنج ۾ دنيا جي اڄ جي عمر ويران مـون ڪئي.

(۴)

ننڍپڻ گذري جواني جوش ۾ آئي وري دل اُمنگن ساڻ ۾ ڪنهنجي رهي تي منتظر
انتظاري ۾ ويون تي راتيون تا راڏ سي نيڪ و بد جو ڪجهه طبيعت تي پيو ٿي نااثر
ڪيتري منزل جواني جي ڏني تي پائدار رنگ ڪهنجي جان مگر هو چار ڏينهن اُنجو گذر
آهه هوءَ چوسر زماني جي لڳي تي خواب چڱ رنج و راحت ۾ برابر تي گذاريم بي خطر
زندگي جو دور ۾ هي مختصر چڱڪو هيو نرم دل اُن وقت پاسي ۾ لڳي تي چڱ پٿر
گل مرادن جا ٽڙيا تي منهنجي جهولي ۾ هزار آهه! پر اڄ گل اُهي دل ۾ هڻن تير و تبر
خواب شيرين جو مزو آ، ابـن آدم جي حيات
سڄ پڇين هي منڍ کـان آنوڙ تائيـن بي ثبات

(۵)

مختصر گذري چڪو جنهن کي چون عهد شباب ساڻ اُن سان هوءَ اُمنگون تي ويون خواب و خيال
رنگ ڇهري جو ويو ۽ ضعف جسماني وڌيو زندگي جي نا رهي حرڪت ۾ هو نبض جمال
موت جو پيغام ظاهر هوءَ سفيدي تي ڏنو چوطرف گهير و جواني تي وڌو رنج و ملال
ڪُوڪ ڪوئل جي رٺاري، لات بلبل جي جکي روح جي رنگينين تي صاف چمڪيو تي زوال
محفلن مان ساءُ دل کي ڪين تي آيو اڳيون سڀ هوس منجهي ويا تي زندگي بار و بال
هوءَ چراغ فطرت ۾ ڪيزه چڱ گل تي ويو اڄ وري اُنجو جلائڻ آهه مشڪل ۽ محال
وقت پيري زندگـي جي آخرين آهـي ڪڙي
اُس ٻپهري جي چڏي چڱ تاءُ، اوير ڏي لڙي

(۶)

پيرسن هي ڳالهه چٽي چپ تي ويو ٻوڙها ڏئي ڇا چوان دل ۾ اُٿيا اُڌ ماڌ تي ڪيئي هزار
زندگي انسان جي آهي مصيبت سان ڳڏيل گرچه ظاهر ۾ ڏسون اُن ۾ اُميدن جي بهار
زلزلا، طوفان، ٻوڏون ۽ بيماريون بي شمار ابن آدم کي سدائي جي پيا ڪن تا شڪار

زندگي جي خواب جو تعبير آخر موت آهه　اُن مٿي ڀروسو نه ڪنهنجي تو هوس جو اختيار
ننڍپڻ، پيري، جواني هي ٽي منزلون　حضرت انسان جي دل لاءِ آهن هوش ڌار
هي فريب ۽ آ طلسم زندگي جو ڇڇڙو　لام تي وينل پکي اُڏري وڃي ڇا اعتبار؟
جي حياتي جو تيو هي دور ايڏو مختصر
پوءِ اجايو آ ڪرڻ اُن ساڻ دل کي بيخبر.

(٧)

ڇڏ هوس سان جنگ باقي ڇا رهيو آ ڪول اِڪ　درد آباد جهان جو ذڪر ڇا ارمان ڇا؟
زندگي جي ڪوٽ جاهي ڪنگرا تي بي جتاءَ　چند روزه راحتن جو تو اَڏين سامان ڇا؟
هي تمنائون ڪڏهن پوريون نه ٿينديون بوالهوس　مرض لاعلاج جو آخر ٿيڻ درمان ڇا؟
آ حيا تي شمع وانگر رات هڪڙي جو گذر　تون ڪلي اُن کي نباهه رنج جو گذران ڇا؟
عشق جي طنبور تي مضراب الفت جو هڻج　زندگي پر سوز رک بي سوز تي انسان ڇا؟
وٺ اُٿي ساقي جي هٿ کان تون شراب بيخودي　رنج و راحت جي ٿئين تو ذڪر تي حيران ڇا؟
جام رندن ۾ سمايل آهه ساري ڪائنات
اُن حريفن وٽ نه ڪجهه آهي ثبات و بي ثبات

لطف الله جوڳي



مغربي خيال ۽ مشرقي تهذيب

ليکڪ:- منوهرداس ڪوڙومل

ليکڪ

پال برنٽن يورپي ليکڪ تازو پنهنجي هڪ ليک ۾ خوشي ظاهر ڪئي آهي جو سر راڌاڪرشنن کي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ مشرقي مذهبن ۽ فيلسوفي پاڙهڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. هنجو چوڻ آهي ته مغربي دنيا اندر هڪڙيءَ عجيب ۽ اڻڏٺيءَ ۽ سانتيڪيءَ اٿل پٿل جا آثار پيا پسجن ۽ هوريان هوريان مغربي عالمن کي مشرقي فيلسوفي کي هنداڻڻ ۽ جذب ڪرڻ جي چڪ پيدا ٿي معلوم ٿئي.

ڪو وقت غافل ۽ ستل مشرق منجهان اڄ هيءَ ذات وارو عاقل مغرب منجهه پيدا ربو آهي سيکارڻ لاءِ پنهنجي قوم جا قديم علم ۽ سياڻپ، اُنهنکي جي ڪو عرصو سندس ملڪ جا فاتح سمجهيا ٿي ويا.

عجب ته ڏسو جو هيڏانهن هندوستان جا نوجوان پنهنجن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ مليل اعليٰ علم ۽ ريت ۽ رهت کان تنگ ۽ بيزار آهن ۽ مغرب جو نقل ڪري رهيا آهن ته هوڏانهن مغربي لوڪ هندوستاني تهذيب ۽ فيلسوفي ڏانهن دن بدن ڇڪجي رهيا آهن. مطلب ته اُلٽي گنگا وهي رهي آهي. جي شڪتيون پورب ۾ پوربين جي هٿان دٻجي دفن ٿي رهيون آهن سيئي ساڳيون شڪتيون پڇم ۾ اُڀري اُسري رهيون آهن ۽ عزت سان ڏنيون وڃن ٿيون. مغربي دنيا اندر سخت خوفناڪ ۽ خراب حالتن هوندي به تهذيبي ۽ آرٽيٽي ايڪتا لاءِ اڪيرو دن بدن وڌندڙ آهي.

جو علم تقريري خواه تحريري ذريعن ۽ ريڊيو، تار ۽ سئنيما وسيلي پکيڙيو وڃي ٿو سو علم عام خلق لاءِ ته کُلو آهي وڃي جنهنجي ساري خلقت ڀاڱي ڀائي ٿيڻ لاءِ هر وقت هر طرح ۽ هر هنڌ حقدار آهي.

اهوئي سبب آهي جو انگلستان جي هڪ دنيا ۾ مشهور معروف يونيورسٽيءَ ڀوريونٽي گهمرو هند جي هڪ نامر ڪنٽي ودوان کي ڪوٽ ڪري مقرر ڪيو آهي ته اچي انگلنڊ جي نوجوانن کي پنهنجي قديم تهذيبي علم سند ن چشمن منجهان آب حيات نوش جان ڪرائي ۽ اُنهيءَ عميق ۽ تبي قديمي املهه جواهرت هٿ ڪرڻ لاءِ رهبري ڪري.

انهي حقيقي بات کان ڪير انڪاري ٿي سگهندو ته مشرق ۽ مغرب هڪٻئي جي خوبين ۽ خصوصيتن کان واقف ٿي ساري جهان اندر انسان ذات جي بهتري ۽ بهبودي جي راهه ۾ وڏا ڪ وڌائي سگهندا؟ هن اونده اندڪار جي زماني ۾ جڏهن قومون طمع جي طوفان ۾ جنگ جهيڙي فساد سندي غرقاب ۾ غوطا کائي رهيون آهن، نيڪ نيتيءَ نيا پو پهچا ڻ انسان ذات جي ڀلي لاءِ ڪيتري قدر نه ضروري آهي.

*　　*　　*　　*　　*

سال ١٦٠٠ جي اُنهيءَ نيا ڳي ڏينهاڙي تي، جڏهن پهرين انگريزي ڪمپنيءَ کي مشرق سان تجارت ڪرڻ جي ارادي سان انگلستان جي راڻيءَ ايلزابيٿ جي مبارڪ هٿن منجهان شاهي پروانو مليو، هندوستان جي ستاري سندو سورج لهڻ لڳو. تڏهانڪر انگريزي واپار ۽ انگريزي هٿيارن جي تجلي ۽ طاقت، مغربي ويچار ۽ وهنوار سنديءَ عمارت جو هند جي ميدان تي بنياد وڌو. بين بن ريسارن پرچوگيز ۽ فرينچ طاقتن کي خواب ۾ به نه هو ته اها عمارت ڪا ايڏي اعاليٰ ۽ بلند بڻجي پوندي. انگريزي واپارين هند کي نه فقط پنهنجيءَ پر جو لسو ۽ چلڪندڙ پهرڻ پوشڻ جو سامان ڏنو ۽ اندروني امن امان سوگهائي ۽ سلامتي ان تن سان گڏوگڏ تجليدار تعليم جو سرشتو پڻ عطا ڪيائون تنهنجي زور تي هاڻوڪي قوم پيدا ٿي اُسري ظاهر ٿي.

هڪ صديءَ کان سرس مدت ٿي آهي، اُهو ڏينهن جڏهن مڪالي انگريزي تعليم جو بنياد وڌو ۽ اڄ، انهي وچ ۾ هند جي نندي نُهيءَ کان اُها تعليم ۽ تربيت پئي ملي جنهن ديس جي روايت ۽ تهذيب کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي. نتيجو ظاهر ظهور آهي جو اڄ اکين ڏسي پسي رهيا آهيون. اڄ اسان وٽ ڪريل، پيوندي ڀولي قوم سري کان تري تائين مغربي رنگ ۽ رنگ ۾ رنگيل موجود آهي. اسانجي نوجوانن جي ريت رهت هلت چلت بول چال، ڪاڌ خوراڪ عين بين نوجوان مغربين جيان آهي. البت هاڻوڪي زماني ۾ هندوستان اندر ڪجهه چرپر چالو آهي ته پنهنجي اباڻي روايت کي به مغربي تهذيب سان شامل ڪجي. ڪلڪته، بمبئي لاهور، مدراس ۽ بين اهڙن وڏن هندن جا ڪاليجي

نوجوان ته کليو کلايو گل ۽ خنده ڪري رهيا آهن پنهنجي قديم سالڪن جي سيپيتا تي، اگرچ دل جو دل ۾ ضمير جي ويڻ سبان هو گهڻو بي آرام ۽ ناخوش پڻ رهندا.

هندوستان ڪنهن زماني ۾ پنهنجو نافعد ريشمي ڪپڙو انگلنڊ کي ٿي ڏنو ۽ اڄ بـ، چانهه، مصالح ۽ قيمتي پٿر وغيره ڏيندو رهيو ۽ تنهن سان گڏ پنهنجا قديمي علمي خزانا، جي کوجيندڙ مغربي عالمن پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ورتا آهن. ڏينهون ڏينهن مغرب هند جي تهذيب ۽ تربيت جو چوکو قدر ڪندو رهيو. سر راڌاڪرشنن جي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ مقرري انهيءَ ڏس ۾ هڪڙي تازي ثابتي آهي.

جڏهن ته مشرقي علم جا ڀنڊار کوليا ويا، انهيءَ لاءِ ته مغربي مغرور کوجنا ڪندڙ شاگرد، اسانجي علمي چمن جي سگند جو واس وٺي، ڏهاڪر ڪيئي ڪتاب مغربي ٻولين ۾ ترجمو ڪيا ويا آهن. اڄ به جيڪي يورپي فاضل هند اندر گهمي ۽ هند هند کوجي رهيا آهن تنکي جاڻ پيئي پوي ته اهڙو اٿاهه خزانو اڃا به موجود آهي جنهنجو فائدو مغرب ڪي حاصل ٿي سگهيتو.

١٨ صديءَ ۾ فرانسي ديپران ۽ برناف جهڙا عالم جنکي پارسي انجيل **"زند اوستا"** ۽ هندوا پنشدن جي خوبين ۽ خصوصيتن جي جاڻ پيئي يا پروفيسر مئڪس ملر جهڙو ودوان جنهنجو بي بها ڪم "مشرق جا پاڪ ڪتاب" يا راءِ ڊيوڊس جنهن ٻڌ مذهب جا پالي مضمون انگريزي ۾ اُلٿو ڪيا. انهن مڙني مغرب جو ڌيان ڇڪيو ۽ اسانجي قديم علميت ۽ روحاني تربيت ڏانهن اڪولي پڻ **تنهن سان گڏ اسان ستلن کي سجاڳ ڪيو.**

اڄ مغرب سچ مچ گهڻو شڪرگذار آهي اُنهيءَ بدنام شخص وارن هيسٽنگس جو، جنهن ڀرپور هندو ڌرمي شاستر ۽ پاڪ ڪتاب پڙهڻ ۽ پڻ سنسڪرت جي اڀياس جو آغاز ڪيو. هنجي همتائڻ سان ئي چارلس ولڪنس نالي هڪ يورپيءَ ڀڳوت گيتا جو ترجمو ڪري انگريزيءَ ۾ پهريون دفع ڇپايو. سال ١٨٨٦ ۾ جڏهن هو بنارس ۾ رهندو هو، هن انهي ترجمي ٿيل ڪتاب جو مهاڳ ويهي لکيو. وقت لاءِ هيسٽنگس تي به روحاني رنگ چڙهي ويو هو.

سرايڊون آرنولڊ پارن ليکڪن "ايشيا جو نور" ۽ "مشرقي شعر" ڪتاب لکي مغرب ۾ مشرقي اوج بابت روشني ڦهلائي. فٽز جيرالڊ جو عمر خيام-رباعيات جي ڪوتا ۽ فيلسوفيءَ جو ترجمو، شيخ سعدي جي مزاق مزاجيءَ ۽ سياڻپ جي پنڊار مغرب کي پارسي ادب جي اوناهائي ۽ نزاڪت بابت وڌيائي واقفيت ڏني.

پال برنٽن صاحب تو ٻڌائيئون ته پاڻ جڏهين بنارس ۾ ڪجهه وقت

اچي رهيو هو ته هندو مڙهيءَ ۾ انهيءَ لاءِ ته هندو لوڪن جي اڳوڻي ۽ هاڻوڪي گيان ۽ سڀيتا جي زيب ۽ زينت، اونهائي ۽ آزاد خياليءَ جي کيس بخوبيءَ پروڙ پوي. ڪيئي ودوان پنڊت کيس مليا جنسان بحث مباحثو ڪندو هو. پاڻ چوي ٿو ته هند جي ويچار وان ودوانن عالمن ۽ فاضلن، اعليٰ روحاني انسانن کان اج به مغربي لوڪن کي جوڳي حالات تي سکهڻي **فقط جي اسين مغربي پاڻ منجهان غرور ۽ تندي ءَ کي نيڪالي ڏيون. ايشائي تهذيب منجهه گهڻو ڪي مٿو ۽ موجود آهي** جو سائنس جي نڪتي نظر کان سالم ۽ فيلسوفيءَ جي لحاظ کان سچو ۽ اثرائتو آهي.

زمان حال ۾ پال برنٽن ٿو ٻڌائيءَ ته مغربي تعليم يافتن منجهه هند جي گيان ۽ علم جي وڌڪ ۽ وڌيڪ ڄاڻڻ لاءِ هرهند ۽ هر طرح سڪ ۽ چڪ دن بدن وڌندي پيئي وڃي. اڳي ڪو سمو هو جو منجهن رنگين قومن لاءِ عزت گهٽ ڪا هئي پر هاڻي زماني پلٽو کاڌو آهي. مغربي لوڪن جي مغز مان رفته رفته هوا نڪرندي ٿي وڃي ۽ مشرقي ماڻهن جي مذهبي فيلسوفي ۽ روحاني خيالن ۽ روايتن جو هو قدر ۽ عزت ڪرڻ لڳا آهن.

بادشاه سڪندر اعظم جي ڄاڻ اونهي، ۽ دورانديشي قابل تعريف واري هئي، جو هڪ خاص شهر ٻڌايائين جنهن لي سندس نالو پيو جو اڄ اليگزينڊريا جي نالي سان مشهور آهي، جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا لوڪ ۽ اُنهنجي ميلاپ واري نسل جا ماڻهو سڀ اُني گڏ رهايائين ۽ منجهن پاڻپيءَ جي ٻج ڇٽڻ جي ڪوشش ڪيائين. ڪو وقت سندس اها عمدي ڪوشش بر ثواب ٿي پر دنيا جي سڌريلائيءَ جي اُنهيءَ حالت جي لحاظ کان اها ايڪتا ناڪامياب ثابت ٿي، ڇا لاءِ جو اها ڪچي، اڻ رسيل ۽ وقت کان گهڻو اڳيرو هئي. ازآنسواءِ اهڙو ميلاپ قدرتي، سهل ۽ بنا زور جي پيدا ٿيڻ کپي ۽ نه هٿرادو واهڻن ۽ وسيلن ذريعي. پوئين حالت ۾ اهڙو ميلاپ ناپائدار ۽ بي بقاءِ ٿيڻو آهي.

اُهو به زمانو هو جو نارمن ڊگلس پاراگورا لوڪ دهل لي ڏاڪو هٽي جڳهه کي سڏيندا هئا ته هندوستان جي هڪڙي پاڻي سوکڙي انسان ذات کي جا مليل آهي سا آهي "سندن ڪڙهي." پيو ٿيو پلو. پٽي ڪنهن وري ظاهر ڪيو ته

چين جي وڏي ۾ وڏي سوکڙي جا دنيا کي مليل آهي سا آهي "چانهه" هاڻي اُهي سا ڳيا مغربي لوڪ بلڪ وڏا وڏا اُتانهون جا عالم سڄيون ڪري رهيا آهن ته ڪئن هاڻوڪي سندن اوج جا ذريعا واهڻ ۽ وسيلا سمورا هندوستان مان اُڌارا ورتل، چورايل يا پرايل آهن.

هندي تهذيب منجهه آهن سمايل پنڊار پربور، من وگيان، فيلسوفي ۽ مذهبي سکيا جا اونهي ۽ امر آهي تنهن سندا. جيڪي جزوي متا ۽ متانتر پڇم ۾ اعليٰ ۽ نه نقلي ڪري ليکجن ٿا، اُچنتا تنجي به آد ۽ انت ڀرا ڇين هندوستان ۾ ڀروڙي ويٺي هئي. هاڻوڪي مغربي من وديا (سڪالا جيءَ) جو واڌارو به ڀراڇين پارت ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ علم ۽ عمل ۾ پڌرو ٿيل هو، تفاوت رڳو اهو آهي جو هاڻوڪين ڳالهين کي وگيانڪ صورت ڏني ويئي آهي. ڪٿي چئجي ته **ڪهنو هندي شراب نين يورپي بوتلن ۾ نئي رنگ ڍنگ ۾ وڌيءَ شد مد سان هلايو پيو وڃي.**

يورپي نئي ۾ نئي کوجنا ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ڪٿي نه ڪٿي هند جي پراڻن پستڪن ۾ موتين مثل پوتي پيئي آهي. ڪيئي يورپي خيال، مثال ۽ ڳُڻڪا، آزاد ريت ۽ صورت سان اسانجي هاڻوڪن عالمن، بدلايل روپ ۾، هاڻوڪي وقت ۽ واڌاري جي لحاظ کان ظاهر ڪيا آهن. جي ڳالهيون ۽ ڳُڻڪا ۽ قديم وقت کان هستيءَ ۾ هئا تنجو اظهار ڪرڻ يا تن کي پرسڌ يا پڌرو ڪرڻ ڪا نئي ڳالهه ڪين چئبي. اهوئي سبب آهي جو انهي قسم جي اظهار کي ”کوجنا“ يا ورائي ڳولڻ (يا ريسرچ) تو چئجي.

پهرين مغربي ودوانن ني سمجهو ته هاڻوڪي فرانسي فيلسوف هينري برگسن جي **”پنهنجو پاڻ وڌندڙ واڌاري جي سکيا“** کو نئون اظهار آهي يا ڪا نئين درلڀ بات آهي. هاڻ پروڙ پيئي اٿن ته ويدن واري تنترڪ سکيا جا شڪتي شڪتا وارا اصول (جنجو هندو سنسار ۾ ايامن کان آواز هو) ۽ برگسن جي نئين سکيا، مڙيائي ساڳي ڳالهه آهي. چارلس ڊاروِن جي وقت کان هزارها ورهيه اڳي سانکيه فيلسوف جي اپامڪاريءَ ۾ اُنهن ڏينهن جي برهمڻن منجهه، ستاو واري ۽ ترقي ياب ڪائنات وارا متا ڦهليل هوا جن جي، جرمني جي پوربي گرنٿڪارن پروفيسر رچرڊ گارب ۽ پين هيئنءَ ريت ساک ڪئي آهي:-

ڪپل جي فيلسوفيءَ ۾ سمجهايل آهي ۽ پهريون ئي گهمرو دنيا جي اتهاس ۾ اهڙو ذڪر ٿيل آهي ته انسان کي دل دماغ جي ڪلي آزادي مليل آهي ۽ پنهنجي شڪتين تي سموري اختياري ۽ پورن پروسو ڄمائي سگهيتو. **نشچي**، جرمن فيلسوف، چيو آهي ته ايشيا جا سڀ کان عمدا عالم ”يوناني“ آهن پر پروفيسر گارب انهي نشچي جي راءِ کي رد ڪري ڏيندي درستي ءَ طور ٻڌايو آهي ته هندو خيال ۽ فيلسوفيءَ جوئي اثر پيو آهي يوناني فيلسوفيءَ تي - يونانين اهو سڀ ڪجهه ڪٿان هٿ ڪيو؟ هندن کان گهڻي قدر عربن جي معرفت. نشچي جي فيلسوفي متو ته

سرشٽيءَ جي هر هڪ رنگ ۽ راز ۾ ٽيون وڃن جا ودائي **"ڪي را ڳڻيون راڳڻ سنديون"** هندن جي مها ڀارت ۾ ٻڌايل ڦرندڙ چڪرن واري متي ڏانهن اشارو آهي. هندو فيلسوفن پراڻن ۾ جڳن جي چڪر جون وارتائون جيڪي ڪيون آهن سيئي ساڳيون ڳالهيون سر آرٿر ايڊنگٽن سر جيمس جينس ۽ ٻيا پڇمي ودوان ڪري رهيا آهن. هو اهوئي سر آلاپي رهيا آهن ته خلقڻهار اُتپتي يا خلقت سندي گهڙيال کي هيڪر چابي ڏيئي چالو ڪيو. ڪانٽا ڦري جڏهن چڪر ختم ڪندا تڏهن ورائي نئين سر چڪر چالو رکڻ لاءِ ٻي چابي ڏيڻ ۾ ايندي.

فقط تفاوت اهو آهي ته پراچين ودوانن انهن اُتم متن مٿانئون جو جيڪو ورتانءُ ڪيو آهي سو وچور وار سمجهائڻ بنا. **"چوءِ چالاءِ"** اُنهن هر بات جو ڪولي ڪين سمجهايو آهي. هاڻوڪا وگيانيءَ ودوان رڳو پڳو وشواسي ڪين آهن جو اکيون ٻوٽي ڪٿي اهي اونها اسرار قبول ڪن. هو ذرو ذرو سمجهي هنڌائي اُتن تجربا ڪري پوءِ ٿا مڃين ۽ مڃائين. وشواس ٻي اِيترو نه پر عقل ۽ فهم ۾ ايندڙ دليل بازيءَ سان هاڻوڪا نوان ڪوچيل "سچ" ٿا نروار ڪن. اڳيان پوربي لوڪ وشواسي هوا ۽ گيانين جا سليل راز ائينئي ڪٿي قبول ڪندا هوا پر هاڻوڪي زماني جا لوڪ وگيان جي وڪڙ ۾ آيل ائين نه آهن.

سائنس جا هاڻوڪا مٿا ته اٽا ۽ جزا پدارٿ سنسار جو مول آهن يا وايو منڊل منجهه ريڊيو واريون لهرون لڳي رهيون آهن، اهي مڙيئي ڳالهيون پراچين هندو رشين ڪلپنا يا انتري چڪشن وسيلي پروڙيون هيون ۽ جڏهن ته اُنهنکي آتمڪ آنند جي لوڙ هئي، اُنهيءَ ڏس ۾ اُنهن انهن ڳالهين جا اظهار ڪيا هوا جنکي مغرور مٿڪالي ٻاراڻيون ٻوليون سمجهو هو ۽ ٺهرايو هو. ڪٺو اُپنيشد ۾ چيل آهي:- "سرشٽيءَ جي وايو ۽ خال ۾ هڪڙي سوکيم وستو موجود آهي جنهنکي اڄ وگياني ايٿر (Ether) سڏي رهيا آهن جنهنجي آسپاس امر ۽ ناس تي رهت شڪتيءَ جو پرويش آهي." ڀاڳوت - گيتا ۾ چيل آهي:- "هستيون يا جيو آد يا آغاز ۾ ظاهر نه آهن جي پوءِ وچينءَ اوستا ۾ نروار ٿا ٿين ۽ انت ۽ آخر ۾ ظاهريءَ ڪان ڇپي ٿا وڃن. تڏهن پوءِ شوڪ غم ۽ گوندر جو ضرور ڪهڙو؟

جڙ وستن جي نسبت ۾ وگيان جا ويچار هاڻوڪين ڪوجنائن جي تاثير هيٺ ايتري قدر هاڻي بدلجي ويا آهن جو پائنجي پيو ته جاڻ ته پراچين برهمني خيال کي اوڏو پهتا. انهي موجب اڄوڪي سائنس مونجهاري ۾ اچي پڪاري رهي آهي ته ساري ڪائنات جي ظاهري بيهڪ ۽ مضبوطي جوئي وهم جي هڪ ڦوٽي مثل آهن.

آخر سائنسدانن جي اها عاجزي نا ٿڪ نويس شيڪسپيئر جهڙي هڪ لکيت وچ بيهندي ته ”اسين ۽ سنسار، اُنهي مادي منجهان جڙيل آهيون جنهنجي پيدائش اسانجا سپنا آهن“

هالدين جهڙو وگياني به ائين چئي رهيو ته، جسماني دنيا سچي نه آهي. سچي دنيا آتمڪ آهي. بيخبريءَ ۽ عاجزيءَ وچان تازو انهي وگيانيءَ اُها پڪار ڪئي جا ۵ هزار يا وڌيڪ ورهيه برهمڻي فيلسوفيءَ ڪئي هئي يا جا اڄ به مندرن مڙهين ۾ بنارس ۾ يا هر هنڌ هندوستان ۾ پيئي ٻڌجهي. اڳوڻا هندو ودوان سهجيئي سمجهي ويا هوا گيان جي چڪشن دوئارن پر هاڻوڪا وگياني ودوان اهي ساڳيا ڳجهه ڏاڪي ٻڌاڪي سمجهي رهيا آهن ۽ جڙ پدارٿن جي سنسار کي کوجي پڙولي پئي پرپهتا آهن جتي پروڙ پيئي اٿن ته (Matter) جڙ جي جڙ (پاڙ) چيتن شڪتي آهي جنهنجو بنياد آتمڪ سنسار ۾ آهي. تنهنڪري پڌرو پيو آهي ته پڇمي ويچار ليت اچي پوربي ويچارن سان ملندا.

من وگيان (Psychology) جي ميدان منجهه به پراچين هندو ودوان پنهنجو پاڻ تي تجربا ڪندا هوا پر اڄوڪا عالم اهي آزمائشون ٻين انسانن تي ڪري رهيا آهن. اڄوڪي سائنس جي اکين تان اڃا اوندهه جا پڙدا ڪين لٿا آهن جو رکي پيئي پڇي ته سمجهه ۽ فهم کان مٿي انسان وڃي سگهيٿو يا نه. پورب جا مني ۽ گياني هزارها ورهيه اڳ ائين مڃي ۽ قبولي ويا آهن ته مانسڪ طاقتن کان مٿي آهي آتمڪ شڪتي ۽ آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ سر راڌاڪرشنن جهڙي فيلسوفي ودوان جو ڪنن ڪم اهو ٿيندو جو مغربي ماڻهن جي دماغ ۾ اهي ويچار وهاري.

(”ڪلياڻ ڪلپترو“ تان ورتل)

غريبي

۱- سدائين شهنشاهيءَ جي رهين فڪرات کان خالي،
ڪنهن جي خوف خطري جي سدا خيالات کان خالي،
اجائي ذڪر آب مهر عقل علمات کان خالي،
ڦرين چورين فسادن جي سدا آفات کان خالي؛
ڪرين ٿي پاڪ ۽ پڌرو اچي جنهن وٽ ٽڪين ديوي،
مشڪ جيان تون لڪائڻ لي نه هرگز ٿي لڪين ديوي.

۲- نه تون پلجي ڪڏهن ڇهين ڪنهن به ڪاري ڪميني کي،
نه وسڪي پير پيڙي تو ڪڏهن تنهنجي پسيني کي،
نڪي آفيم گانجو تو پيتي تنهنجي پليني کي،
نڪي بت ٿي پڪين پلجي ڪنهين مخمل مريني کي؛
سڪو ٽڪو سنده آهي سدا ٽمنار امبرت سان،
سچي تنهنجي حياتي آ مليل انج موج مسرت سان.

۳- وهيون وٽيون وڏا رولا نه تون ٿي پاڻ وٽ ڏارين،
لوازي سير مٽ لولا نه تون ٿي پاڻ وٽ ڏارين،
حسابي جوڙ ۽ جهلا نه تون ٿي پاڻ وٽ ڏارين،
حسد جي باهه جا شعلا نه تون ٿي پاڻ وٽ ڏارين؛
جڳت جي جنگ جهيڙن کان سدا آزاد تون آهين،
ٿئي برباد جڳ سارو مگر آباد تون آهين.

۴- نفس نادان کي دائم مٿي نوڙي ۽ نچائين ٿي،
ٻٽي من جي مهاراٽي حڪم تنهن تي هلائين ٿي،
اجايون ۽ فضولي ڪئين سندس گهرجون گهٽائين ٿي،
ڪندا ڪل ڪامنائن جا مٿي ۽ تون ملائين ٿي؛
نه ماضيءَ تي ڪرين ماتم نه حسرت حال تي ڪائين،
نه ايندڙ ۾ رکين آسون نڪي اقبال کي چاهين.

۵- قلمي تنهنجي تي ڪاهڻ جي نه آهي مرض کي طاقت،
ڪفائت جي قلف ڪاٽڻ سندي نا قرض کي طاقت،
وجي ميسار جي من تان، نه آهي فرض کي طاقت،
ڪنبائي تو قليجي کي نه آهي عرض کي طاقت؛
نه جهولن سخت سردين جي ڪڏهن پرواه تون ڏارين،
سدائين شمس جيان روشن دلي درگاه تون ڏارين.

٦- سچو سنسار تنهنجي ئي رهڻ جو آستان آهي،
فرش ايوان ڇت اُنجي سچوني آسمان آهي،
شمس ۽ ماه تنهنجي ئي سهائيءَ جو نشان آهي،
هوا جل باه هرڪا شيءِ حڪم ۾ هر زمان آهي؛
نه هرگز کوج جو گهاٽو سنده سينو ستائي ٿو،
سدائين شانتي آنند مگر ديرو ڄمائي ٿو.

٧- جڳت جي ديوتائن آ سدا توسان رکي رغبت،
رشين پيرن فقيرن کي عجب تو مان بکي برڪت،
اميرن ليت اُلفت سان مٺي تنهنجي چکي مسرت،
سڄائن تو سندو سنهيو مرون مانگو پکي ٻرهت؛
هميشه شهنشاهن کي سنڌ ۽ طاقت ڪنبائي ٿي،
عجب مغرور منشن کي سبق سهڻو بتائي ٿي.

٨- جڳت ۾ ڪوجنائون ڪئين ڪيون ايجاد تو آهن،
گرامون فون ۽ تارون ڪيون ارشاد تو آهن،
هوائي باز ۽ مشينون ڪيون امداد تو آهن،
ٻڌون برپٽ ٽڪرٽڪريون ڪيون آباد تو آهن؛
ڪراماتون ڪيون ظاهر صفحي هستيءَ مٿان توني،
جڳت کي فيض ۽ فرحت مليو منڙي هٿان توني.

٩- ڀڳت پورن مهاگياني جڳت ۾ تو اُپايا ڪئين،
وگياني علم جا صاحب نئين نوع ۾ نپايا ڪئين،
جڳت جا راهبر روشن ستل ننڊ مان جڳايا ڪئين،
اگياني موڙ ۽ موڳا مها ماهر بنايا ڪئين؛
جڳت جو ڪوڻ هو واهي هجين ها تون نه دنيا ۾،
ڏسون ها چوطرف سياهي هجين ها تون نه دنيا ۾.

١٠- ڏٺو **مستان** صرفي جو سرور و ساز تو ۾ آ،
شڪر شيوا سچائي ۽ نمرتا ناز تو ۾ آ،
ديا ڌيرج ڌرم ۽ دان جو آغاز تو ۾ آ،
مٺي محبوب جي ميلاپ جو پڻ راز تو ۾ آ؛
ڪڏهن تو لءِ ڪني واڻي عجب ڪن ڪن اياڻن جي،
غريبي وا! غريبي وا!! مگر ساکي سياڻن جي.

منگهارام شيوڪرام پوڄواڻي [مستان]

آئينده جي هزارڊو دنيا!

ٻار ڄڻڻ بدران مشينن رستي ٺهندا !!

ليکڪ:- ڪڙ ڪپيتو.

اهو واقعو اڃا تازو مس ٿي گذريو آهي. ڪجهه مهينا ٿيا. ڪاليج ۾ هڪ پيپري "آدم شماري ڪيئن گهٽائجي؟" انهيءَ سوال تي بحث ٿي رهيو هو. مان برابر انهيءَ راءِ جو هوس ته آدم شماري گهٽائجي. انهيءَ لاءِ مونکي قوي سبب هوا. آءٌ انهن سڀني ۾ هيٺئين وڃڻ لاءِ تيار نه آهيان، پر هڪ ڳالهه، جنهن منهنجي من کي گهڻو منجهايو هو سا اها ته آيا انهيءَ آدم شماري وڌڻ جو استري جاتي تي ڪيڏو نه ڀاري اثر پوي ٿو! جيڪي دنيا ۾ انسان گهربل آهن، انهن کان وڌيڪ جڏهن پيدا ٿين ٿا ته ڪيترا نه بک، بيروزگاري، ۽ بي آرامي وغيره جا مشڪل مسئلا پيدا ٿين ٿا پر انهن سڀني کي ڇڏي فقط هڪ مسئلي جو خيال ڪجي ٿو ته به انسان کي حيراني وٺيو وڃي! اهو مسئلو آهي ته جنهن استري جو اولاد وڌي ٿو، تنهن لاءِ ٻار جي نپاج وغيره جو ڪيڏو نه بوجو وڌي ٿو وغيره...... پر اهي به ڳالهيون خسيس آهن جڏهين ويم جي تڪليفن جو خيال ڪجي ٿو. ڪيتريون نه ويچاريون استريون انهن ويم جي تڪليفن ڪري اجل جو شڪار ٿين ٿيون. ڪٿي به بچي پون ٿيون تڏهن به جيڪو وقت گرڀ ۾ ٻار رهي ٿو سو وقت ماءُ لاءِ ڪيڏو نه تڪليف جو گذري ٿو، خاص ڪري پهاڙي جا مهينا، انهيءَ ۾ خاص ڪري پهاڙي جا ڏينهن، انهيءَ ۾ به اهو وقت جڏهن زال ويم ڪري ٿي... وغيره... انهن خيالن ۾ ٿي رات گذري. پور پڇا ٿيندي پڇا ٿيندي، ته ڪيئن انهن سڀني تڪليفن جو علاج ڳولي ڪڍجي، جئين استري جاتي ٻار پيدا ڪرڻ جي تڪليفن کان هميشه لاءِ آجي ٿي پوي. تنهن اچي ويـم جنهن ۾ هڪ عجائب سپنو ڏٺم. ڇا ٿو ڏسان؟ هڪ حيرت انگيز سائنس جي دنيا ۾ اچي وارد ٿيو آهيان.

اُتي پڇا ڪرڻ سان معلوم ٿيم ته انسان ذات جي اُلپتي، جئين اسان وٽ استري ۽ مرد جي سنجوڳ مان ٿئي ٿي، تئين بلڪل ڪانهي. برابر اُنهي دنيا ۾ استريون آهن ته پرش به آهن. نه رڳو ايترو پر انهن ۾ ڪام جي چڪ به آهي جئين اسان واري دنيا ۾ آهي، پر اُها رڳو انسان کي اندروني خوشي، راحت، وندر، ۽ مزي ڏيڻ لاءِ آهي ۽ نه اولاد پيدا ڪرڻ لاءِ. استرين ۽ مردن کي، جئين به وڻي، تئين ڪام جي چڪ راضي ڪري سگهن ٿا، پر ايشور انهن کي اولاد پيدا ڪرڻ

جي تڪليف کان ڇڏائي ڇڏيو آهي.
انهي سڀني واري دنيا ۾، مونکي انين
معلوم ٿيو ته ٻار جيڪي به پيدا ٿين ٿا، سي
سائنس جي ذريعي. جتين اسان جي دنيا
۾ ڪيترئون شيون هتراد و رستي ٿين ٿيون،
تئين مون سڀني واري دنيا ۾ ڏٺو ته ٻار
به هتراد و نموني ٿين ٿا. انهي سڀني واري
دنيا ۾، مونکي هڪڙو رهبر مليو، جنهن
مونکي اهڙي نموني جي ڪارخانن، جنهن ۾
ٻالڪ هتراد و رستن سان ٺاهيا پئي ويا، تنهي
ڏيکارڻ جو ڪم پاڻ تي هموار ڪيو. اول
۾ اول مونکي هڪ جڳهه ۾ وٺي هليو جنهن
جي دروازي تي لڳل هو "ٻارن جي فئڪٽري"
دل ۾ چيم ته واه ڪهڙي نه عمدي
ڪارخاني ۾ پير ٿو پايان. مطلب ته انهيءَ
وقت کان ئي منهنجي من ۾ عجيب غريب
خيال، جذبا ۽ اُمنگ پيدا ٿيڻ لڳا. آءٌ به
پڙهندڙن، پڌائي ڇڏيان ۽ ته اڳميئي ١٢ کي
١٣ ٻارن جو پيءُ آهيان، جن مان اڌ ته
ڀورين ٻن زالن مان جاول اٿم، جي پئي
ويچاريون وڃم وگهي اجل جو شڪار ٿي
ويئون. هاڻوڪي جيڪا زال اٿم، انهيءَ
مان چار ٻار اڳهين اٿم، پنجون اچڻ جي
تياري ۾ آهي. پر اُنهيءَ ٻار، منهنجي زال
جي، چنجي ڪٽي ته چيلهه ئي پيهي ڇڏي
آهي. پانيندو آهيان ته متان اها به ويم
وگهي مري نه وڃي. انهن مڙني سببن ڪري ئي
هن مشڪل مسئلي منهنجي من کي حيران
ڪري ڇڏيو هو، پر اهي ڳالهيون ته پرتي
رهيون، حال في الحال انين ڪٽي چئجي
ته انهن ٻارهن ٻارن ۾ هڪ به سچي لڳين
پيدا ٿيل ڪينهي، نه منڌا، نه انڌا، نه
ڪاڻا، نه چيلهه پڳل، باقي به جيڪي آهن،
تنهي مغز ۾ نه ڪجهه نه ڪجهه خلل آهيئي
آهي سهين ۾ عجب اهو ته سڀيئي شڪل
جا ڪارا بدو آهن،... سو هن نموني جي
ڪارخاني ۾ پير پائڻ کان اڳ ۾، جا اڻتو
پاتئين ته منهنجي من ۾ وهي چڪو هوندو!
آءٌ به انسان آهيان. دل ۾ چيم ته ڏسان
ته سهين ته هي ۽ ٻارن جي فئڪٽري ڪهڙي
آهي جتي هتراد و نموني ٻار ٿين ٿا، پوءِ
جيڪڏهين اهي ٻار سنا، سهڻا ۽ وڻندڙ
هجن ۽ پئسن تي ملي سگهندا هجن ته ڪي
ته ضرور به ضرور آءٌ خريد ڪندس.
انهن ۾ به، جيڪڏهن ڪي گوري رنگ جا
هوندا ته اُهي اوس به خريد ڪندس. پوءِ
بلڪل مهانگا هوندا ته هڪ ٿي سهين.
خير، اول نمبر ڪوٺي ۾ پير پاتم. جنهن
جي متان نالو لڳل هو Fertilising Room
آني ڦٽائڻ جي ڪوٺي. اُتي جا ڏسڻ ۾
آيم. انڪل سؤ جيٽا پنهنجن اوزارن سان
آنن ڦٽائڻ جي ڪم ۾ رڌل هوا. انهن
متان ڊائريڪٽر مقرر ڪيل هو. انهي کان
سواءِ ڪي نوان سيڪرا ت آيل هوا جنکي
ڊائريڪٽر سبق ويٺي ڏنا جنهن ۾
ڏيکاريائين ٿي ته ڪيئن نئين نموني ٻار
ٺاهجن ٿا. اول ۾ Overy تخم داني آپرشن
ڪري مادي مان ڪڍجي ٿي. جيڪا
انين آپريشن ڪرائي ٿي، تنهن کي ڇهن
مهينن جو پگهار (Bonus) بونس ريت ڏنو
وڃي ٿو. انهي تخم داني کي دوائن رستي
سنڀال سان رکيو وڃي ٿو ۽ انهن مان

جيڪي آنا پيدا ٿين ٿا، تن کي سائنس وسيلي وڌايو وڃي ٿو ۽ نر جي ويرج مان جيڪي Spermatozoa جنتو پيدا ٿين ٿا، تن سان ملايو وڃي ٿو. رواجي ريت ته هڪ هڪ آني مان هڪ هڪ ٻچو پيدا ٿئي ٿو، جنهن مان وري هڪ هڪ ٻار پيدا ٿئي ٿو، پر جيڪڏهين آنيءَ کي قتايو وڃي ٿو ته انهيءَ ريت هڪ هڪ آنو انن کان وڌيڪ ڇهانوي ٽانئين قتائي سگهجي ٿو، جن مان هر هڪ کي پنهنجو پنهنجو ٻچو ٿئي ٿو، جنهنجي معنيٰ ته جتي اڳ هڪ ٻار پيدا ٿيو ٿي، اُتي هينئر ڇهانوي ٻار پيدا ٿي سگهن ٿا. ڇٻو ته ڪيڏو نه سائنس ترقي ڪئي آهي! اهڙي ريت ليکي مان ڏسڻ ۾ آيو ته آنن جي پيدائش ۽ قتائڻ جي رفتار کي ايڏو ته تيز ڪيو ويو هو جو رڳو هڪ تخمداني مان ٻن سالن جي عرصي اندر ايترائي سؤ آنا قتڻ ۽ هڪ هڪ آني مان ڇهانوي، نه ته به سراسري ٻاهتر ٻار پيدا ٿين. انهيءَ حساب سان گهٽ ۾ گهٽ ۱۱ هزار ساڳئي عمر جا ٻار ٻن سالن جي اندر پيدا ٿي سگهيا ٿي. پر ڪن حالتن ۾ ته هڪ ئي تخمداني مان ۱۵ هزار ٻار پيدا ٿي سگهيا ٿي.

انهيءَ کوٺي مان ٿي آنءِ ڪوٺي ۾ جنهنکي "ٻارن کي شيشن ۾ وجهڻ جي کوٺي Bottloing Room" ڪري ٿي ڪوٺيو ويو، انهيءَ ۾ ويس. جنهن ۾ جيڪي آنن مان قتل ٻار هوا، تنکي شيشن ۾ رکيو ويو هو جن ئي، ڪهڙي نموني پيدا ٿيو، تنهنجو سڄو تفصيلوار بيان ڏنل هو. انهيءَ کانپوءِ منهنجو رهبر مون کي ٽئين ڪوٺيءَ ۾ وٺي هليو جنهن کي "Infant Nurseries ٻارجي نيپاج کوٺي" ڪري ٿي سڏيو ويو، جتي ڪيترائيون دايون ڏسڻ ۾ پئي آيون، جن کي ٻارن جي چارج ڏنل هئي. ٻارن جي عمر اُن وقت اٺ مهينا مس هئي. سڀني جي بيهڪ ۽ ڊول ساڳيو ڏسڻ ۾ پئي آيو جيتوڻيڪ مهاندن ۾ ڪجهه فرق ڏسڻ ۾ آيو ٿي جنئين هڪڙو ٻئي کان نرالو سمجهي سگهجي. انهن جي اڳيان طرح طرح نمونن جا گل رکيل هوا جن ۾ اُنهن جو سمورو ڌيان لڳل هو. انهيءَ کانسواءِ هنن جي حواسن کي تيز ڪرڻ لاءِ ڪيترن نمونن جي ڪوشش ورتي پئي ويئي. انهيءَ کان پوءِ مونکي "Children's Market ٻارن جي مارڪيٽ" ۾ آندو ويو جتي سال کان وٺي پنجن سالن جي اندر ٻارن کي وڪيو ٿي ويو. گهڻو ڪري ٻار انهيءَ عمر جي اندر وڪامي پئي ويا. جيڪڏهين ڪي انهيءَ عمر کان مٿي رهجي ٿي ويا ته اُهي واڌري ملهه تي وڪامي ٿي. گهڻو ڪري جيڪا به ٻارن جي گهرج هئي اُنهيءَ ئي حد اندر ٻار پيدا پئي ڪيا ويا. ٻارن جا طرحين طرحين نمونا هوا پر گهڻو ڪري ٻار جيڪي پوري رنگ جا هوا، تنجي وڌيڪ گهرج هئي. جنهن صورت ۾ ٻار هترادو مشينن وسيلي ٺهيل هوا، تنهن صورت ۾ جيڪي به اوڻايون اسانکي پنهنجي دنيا ۾ انساني ٻارن ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، سي اُنهن ۾ هيون ئي ڪين. ڇو جو جيڪڏهين به ڪي اوڻايون شروعاتي اوستا ۾، سائنس جي

اوزان جي معرفت ڏسڻ ۾ آيون ٿي ته يڪدم اُنهن جو علاج ڪيو ٿي ويو يا ٻيءَ صورت ۾ اُنهن کي ناس ڪيو ٿي ويو. انهيڪري جيڪي به هتوادو ٿهيل ٻار هوا سي سڀيئي سهڻا، ڀولاٿا، تندرست ۽ وڻندڙ هوا. اُن وقت ته مون ڀانيو ته آءٌ ڪنهن فرشتن جي ملڪ ۾ اچي وارد ٿيو آهيان جتي چوگرد حسن ٿي حسن جي هٻڪار لڳي پيئي آهي. مطلب ته انسان سائنس جي رستي قدرت تي ڪمال ڪري ڏيکاريو هو. اڃا انهيءَ حد تي اچي چڪو هوس ته مون دل ۾ سوچيو ته هڪ ٻه ٻار ته آءٌ به خريد ڪريان سو جيتري ۾ اگهه چڪايم ٿي ۽ ڀانيم ٿي ته فلاڻو ڪي فلاڻو ٻار وٺان ته منهنجي ننڊ ڦٽي پيئي. ڇيم ته مار! آءٌ هوس کهڙي دنيا ۾؟

بس پوءِ ته جيڪي خيال دل ۾ آيم تنجو ته ڪاٿو ئي ڪينهي. ڇيم ته جنهن نموني جي دنيا مون سپني جي اوستا ۾ ڏٺي اُها جي سائنس جي ذريعي پيدا ڪري سگهجي ته استري جاتي جو ڪيترو نه ڀلو ٿي سگهي ٿو! گهرن جي گهٻي، ڪلڪل، زال ۽ مڙس جا جهيڙا جهٽا، ڀائرن ۽ ڀينرن جا تڪرار سڀ گم ٿي وڃن ڇو جو انسان کي جيترن ٻارن جي سمر ٿي هوندي اوترائي وٺندا ۽ سياڻپ جيڪڏهين ٻارن جو انداز حد اندر آهي ته پوءِ ڪيترا گهرو مسئلا اُٿن ئي ڪين ٿا. پر جي ٻه ڪٽي اُٿيا ته اُهن ٻارن جو وڪري ذريعي نيڪال ڪري سگهجي ٿو ڇو جو ٻارن ۾ اُهو موهه نه ٿيندو جيڪو اسين هن دنيا ۾ ڏسون ٿا. ازانسواءِ ٻيا به ڪيترا انساني مسئلا حل ٿي وڃن. نه رڳو ايترو پر هيءَ دنيا جيڪر سورڳ پري بڻجي پوي. ڪيئن؟ اهو پڙهندڙ، ٻاڻ خيال ڪري سگهن ٿا. جيڪڏهين ماڻهو اوتري انداز ۾ پيدا ٿي سگهن جيتري گهرج آهي ته بک، بيماري، بيروزگاري ۽ بي آرامي جو مسئلو يڪدم حل ٿي وڃي. ٻيو ته هيتري ڪشمڪشا، جد و جهد، آنڌ مانڌ، لڙايون جيڪي قومن ۾ ڏسون ٿا، سي جيڪر هڪ ڪن ۾ گم ٿي وڃن. پورب سکي، پشچم سکي، مطلب ته سرو ۾ سک سمائجي وڃي. هي جيڪي قومن ۾ انتر راشٽري آرٿڪ ۽ راجنيتڪ جنگيون لڳن ٿيون، سي به لڳن ئي ڪين. چوگرد آنند ئي آنند پکڙجي وڃي. شخصي، گهرو، پنگتي، راجنيتي، آرٿڪ، تعليمي ۽ آتمڪ نقطي نظر کان گهرو جيوت ۾ اُهو ڦيرو اچي وڃي جو ڪياباٽ! آءٌ انهيءَ سپني کانپوءِ اڃا به ائين سمجهندو آهيان ته هن دکي ۽ نڀاڳي دنيا جا سڀيئي مسئلا تڏهن حل ٿيندا جڏهن سائنس ذريعي ٻارن پيدا ڪرڻ جو طريقو ڳولي ڪڍبو ۽ جنهن نموني ۾ هينئر انسان ذات جي اُپتي ٿئي ٿي، سا بند ٿيندي. جيستائين ائين نه ٿيو آهي تيستائين اُميد رکڻ ته دنيا ۾ ڪجهه به شانتي اچڻي آهي سو آهي ڀرون کان ڀير گهرڻ.

ولايت جا نانگا

ليکڪ:- هيرانند واڌومل عيدناڻي [پريمي]

(ليکڪ)

ولايت جون جماعتون ٻيون به گهڻيون ئي هڏ ڦونسين: پر هيءَ ته اصل اور ۽ عجيب. خيال ته ڪريو، جتي زالون مرد پُرم شرم وساري، ڪپڙا لاهي بلڪل اُگهاڙا ٿي، کليءَ ميدان ۾ سج جي تابش هيٺ گڏ وهي کائين پيئن، کلن کيلين ۽ کسرت ڪن، اتي ڇا لڳو پيو هوندو! اسين اڄ هوريل اهڙي قسم جو نظارو ڏسون ته اسانجي دل ۾ غيرت ۽ ڪراهت جو رت ٽهڪي ۽ شايد ائين چاهيون ته اهڙن بيشرم ۽ بيغيرت نانگن (Nudists) کي انهي دم بندوق جي منهن ۾ ڏيئي جهنم ڏانهن روانو ڪريون.

خاص ڪري اميريڪا ۾ ته هيئنٽر اهي نانگن جون جماعتون ايتريون نڪري پيئون آهن، جو ڳالهه ڪرڻ جي ناهي. ٽپي ٽپي تي ڏسو ته "نيوڊسٽ ليگ"، "سن شائين ڪلب" وغيره لڳيون پيئون آهن. اٽڪل ڏهه لک ميمبر هيلتائين ٿي چڪا آهن.

ائين نه سمجهڻ گهرجي ته انهن جماعتن جا ميمبر ڪي بداخلاق يا ٻنگتي دنيا مان ڌڪيل مرد ۽ زالون آهن، بلڪ وڏا وڏا جج، وڪيل، ڊاڪٽر ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهن.

هاڻي ڏسون ته اهي عجيب جماعتون ڪهڙي اصول تي برپا ڪيون ويئون آهن ۽ سچ پچ انهنجو اصول سچ تي ٻڌل آهي يا هڪ شيطاني سٽا تي. اسانکي خبر آهي ته سورج اهو گوهر آهي جنهنجي تابش هيٺ جيو جنتر جيئن ٿا، وڻ ٽڻ ٽلن ٿا ۽ ڦل ڦول ڦٽن ٿا. انهيءَ اصول تي ئي اهي جماعتون کوليون ويئون آهن. انهن جماعتن جا ابا آکين ٿا ته:-

"جيڪڏهن ڪو شخص بلڪل اُگهاڙو ٿي، صحت جي اصولن مطابق زندگي بسر ڪري ۽ پنهنجي جسم جو هر هڪ عضوو سورج، هوا، پاڻي، روشني گرمي ۽ سردي جي قدرتي اثرن جي ارپڻ ڪري ۽ واجبي ورزش ڪري ته هنجو بدن سڊول ۽ جانٺو ٿيندو، دک ۽ تڪليف جو نالو نشان نه رهندو، سندس دل ۽ دماغ ۾ هڪ عجيب شڪتي پيدا ٿيندي ۽ هو سدائين تندرست، ڪلمک ۽ خوش گذاريندو. جيڪي ماڻهو

سمجهن ٿا ته انهن کليو کلايو اگهاڙو گذارڻ ڪري ۽ هڪ ٻئي جي ننگن عضون کي ڏسڻ ڪري دل ۾ خراب خواهش پيدا ٿي ٿئي ۽ دل ۾ بداخلاقيءَ ڏانهن مائل ٿي رهي، انهن ماڻهن کي اسين خاطري ٿا ڏياريون ته ائين ناهي، بلڪل ناهي. البت پهريائين اهڙي قسم جي ڪشش پيدا ٿئي ٿي پر اها آهستي آهستي دٻجي وڃي ٿي، تانجو نيٺ ناس ٿي وڃي ٿي ۽ ننگن جون دليون صاف ۽ آزاد خيالن سان ڀرپور رهن ٿيون. هو هڪٻئي سان دوستي ۽ همدردي رکي اهي آنند پراپت ڪن ٿا. نه هنن جي جسماني هاڃيءَ لئي زهري جيوڙن جو قاتل اثر ٿئي ٿو، نه وري سندن دل ۾ ناپاڪيءَ ۽ ذلالت جو ڪو ٻج ڄمي ٿو.

سوريه-اشنان جسماني مضمون ۽ دلي پاڪدامنيءَ لاءِ ڪيتري قدر مفيد آهي، سو هڪ ننگن جي جماعت جي ميمبر مان معلوم ڪري سگهبو. هو لکي ٿو ته:-

”هڪ ڏينهن اوچتو ئي اوچتو مونکي هڪ مخزن “Among the Nudists” هٿ لڳي. ان ۾ مردن ۽ زالن جا اگهاڙا فوٽا ڏسي، منهنجا ته ڪڪ ئي لڳي ويا. ڪجهه مضمون پڙهڻ بعد انهن ننگن مردن ۽ زالن کي پنهنجن اکين سان ڏسڻ لاءِ منهنجي دل ۾ خواهش پيدا ٿي. ٻئي ڏينهن هڪ جماعت جي سيڪريٽري سان گڏيس جنهن چيو ته ميمبر ڪيو وينداسين، پر شرط اهو جو پاڻ سان هڪ ٻي ڇوڪري به وٺي اچي جماعت ۾ داخل ڪرائيندين. ڪنهن ڇوڪريءَ کي قاسائي جماعت ۾ داخل ڪرائڻ مون لاءِ ڏکي ڳالهه هئي. آخري هڪ ٻي جماعت جي سيڪريٽريءَ مس آر. ڊبليو سان گڏيس. هن مونکان في ڪجهه وٺي ڪ ورتي ۽ مونکي رات جو پراڻ وي جي هڪ ڪسرت خانه ۾ اچڻ لاءِ چيائين. رات جو مان اتي ويس. مونکي هڪ وڏي ڪمري ۾ نيو ويو جتي سڀ اگهاڙا مرد ليٽيا پيا هئا. هنن جي ننگن جسمن کي ڏسي مان ڀوڳيا ٿيس البت ڇوڪيس ٻو پوءِ جڏهن هنن اچي ورايم تڏهن پنهنجا ڪپڙا لاهي هنن جهڙو ننگو باندر ٿي بيٺس. خبر پيم ته ڇوڪريون وري هڪڙي ٻئي ڪمري ۾ جدا سمهنديون آهن.

”سڄي رات پاسا ورائيندي ڪاٽيم، ڇوان پيو: ”ڪڏهن صبح ٿيندو، ڪڏهن اگهاڙيون ڇوڪريون ٻاهر نڪري رانديون ڪنديون، ڪڏهن مان ساڻن ڳالهائيندس ۽ ڪڏهن انهن مان ڪن کي باز آڻي نيو پار ڪ وٺي ويندس. نيٺ تارن لڪيندي رات نبري. صبح ساڻ جان ڏسان ته ٻاهران کلڻ، ڳالهائڻ ۽ ڳائڻ جا آواز اچي رهيا آهن. ٽپ ڏيئي اٿيس. سڀ اچي ٻاهر گڏيا سين. اتي هڪ وڏي ميز رکي هئي جنهن جي چوڌاري سڀ زالون مرد ويهي ويا سين ۽ نيرن ڪئيسين. نيرن کانپوءِ هرڪو ڇهل قدمي ڪرڻ لڳو. ڪن دوستن زيتون جو روغن مالش ڪرڻ لاءِ ڏنم، جنهن سج جي تيز تابش جو برو اثر نه ٿئي. ڪيترا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گاهه تي چادرون وڇائي ويهي رهيا. ڪي اخبارون پڙهڻ لڳا، ڪي پت

شت ھڻڻ لڳا ۽ ڪي ليٽي سوريه اشنان ڪرڻ لڳا. پاڻ کان ٿورو پري ھڪ سھڻي ڇوڪري، ڪي اڪيلو سوريه اشنان ڪندو ڏٺم. مان وجھه ڏسي ھنوٽ ويس ۽ ساڻس ڳالھايم. ھاڻ ته مونسان آزاديءَ سان ڳالھايائين بلڪ مونکي اگھاڙي فوٽي ڪيڻ جي به اجازت ڏنائين. مون ڪئمرا ڪنئي ۽ ڪيس ھڪ خاص حالت ۾ ويھاري فوٽو ڪڍيو مانس. پوءِ ٻئي ڄڻا ٿورو پريرو نڪري ويا سين ۽ گاھه تي ليٽي پيا سين.

پڇيو مانس: ”توھان جماعت جو ميمبر ڪھڙي مقصد سان ٿيا آھيو؟“

ڪلي وراڻيائين ته، ’فقط ھن جماعت جي پر اسرار حالتن مان واقف ٿيڻ لاءِ.‘

”ھوءَ مونسان اھڙيءَ طرح ڳالھائي رھي ھئي جڻ ته ڄاڻي ڄم کان ساھيڙي ھئي. ڳالھين ۾ وري اھڙا مدو ٿي ويا سين جو پيا ننگا جي اسانکان گھڻو پري وينا ھئا، انھنکي به وساري ڇڏيو سين. نيٺ جڏھن ماني جو سڏ ٿيو تڏھن ويا سين. اسان ٻنھي گڏجي ويھي ماني کاڌي. نيويارڪ وڃڻ کان ھڪ رات اڳ پنھنجيءَ نئينءَ ساھيڙيءَ کي ھٿسان ھلڻ لاءِ چيم، جا ڳالھه ھن مڃي. مان پنھنجي حالت ۾ ڏھاڙي ڏيا نندارڻيءَ ن ڪاڻيو ڪلايو ٻڌائڻ پنھنجو فرض ٿو سمجھان ته مون ھن لھرڪ ۾ بھرو صرف انڪري ورتو جو حسين ۽ جميل ڇوڪرين کي اگھاڙو ڏسڻ جي خواھش ھيم. نه رڳو مون، پر سچ ته انھن آھي ته گھڻن ميمبرن ناٿو داخل فقط انھي مقصد سان ڪرايو ته ننگيون ڇوڪريون ڏسون!

ھينئر مان اھڙن ڇھن جماعتن جو ميمبر آھيان. ھڪڙي جماعت جون زالون ۽ مرد ته رات جو ھڪڙي ئي ڪمري ۾ گڏ سمھندا آھن. تازو (Elysia) نالي ھڪ فلم ڪڍي وئي آھي، جنھن ۾ (Elysinore) جي ھڪ جماعت جي زالن ۽ مردن جا اگھاڙا فوٽا ورتا ويا آھن.“

ڪھڙي خبر ته ڪو وقت اچي، جڏاھن سگوريءَ سنڌ جي ”سڌريلن“ ڪڪن کي جوش چڙھي وڃي ۽ ان جوش جي ٽاٽائيءَ ۾ سڀ ڪپڙا پرواري سنڌ ۾ سرون لوڙايءَ ڪري، ڪن ڪڪين کي به ليند ڏيئي سنڌ ۾ (Nudism) جو جھنڊو بلند ڪن؟ جيڪڏھن ڪنھن به وقت اھڙي ھوا سندن مغز کي طراوت بخشي ته پوءِ مان اڳيئي ھڪڙي سھڻي صلاح ڏيئي ٿو ڇڏيان ته شھر جي ”سڌريلن“ مدبرن کان چندا ڪٺا ڪري بلڪ سنڌ سرڪار کان گرانٽ منظور ڪرائي حيدرآباد يا ڪراچيءَ ۾ ھڪ ”ڪسرت شالا“ جوڙائين ۽ الي وڃي ڪسرت ڪري پنھن جي ”جوش“ کي دفع ڪري جا ننا ٿين.

جرمنيءَ جو سندس وڃايل بينڪن تي حق

ليکڪ:- مسٽر رام تيجومل شهاڻي، ايم-اي.

تازو هٽلر نعاري جي چوٽ تي پڌرائي ڪئي آهي ته جرمني کي مهاڀاري لڙائي ۾ هارايل بينڪون ضرور موٽائي ملڻ کپن. اهو هينئر جرمني لاءِ موت ۽ جيوت جو سوال آهي. هت ودوان ليکڪ ڏيکاريو آهي ته جرمني ڪيئن اهي بينڪون وڃايون ۽ هينئر هوءَ ڇو انهنجي موٽائي ملڻ لاءِ زوردار گهر ڪري رهي آهي. ايڊيٽر

اڄ جرمنيءَ ۾ هڪ زبردست تحريڪ هلي رهيو آهي. سڀڪنهن جي وات تي اها ڳالهه آهي ته جرمنيءَ کي سندس وڃايل بينڪون واپس ملڻ کپن. اخبارن ۾، تقريرن ۾، راتيشتاگ ۾، سڀني هنڌ ساڳي وائي، ساڳي بات. اڄ جرمنيءَ جي حقن حقوقن تي لت آيل آهي. ڇا ڪا به سومان واري قوم اهڙي قسم جي حالت سهي سگهندي؟ هٽلر ۽ سندس همڪار ۽ تنهنجي پنيان جرمني جو اڪراءِ يقينو انهيءَ دشا ۾ ڊوڙي رهيو آهي ته ڪنهن وقت جرمني کي دنيا جي ڪن طاقتن ڌوڪو ڏنو هو. انهي وقت جرمني جي خراب حالت هئي ۽ پر اڄ جرمني هڪ نئين پيماني تي بيٺل ٿي پسجي. وقت آيو آهي ته جرمني پنهنجا سانڍيل سور ظاهر ڪري. ڪيتي نه آهي ته فوجي، بحري ۽ هوائي طاقت جي ڀيرائي سان ڪو جرمنيءَ کي روڪي سگهي!

سن ١٩١٩ع ۾ ورسائيل جي عهدنامي وقت جرمنيءَ سان ڪهڙي نه لعدي ڪئي ويئي! اها ڳالهه عالم آشڪار آهي. جرمنيءَ ١٩١٤-١٨ع واري مهاڀاري لڙائي ۾ هاريو. ممڪن آهي ته جي آمريڪا انهي لڙائي ۾ همٿ نه ڳنڍي ها ته رفيق طاقتن جي لاءِ جرمني کي جيتڻ هڪ ڀاري مسئلو ٿي پوي ها! اهو جرمنيءَ جي سياستدانن جو ڏيوالو هو، جنهنڪري آمريڪا کي اصولن جي مبني تي ۽ نه احساسات جي مدار تي هن لڙائيءَ ۾ پرويش ڪرڻو پيو. پر اهو ڪيئن به هجي! جڏهين جنگ ختم ٿي، تڏهين جرمنيءَ کي آمريڪا جي رشيءَ ولسن دواران چوڏهان نقطا پيش ڪيا ويا. انگلنڊ، فرانس، آمريڪا ۽ سڀني قومن جو انومان ۽ پڻ جرمنيءَ جو-ائين هو ته صلح انهن ١٤ نقطن تي ٻڌبو. اسان جو ڪم خاص پنجين نقطي سان آهي، جنهن ۾ تمام چٽيءَ طرح ڄاڻايل هو ته جرمنيءَ کان سندس آفريڪا توڙي پاسفڪ سمنڊ واريون بينڪون ڪو نه کسيون ويندئون. شايد اهو نقطو انهيءَ ڳالهه تي

بينل هو ته جرمنيءَ ١٨٨٥ع ۾ يورپ جي ڪن طاقتن سان هڪ عهدنامو ڪيو هو جنهن ۾ انهن ٺهرايو ويو هو ته آئينده ڪنهن به لڙائيءَ ۾ بينڪون ڦرو نه وٺن؛ يعني ته بينڪن جو ڪوبه واسطو يورپ اندر ملڪي معاملن جي منجهيل جارسان نه هئڻ گهرجي. ولسن جي پنجين نقطي جرمن عالم جي پيٽ ۾ ڪچهه ساه وڌو. انهن تي جاتو ويو ته يورپ جا سياسي اخلاق صفا پٽ تي ڪريل ڪونهن. پر جڏهين سچ پچ جرمنيءَ جا نمايندا يورپي قومن جي گڏيل اجلاس واري ميز تي وڃي ويٺا، تڏهين هنن کي فاتح قومن جي ڏوڪي بازي ڀرپور دفعو نظر آئي. جرمنيءَ جي به هئي دردشا، سو جرمنيءَ مجبوريءَ هيٺ اچي عهدنامي تي صحيح وڌي. جرمني ڪنهن سان حال اوري؟ هوڏانهن ويچارو رشي ولسن گهڻو شرمندو ٿيو. هوئي هو جنهن آميريڪا کي دنيا جو آمين ڪري جنگ ۾ داخل ڪيو هو. هو آميريڪا جي شاهي رائي سان ملت ۾ نه هئڻ ڪري بلڪل بيڪس هو. قانوني سرشتي جو ليڪو لتاڙڻ ڪا جهڙي ٺهڙي راند ڪانه هئي. آميريڪا جي قاعدي ساز مجلس بنه نابري واري ويئي، ته: ”آميريڪا جو ڪم هو جنگ ۾ گهڙڻ ۽ اصولن جي فتح ڏسڻ. باقي يورپي گهوٽالن ۾ آميريڪا جو ڪهڙو ڪم؟“ ١٩١٩ع ۾ مهارشي ووڊرو ولسن جون رٿون فرش تي ڪريل نظر آيون.

سياستدانن کي ڪنهن به ڪم ڪرڻ لاءِ سببن ڏيڻ ۾ ويرم ڪانه لڳندي آهي. جرمني انهي وقت پٽ تي ڪريل هئي. ڇا ٿي ڪري سگهي؟ پر سيني کي اهو ڊپ هو ته جرمني متان وري ڪنڌ مٿي ڪڍڻ جهڙي ٿئي، تنهن ڪري اهڙي ڪا ڪيڏ بازي هلائجي ۽ اهڙي ڪا تجويز پڪيڙجي، جئين جرمني هميشه پٽ پير رهي. عجب ته اهو آهي ته سياستدانن کي سياسي ذهنيت ماضي تجربا ڏيکاري ٿي، سي هو ڪن غوغائي ۽ فوري وقتن لي ڪيئن نه وساري ڇڏين! شايد فرانس کي وسري ويو هو ته ڪيئن بسمارڪ ”ستن هفتن جي لڙائيءَ“ کانپوءِ هڪ پيانڪ ڪوشش ڪري رهيو هو ته فرانس کي اهڙي ڪا شڪست ڏجي جئين هميشه ٽرين پير رهي. بسمارڪ جنگ به کٽي، ڏن به چڱيءَ طرح پراڻي ورتائين، پر ٿورنو به ڪيس اهوئي ٿي رهيو ته سياڻي صبح جو جي فرانس ننڍ مان ڇرڪ ماري اٿي ته پوءِ شايد جوش ۾ جرمنيءَ جي تباهي ڪري ڇڏي. پر فتح جي مخموريءَ ۾ ڪليمينشو کي اهو سبق بنه وسري ويو هو. سا ڳي ڪا رٿ يا نفاق ڪري يا شاهي راين اڳيان لب اچلائڻ ڪري، لائڊ جارج به انهن قبول ڪيو ته جرمنيءَ کان سندس بينڪن جي اختياري کسي وڃي. اهوئي خيال هوس ته جرمنيءَ سان اهڙي ڪار ڪجي جو هميشه لاءِ پيٽي ڪن مهٽي. غرض ته جرمنيءَ کان سڀ بينڪون کسيون ويون.

١٩١٩ع ۾ قومن جو منڊل عمل ۾ آيو. ان منڊل جي ٺهراءَ موجب ۽ بين الاقوامي سرشتي پرماڻي، جرمنيءَ وارين آفريڪا جي بينڪن جو انتظام انگلنڊ ۽ فرانس

جي وچ ۾ وراهيو ويو. ٽوگولئنڊ ۽ ڪئمرونس
جي وچ ۾ ڪٽجي ويئي. ايسٽ آفريڪا
برطاني حڪومت جي روپ ۾ قائم ڪئي
ويئي، ۽ ويسٽ آفريڪا جو فرمان ساؤٿ
آفريڪا جي يونين کي سپرد ڪيو ويو.
آفريڪا ۾ هاڻي جرمنيءَ لاءِ ڪجهه به نه
رهيو. ڪئا چائوُ جپان کان ئي کسي چڪو
هو. پاسفڪ ۾ سموئا، نيوگني ۽ بسمارڪ
آرچيليگو جي انتظام جون واڳون آسٽريليا
۽ نيوزيلنڊ جي وچ ۾ وراهيون ويون. هن
سڄي لڙڪ ۾ جرمنيءَ اِي به ڪا نه ٻولي،
ٻڙڪ به ڪا نه ٻاهر ڪڍي. پٽ پر ڪريل
جرمنيءَ جي چپن ٻي چنو، سا ڪيئن ڪڇي؟
هيئنر جڏهين جرمني، جوش ۾ اچي، تيل
انياءَ لي پڪار ڪري رهي آهي، تڏهين ٿا
ٻڌون ته ديسي رهواسين کي هڪڙيءَ
حڪومت کان ڪڍي ٻيءَ ڏانهن ڪيئن بدلائجي!
مسخري آميز ڳالهه اها آهي ته ۱۹۱۹ع ۾
جڏهين ديسي ماڻهن کي جرمنيءَ جي
سامراجيہ (حڪومت) کان جدا ٿي ڪيو
ويو، تڏهين ڪنهنکي ديسي رهواسين جا
حق ياد به هئا يا نه؟

مٿي چيو ويو آهي ته حملي ڪرڻ لاءِ
سياستدانن وٽ سبب جام موجود هوندا
آهن. جرمنيءَ تي ٻن قسمن جون تهمتون
ڏريون ويون: هڪڙي اها ته جرمنيءَ کي
بينڪن جي سنڀال ڪرڻ ڪا نه ٿي اچي
جو جرمني بينڪيءَ راڄ جهڙي ڀيڙي
۾ اچا پار آهي. ٻيو ته ڪوڙي ڪي سچي
نموني ۾ ثابت ڪيو ويو ته جرمنيءَ ديسي
ماڻهن کي ڏهڻ لاءِ خوب ظلم ڪيا هوا.

دنيا کي ائين ڏيکاريو ويو ته بينڪي راڄ
جي حفاظت لاءِ جرمني بلڪل نالائق آهي.
اهو به ڏيکاريو ويو ته سيپٽا، شائستگي ۽
سنسڪرتيءَ لي هڪ ڪارو ڪلنڪ آهي،
جي هزارن گونگن، پٺتي پيل ديسي ماڻهن
جي تقدير هڪ پاپي ۽ خون وهائيندڙ قوم
جي هٿ ۾ ڇڏي ويندي. پر انهن سڀني
ڳالهين لاءِ ڪنهن پڪيءَ ثابتيءَ جي ضرورت
هئي. سو هڪڙو "نيرو ڪتاب" ٺاهيو
ويو. اُنهي ۾ جرمنيءَ تي انيڪ پرڪارن
جون تهمتون مڙهيون ويون. ڪن سالن
تائين ته انهي ڪتاب جي زور تي دنيا
جرمنيءَ کي ننديندي رهي هئي. پر ڪوڙ
ڪيستائين لڪي سگهي؟ آهستي آهستي
ڳالهه کلي ته ڪيتريون تهمتون جڙتو آهن.
خاص موقعي لاءِ شاهديون ڪٺيون ڪرڻ
ڪو ڏکيو ڪم ڪونهي. انگلنڊ به ائين ڪيو
هو. سو هڪڙي جانسٽن آفريڪا ۾ برطاني
منتظم ڏيکاريو ته اهي شاهديون بلڪل
بي بنياد آهن. ساؤٿ آفريڪا جي ڪن
اخبار نويسن به جلد دنيا کي خبردار ڪيو
ته جرمنيءَ تي انيڪ بي بنياد تهمتون ڏريون
ويون آهن. روزويلٽ جو به اهو رايو هو
ته جرمنيءَ جا حاڪم ٻين قومن جي مقابلي
۾ بينڪن تي راڄ ڪرڻ ۾ رتيءَ ماتر به
گهٽ ڪو نه هئا.

جرمنيءَ کان بينڪون کسيون ويئون
تنهنجو هڪ سبب اهو هو جو رفيق طاقتن
کي ڊپ هو ته جرمني ڪيترن بينڪي بندرن
کي آبدوز ڪشتين لاءِ هم مرڪزيءَ جا
آستان بڻائيندي. ايسٽ آفريڪا ۾

دارالسلام اهڙي قسم جو بندر آهي. اڄ به جي جرمنيءَ کي ايسٽ آفريڪا واپس سپرد ڪيو وڃي ته شڪ نه آهي ته دارالسلام کي يا ته ”فري پورٽ“ (آزاد بندر) بڻايو وڃي يا ته اُنکي بين الاقوامي سرشتي هيٺ رکيو وڃي. اهي ٻئي دليل ڪيتري قدر سچا هئا، تنهن جي هينئر دنيا کي سمپورڻ معلومات آهي.

ڪي سال ته جرمنيءَ ۾ ڏڪڙ رهيو. قيصر ته پڇڙي ڇتو پر انقلاب جا اُلارڪي رکي پڙڪو ڏيئي رهيا هئا. ويمر جي راڄداني سرشتي موجب جرمنيءَ ۾ جمهوري راڄ برپا ڪيو ويو. پر جرمني جنهن ذلتي حالت ۾ هئي تنهنجو احساس ننڍي وڏي جي دل ۾ چهنبڙي پائي رهيو هو. جرمني ڪنڌ مٿي ڪڍڻ جهڙي نه هئي. مالي مشڪلاتون، مقامي رڳڙا ۽ گهڙي، ۽ بين الاقوامي درگتي، اهي هئا جرمنيءَ جا خاص سور. منجهيل وقت تي ئيندا آهن جن ۾ سرمختيارن (اڳوانن) جي خاص ضرورت پوندي آهي. مٿين سببن ڪري هٽلر کي ترين پير پيل جرمنيءَ حڪومت ڏيئي ڪيس دل وجان سان استقبال ڪيو. جرمنيءَ ڪن ٿورن سالن ۾ ڪيئن ڪنڌ مٿي ڪنيو آهي تنهن ڳالهه سان هن وقت اسان جو خاص واسطو ڪونهي. اسانکي ته خاص اها ڳالهه نظر هيٺ رکڻي آهي ته جلدئي، هٽلر جي سرمختياري هيٺ، جرمنيءَ پنهنجي ترقي ۽ بهبوديءَ جو ثبوت ڏنو آهي. تمام تيز رفتار سان جرمني، پنهنجي لڙائيءَ کان اڳ واري حيثيت تي پهچڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. نيٺ ڏسي ڏسي هٽلر ٧ مارچ ١٩٣٦ع ۾ رائشٽاگ (جرمن پارليامينٽ) ۾ ڳالهائيندي وچايل بينڪن جي باري ۾ ڪي لفظ چيا جن دنيا جي سياسي ميزان ۾ ڪجهه قدر ڪاڻ وجهي ڇڏي ۽ ڪيترن سياسي ملڪن ۾ ڦڙڦوٽ ۽ سنسني پيدا ڪئي. هٽلر حق جي ڳالهه تي ڪئي يا نه، سو پوءِ ٿا ويچاريون؛ پر هٽلر ڪي سور پنهنجي ماڻهن کي سليا. سورن جو اُپاءُ سڀني کي هو، پر جيستائين سردار نه بولي تيستائين سڀ ڪجهه اجايو هو. هٽلر پنهنجي تقرير ۾ ڪي اڻ اکر ظاهر ڪيا. پنهنجن ماڻهن کي ڏيکاريائين ته ڪيئن هن وقت جون زبردست قومون، مثلاً انگلنڊ، فرانس، اٽلي، بيلجم وغيره. ڌرتيءَ جي سطح تي دخل جمايو ويٺيون آهن، ۽ ڪيئن ٻيون ٿوريون قومون مثلاً جرمني ۽ اٽلي، اوليئي اوج تي پهتل آهن؛ بنه بينڪن کان سواءِ آهن. وري به شاباس آهي اٽليءَ کي جنهن ليگ ۾ ڪي ليگ کان سواءِ، ڪي ليگ جي ورتا، ڪنهن به رڪ رڪاوٽ بنا، انگلنڊ ۽ فرانس جي غير جانبداري ۾ پورن يقينو رکي، مات ۾ وچي حبش جو ملڪ وسايو! پر شاباس آهي جپان کي جو پنهنجي ضعيف پاڙيسري چين کي، اُٺ پاڙيسري نموني ۾، ٽڪر ٽڪر ڪري ڳرڪائي رهيو آهي. ڪهڙو آهي اُپاءُ اُنهن قومن لاءِ جن کي آرٿڪ مسئلا حيران ڪري رهيا آهن، جن کي سياسي حرص جو خمار ستائي رهيو آهي؟ پر ڳالهه ته جرمنيءَ لڙائيءَ کانپوءِ بالائي

پيدا وارين جي باري ۾ ڪيترو نه سنو! انگ اکر پاڻ ڳالهائي رهيا آهن. جرمني ايڪ ٻوڪارن جون بالائي پيدا واريون، معدني ترڙي نباتاتي، وچائي وڻي، چا، جرمنيءَ کي وري انهن سڀني شين کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو حق آهي يا نه؟ اهو هو هٽلر جي غوغائي تقرير جو تات پرنج. جيڪي ماڻهو جرمنيءَ جي حقن جي تائيد ڪري رهيا آهن، اُنهن وٽ انيڪ قسمن جا دليل حاضر آهن. جرمنيءَ جو قانوني حق مٿي ڏسي آيا آهيون. سياسي حقن جي باري ۾ ڪجھ وڌيڪ چوڻ مناسب نه آهي. سياسي آبرو هر ڪنهن سواڏين قوم کي پياري آهي، سو جرمنيءَ جي موجوده منورتيءَ لي ڪنهن به قسم جو عجب ڪائڻ روا نه آهي. پر اڄ ڪلھ جرمني خاص ڪري آرٿڪ ۽ مالي مشڪلاتون دنيا اڳيان پيش ڪري رهي آهي ۽ اُهي دليل ڪيتري قدر سچا آهن تنهن جي پوري خبر ڪا نه ٿي پئجي سگهي. سيڪو پنهنجي پنهنجي نقطہ نگاہ سان هن مسئلي ڏانهن نهاري رهيو آهي. پيو نه انگ اکر سچ ۽ ڪوڙ پئي ثابت ڪري سگهن تنهنڪري انگن اکرن تي گهڻو اعتقاد رکڻ بلڪل غير واجبي آهي.

جرمنيءَ جو پهريون دليل بينڪن حاصل ڪرڻ لاءِ هي ۽ آهي ته بينڪن مان بالائي پيدا واريون سوليءَ ريت حاصل ڪري سگهجن ٿيون. ڪي سال اڳي سر نارمن اينجل هڪ ڪمال ڪتاب "دي گريٽ اليوزين" جي نالي سان شايع ڪيو هو. ڪتاب جو دليل هي ۽ پڻ هو ته جن قومن کي بينڪون ڪونهن سي بالائي پيدا وارين جي باري ۾ اجايو خلم چو باري رهيون آهن. بالائي پيدا وارين ڪٿان به ونجن پر مفت ته ڪونه ٿيون ملن؟ اُنهن لاءِ ڪنهن نه ڪنهن نموني ۾، عيوض ڏيڻ بلڪل ضرور آهي. پوءِ ڪهڙو تفاوت آهي جي جرمني ڪا به اهڙي قسم جي پيداواري پنهنجن بينڪن مان وٺي يا ڪنهن ٻي ملڪ ڪان گهني؟ پر اهو مسئلو اهڙو سولو ڪونهي. جرمنيءَ جي دائمي هل هنگامي پنيان ضرور ڪجھ قدر تحقيقات باطني هوندي. پهرين هيئين انگن اکرن تي ٿورو غور ڪرڻ ضرور آهي. لڙائيءَ کان اڳي جرمنيءَ کي ڪمورنس مان ربڙ، ۷۵ سيڪڙو فاسفيٽ، ۴۰ سيڪڙو ڪوڪو، ۳۰ سيڪڙو ڪيلا، ۲۰ سيڪڙو خطجدي ڪاٺ، ازانسواءِ ڪافي، نباتاتي تيل، تماڪ، ڏونگهيون وغيره ملندا هئا. ۱۹۱۴-۱۸ع جي عرصي ۾ جرمنيءَ بينڪن سان تجارتي تعلقات تمام زور شور سان هلايا ۽ جي لڙائي نه ٿئي ها ته اڃا به وڌيڪ رفتار سان شايد جرمني پنهنجي واپاري ترقي ۽ بهبودي حاصل ڪري سگهي ها. لڙائيءَ کانپوءِ جرمنيءَ جو واپار سندس اڳين بينڪن سان گهڻو گهٽجي ويو ۽ جي انگن اکرن تي اعتبار ڪجي ته اڃا تائين گهٽبو پيو وڃي. جي بينڪن ۽ بالائي پيدا وارين جي وچ ۾ ڪو به سلسلو ڪونهي ته انهيءَ واپار گهٽجڻ جو سبب ڇا؟ برطانيه جي نقطہ نگاہ کان ائين چيو ٿو وڃي ته اڳي آرٿڪ مسئلن ۾ انگريزي راجنيتي مٿو هوري محصولي واپار جو،

پرھيئڻ، سياستدان سوديشي ھلچل کي ھمٿائڻ سان گڏ
ديسي پيدائش جي رکيا لاءِ محصولي ديوارون
خوب عمل ۾ آڻي رھيا آھن ۽ اھو ئي سبب
آھي جنھنڪري جرمنيءَ ھيترا نقصان ۽
ھيتريون تڪليفون سٺيون. اھا ڳالھ ڪٿي
به ھجي پر ھڪڙي ٻي به ڳالھ خيال ۾ آڻڻ
گھرجي. ٻاھرين ملڪن کان ٻالائي پيداواريون
گھرڻ ۾ چالو سڪي جو مسئلو مدبرن کي
حيران ڪندو آھي. جي جرمنيءَ ۽ سندس
ٻينڪن جي سڪي جو طريقو ساڳئي قسم
جو آھي ته جرمني انتقال ۽ تجارتي نفعن
کان ڇٽل رھي ٿي سگھي ۽ اوتري قدر
ڪيس ٻالائي پيداواريون سستي اگھ
تي ملي ٿيون سگھن. ٻيو ته جرمني
ٻالائي پيداوارين جي عيوض نقد جي بدران
جنس ڏيڻ ٿي چاھي. جي ڪيس بازار
ھڪي لڳي آھي ته پڪ اٿس ته سندس
ڪارخانن ۾ ٺھيل مال اجايو ڪو نه ويندو.
پر انھن حالتن ۾ جرمنيءَ کي اھڙي خاطري
ڪانھي. سچ پچ ته واپار جي نقط نگاھ
کان بازار جي اھميت ريٽي لٿي سگھجي.
شايد ائين چوڻ غلط نه آھي ته واپار ڌڄا
جو پيچرو لٿو ڇڏي سگھجي. انھي ۾ اصل شڪ
ڪونھي ته وڏين لڪاوٽن لاءِ جيڪا حڪومت
فرمان ھيٺ سرحدن تي راڄ ڏاڍي ٿي
ڪري، تنھنڪي سڀ ڪنھن اصولي ۾ پنھنجن
ملڪن تي ترجيح ڏني ٿي وڃي. ڪجھ
قدر حق ڏياري وڃڻ جو روڳ سڀني ھنڌ
دائمي آھي، جتي ھڪ زبردست قوم
ڪنھن ھيٺين قوم تي راڄ ٿي ڪري.
جرمني اڄ زور شور سان اعلان ڪندي
رھي آھي ته ڪيس ڪو ٻينڪن ۾ حق فروخت

ڪونه پيدا ڪرڻو آھي. ڪيس فقط روانگي
واپار لاءِ ۽ ٻالائي پيداوارين خريد ڪرڻ
لاءِ ٻينڪن جي خاص ضـــرورت آھي.
ڪيتري قدر جرمني پنھنجا واعدہ ۽ اقرار
پاليندي، تنھن بنسبت ڪجھ چئي نٿو
سگھجي. اھڙا انجام ڪيترن ئي ڏنا آھن
پر اڪثر ڪري عملي سرشتو قياسي سرشتي
کان بلڪل علحدي درجي جو آھي!

جرمنيءَ جو ٻيو دليل به ٻڌڻ وٽان آھي.
گوري ماڻھوءَ جي بوجي جو ويچار، جو
ڪپلنگ قيصـري مک مان چوايو ھو،
سو اڃا حيات آھي. دنيا جي چئني
دشائن ۾ يورپ ۽ آمريڪا جون انيڪ
قومون سنسڪرتيءَ (سڀيتا) جي ڦھلائڻ لاءِ،
جڳت ۾ جوت ٻرڪائڻ لاءِ، گونگن ۽ ٻوڙن
جي ڪنڌ مٿي ڪرڻ لاءِ، ھڪ قسم جو
تحرڪ ھلائي چڪيون آھن. اھا تحرڪ
ڪيتري قدر اخلاقي ۽ آدرشي اصولن
تي ٻڌل آھي، تنھنجي اپٽار ڪرڻ نا جائز
آھي. ڳالھ آھي ته جرمنيءَ کي انھي ھلچل
۾ ڀري ونڻ کان ڇو روڪيو ويو آھي.
جرمني به دنيا جي سڌريل قومن مان ھڪ
آھي ۽ آفريڪا ۾ جوت ڦھلائڻ لاءِ ڪيس انيڪ
قسمن جا وجھ موجود آھن. جرمني فن طب
۾ اڳتي وڌيل آھي ۽ لڙائيءَ کان اڳي
جرمنيءَ جي ڊاڪٽرن آفريڪا جي ڪيترن
روڳ پيڙيل جڳھين کي ڦيرائي رھڻ لائق
پيماني تي آندو. ٻيو ته ڪيترا جرمن لوڪ
ڪيترن ڪمن ڪارين ۾ تمام ماھر آھن.
ڇا ائين بھتر نه ٿيندو ته انھن جو سهڪار
يورپ جي سڀني قومن کي وٺڻ گھرجي؟
اڄ ڪلھ جرمني ڏسي رھي آھي ته فرمان

هيٺ سرحدن جي بهبوديءَ جو ڪم بلڪل هوريان هوريان ٿي رهيو آهي. جرمنيءَ کي تيز رفتار لاءِ هڪ خفت آهي. ڪيس ڇهونيون مسردار قومون تڪل ۽ ڪمزور ٿيون معلوم اچن.

آدم شماريءَ جي مسئلي تي ٻه چرچا ڪرڻ واجب آهي. جرمني اُئين ڏيکاري رهي آهي ته هڪڙو ته سندس معيشت جي ڪهط تي سهڻي ٻوي ۽ ٻيو ته جي ڪنهنکي ديس مان لڏڻ جي اِڇا ٿئي ته اُنهيءَ تي ٻه ٻيون قومون رڪاوٽون وجهي وينيون آهن. هينئين ڳالهه کي ويچار ۾ رکڻ گهرجي. سر نارمن اينجل جي چوڻ موجب، جيتوڻيڪ جپان منچوڪوئو حاصل ڪيو، تڏهين به جپان جا ماڻهو پا ڻمراد و پنهنجو وطن ڇڏي ٻئي نئين اُٽهاڻ ملڪ وسائڻ لاءِ بلڪل ارها آهن. ڪجهه قدر زوريءَ سان، ڪجهه قدر لاب سان ۽ ڪڏهين ته وري رشوت جي لالچ تي، ڪيترن ماڻهن کي ٻاهر ٿي موڪليو ويو. اُنهيءَ ڪري چٽي اٽو سگهجي ته ڪيتري قدر جپان جي آدم شماريءَ جو مسئلو تيز صورت اختيار ڪري رهيو آهي. تازو اٽليءَ اٻيسينيا تي چڙهي ڪري جيت پاتي، پر عالم آشڪار آهي ته اٽليءَ جا ماڻهو زبردستيءَ ڪانسواءِ، پنهنجو وطن ڇڏي وڃڻ لاءِ تيار ڪونهن. اهو انساني سياءَ جي بلڪل ورق آهي ته ڪو ماڻهو نهيل تڪيل حالتون ڇڏي، ٻيا ٻانن يا جهنگن پٽن ۾ پنهنجو گهر جوڙڻ وڃي. اهو تڏهين ٿي سگهندو جڏهين ماڻهن سان سندن ئي حڪومت اهڙا ڪي ظلم

ڪيا هوندا، جي ڪا سؤمان پري ۽ سياسي ريت سڄا ڳه پرجا سهي نه سگهندي. باقي هڪڙي ڳالهه آهي ته ورسائيل جي عهدناميءَ ڪانپوءِ جرمنيءَ جي اڳئين سرحد ۾ گهڻي قدر ڪمت ڪٽوت ڪئي وئي آهي؛ ۽ ٻيو ته جرمنيءَ جي آدمشماري وڌندڙ پيماني تي آهي. پر اهي سڀ حالتون جا چيندي ٻه پڪ سان اٽو چئي سگهجي ته جرمنيءَ جي حقيقي مشڪلات ڪيتري قدر سچي آهي.

اڄ جرمنيءَ کي بينڪون واپس ملن يا نه ملن سو مسئلو بين الاقوامي سروپ ڌارڻ ڪري چڪو آهي. خود جرمنيءَ ۾ گوڙ شور تمام گهڻي قدر وڌيل آهي ۽ باقي جو دنيا جي ڪيترين ڪنڊن مان غير جانبدار سياستدان جرمنيءَ جي طرفان دليل پيش ڪري رهيا آهن، تنهن ته آقي باقي جرمنيءَ جي حقن کي زور ورتايو آهي. مسٽر سنوڊن "سپيڪٽيٽر" ۾ لکندي انگلنڊ جي حڪمت عملي تي سخت نقطچيني ڪئي. رادرميئر "ڊيلي ميل" ۾ لکندي ٻه جرمنيءَ جو پاسو ورتو. ڊاڪٽر شاٽ جا دليل، جنجو ذڪر گهڻو مٿي ڪري چڪا آهيون، تنجي لاءِ ڪو سولو جواب هڪيو لڪيو حاضر ڪونهي. خود لائڊ جارج، جنهن جرمنيءَ کان بينڪن کسڻ ۾ مکيه ڀاڱو ورتو هو، سو ٻه ظاهر طور چئي رهيو آهي ته هينئر حالت ۾ قير گهير ٿي چڪي آهي، ۽ انگلنڊ کي قريل حالتن ۾ قريل راجنيتي متا اختيار ڪرڻ گهرجن. سياسي نيتيءَ جو سوال ڇو اُتارجي؟ "مڪائيو يلين" ۽ "ريئل پالٽڪس" جا مقصد سڀ ڪنهن

سياستدانن کي پنهنجي نظر اڳيان رکڻ گهرجن. اڄ جرمني ڪُوئي مان ٻلي ۽ ٻليءَ مان شينهن جي پدويءَ تي پهچي رهي آهي. اهڙي جناور جي سامهون ٿيڻ جي طاقت ڪنهن کي آهي؟ ٻي ڳالهه ته ذميواري ڪير کڻي؟ سياسي ڪشتي جي حالت پيدا ڪرڻ کان ماس جو ٽڪرو دل وجان سان کڻي ڏيڻ بهتر آهي وغيره. جڏهين اٽلي ائبيسينيا تي چڙهي ڪري رهي هئي، تڏهين سر سئميوئل هور جنيوا ۾ هڪ تقرير ڪندي چيو ته اٽليءَ کي اُسرڻ جو بلڪل واجبي حق آهي. اهو به هڪ "ريئل پالٽڪس" جو سرشتو! پر جرمنيءَ جو ڇا ٿيندو؟ جرمني پنهنجي گهرن جي هلچل دنيا جي سڀني اهڙن کان وڌيڪ اهم سمجهي رهي آهي. ڪيتريون اڌوريون رٿون اچي چڪيون آهن.

سر آرٿر سالٽر هڪ تقرير ۾ ڏيکاريو ته انگلنڊ کي ڪن قومن جي فائدي لاءِ محصولي واپار جي رٿ وري اختيار ڪرڻ کپي نه ته صلح سانت پري تبديل ٿيڻ جو ڪو به امڪان ڪونهي. سر آرٿر ٻه ڳالهيون پيش ڪيون: هڪ ته جرمنيءَ کي بالائي پيداوارين حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ ڪنهن قسم جون سهوليتون ڏنيون وڃن ۽ ٻيو ته هڪ گڏيل يورپي مئنڊيٽري سرشتو آفريڪا تي جاري ڪيو وڃي. پر جرمني انهن خانگي اُميدن، آسرن ۽ رٿن تي راضي ڪانهي. کيس سندس ٻيٽڪون بنا شرطي نموني ۾ واپس کپن. جرمن عالم جو مطلق رايو انهيءَ ڳالهه کي زور وٺائي رهيو آهي، ۽ جرمني جيستائين پنهنجي مقصد کي نه پهچندي تيستائين سانت ڪري ڪانه ويهندي.



هيرن جي هار مان ٻه موتي

مسٽر غلام علي (مسرور) فقير

چڱو آهين چڱائي ڪر چڱن ڪان ٿي چڱائي ٿي - سنڌ ۾ جملي فرائض جي طرح تنهنسان ادائي ٿي
اُٿي ڪر خلق جي خدمت ته توکان خوش خدائي ٿي - ٿين ڪر دل اندر تنهنجا سنڌ سڀ ٻئي سنوائي ٿي

وڃهي ڳل هر هيرن جو نماڻو نان ۾ ڪوتائي
ڪم قابو ٻڌج دل سان اهو تون ٻول ٻولائي .

پياري ساه ڪان مايا ڪري سو آدمي ناهي - ڦري پنهنجن ٻراون کي ڏٺي دنيا جو ٻيڳه ناهي
انو سمجهي اهو موڙهل ته ڪي هلڻو هتون آهي - تڏ وس آدمي ۾ پورو ٻاقي رهيو ڇاهي

اِهو سڀ ڪجهه اِتي هوندو هتان سڪڻو هليو هلبو
ڇڏي ماڙيون محل مايا وڃي خود خاڪ سان رلبو .

پرايا تون چوڻ ڇاکي پرايو ڪونه ڪوئي آ - سڄي مخلوق جو خالق ادا ڏس تان هڪوئي آ
ڪلي اولاد آدم جي ابو جڳه جوڙ جوئي آ . تيون سڀ خويش هڪ ٻئي جا فرق ڪو تورڙوئي آ

ڏسين جڏهن ٻاڙون وڻ جي تئين آدم صفي جا ٻج
ٿمر پن ڏار ۽ لامان سموري خلق ٻي جا ٻج .

ڇڏي انسان جو پاسو اچي حيوان جي ٽولي - اجايو پاڻ کي پنهنجو وڃين تو تون ادا رولي
اٿي من چلولو جائي وڌو ٽوڪي جنهين پولي - اهوئي سر صفي آهين اگر اکيون ڏسين کولي

پلي انسان وٽ طوطو ڪري گفتار انساني
پلي همجنس وارن وٽ ڪري گفتار حيواني .

ڇڏي حيوان جو پاسو مليو وڃ جنس وارن سان - مشرف ذات تنهنجي آهه جملي ساهدارن کان
سڄڻ ذات جو سولو نه اکون يا اشارن سان - تڪي گولڊ گذارڻ سان نڪي دانهن ٻڪارن سان

اهو هڪ راز رنـــدي آ فقط ويساه ڪامل رکه
وڃائي وسوسا سارا سدا هڪ شوق شامل رکه.

وڃن ڪئين وسوسا سارا تنئي ويساه ڪئين ڪامل - ٿئي ڪئين راز افشا هي سدا ڪئين شوق ٿي شامل
اهو هڪ پل سوا ٻس ٿئي تو حال سڀ حاصل - اگر رندن جي رهڻي جو ادا تون ڪجهه رهي قائل

فقط ساعت جهڪ ٿي سر انهن جي روبرو ويهي
پرائي اڄ تنهين کان بس نياري رمز تون ايهي.

صحبح فقراء جي صحبت اها صحبت خدا جي آ - تنهين جو را ضپو شفقت اها شفقت خدا جي آ
اُنهنجو راز ۽ رحمت اها رحمت خدا جي آ - اُنهنجو لوڪ ڏي لاڙو اها رغبت خدا جي آ

خدا کان سي ٿيا راضي خدا راضي اُنهن کان آ
سندن سچ شان جو درجو نيارو ڪجهه ٻين کان آ.

جواني زور جوڀن جي ڪجي ڇا ڳالهه پيري ۾ - اميري وقت جي سا راه گدائي يا فقيري
اِها پت ڪوڙ ڪو ڪندو پسي صورت زهيري ۾ - لڳي تو کي ٻيان ڇاکون گذارڻ ڪجهه حقيري ۾

وڏن جي نان ۽ نيڪي تي هئين سگهان لڌين لاشڪ
مرم ۾ پا نهنجي ليڪن ادا نا تو ٻـــڌين لاشڪ.

سڏائين پاڻ کي سيد مغل افغان موچارو - برهمڻ جوتشي پنڊت نڪو نا ڪو جو ٻو جارو
سمون اَبڙو صديقي شيخ صاحب پير سو يارو - ٿئي ذاتن جي ورنن ۾ وڏو ٿي مفت مونجهارو

ابي ڏاڏي جي نالي کي اکو ٻو يان گڏي آڻي
سڏائين ذات تو ايها ادا البت اُچي جاڻي!

نه آهي ذات هي ۽ تنهنجي ايهي ڪم ڪار جا نالا - سڀئي لء پدر مادر کي جئين ٻار جا نالا
سراسر هي صفا لي سڀ ٿيا سنسار جا نالا - وساري تون مڱو ويٺين عجب اسرار جا نالا

خدا جا ذات جوڙي آ اُها آ اِنس ۽ جن جي
نه پنڊت مغل ميمڻ جي نڪا سيد برهمڻ جي.

نيارو ذات جن جي کان تڏهن انسان ٿي چئبين - نڪا تون جنس اوڀڙ جي نڪي حيوان ٿي چئبين
نه تون ممڪن هئين اڳ ۾ مگر امڪان ٿي چئبين - جڙي جنهن رنگ ۾ آئين اُهو عدوان ٿي چئبين

پڇي ڏس پا ڻکان هاڻي اهو نا ڪير آهين تون
وساري ذات پنهنجي ڇو اجايا ناهه ناهين تون.

اُٿي همجنس وارن سان ڀلائي ڪر - ڪري ڪوشش امانت جي ادائي ڪر
ڏسي مت ڏوريان پنهنجا انهن سان آشنائي ڪر - منجهل مشڪل ڀيل جي ماڙ ۽ مشڪل ڪشائي ڪر

سڃاڻي ذات پنهنجي کي وجهي ڳل هار هيرن جو
سدا هر حال ۾ حامي ادا تون ٿج حقيرن جو.

پريم پنڌڪ [دوهن ۾]

مسٽر سوڀراج نرملداس [فاني].

۱- باغ بغيچا بنگلا، بستي ٻٽ ٻڌوان،
ساجن ملي سک ٿئي، ٻڌوا نه بستان.

۲- نيهن نوايس ناگري، نيهن نسورو ناز،
تن من ڌن ارپن ڪيم، ساج سمورو ساز.

۳- لوڪ لڄا ليکو لنگهي، لايق لڌم لال؛
مان ڀوري، مت ٿورڙي، ڀلي ڀلا ڀو ڀال.

۴- تنهنجي منهنجي وچ ۾، وئي هڪ نه وار،
تون مان ملي هڪ ٿيون، جئين پاڻي ۽ نار.

۵- تنهنجي منهنجي وچ ۾، فرق نه ٿو رائي،
تون منهنجو منڌار ۽، مان تنهنجي تائي.

۶- لوچو لوچين کي لڳو، لالن لنو لائي،
مو ڪامڻ ڪونيون ڪيون، مون پريت پڪي پائي.

۷- تنهنجي منهنجي وچ ۾، نيهن اٿو ڀرپور،
آءٌ ته گڏ جي پاڻ ۾، لاهيون سڪ جو سور.

۸- تنهنجي منهنجي وچ ۾، ڪا نهي ٻيائي،
سک سوگهي مون دل ڪئي، ٻي نه وٽي وائي.

۹- تون منهنجي دل ۾ وسين، جئن گل ۾ سرهاڻ،
جئن ڀونئرو گل واس لئي، تئن مان تنهنجي تاڻ.

۱۰- تون منهنجي چت ۾ ڇڪين، جئن نيڻن ۾ نور،
تون مان گڏجي هڪ ٿيون، ڪوڙهي ڪوسور.

۱۱- تون منهنجي سيني سمين، انگ انگ ارام،
تو ڪان پاسي مون ٻڌين، نيڻين ننڊ حرام.

۱۲- تون منهنجي چپ چاشني، تون منهنجي چت چور
تون منهنجي اک سوجهرو، تون منهنجي سر مور.

۱۳- تنهنجي پريت پتنگ مان، جئين چنڊ چڪور،
مان توتان واري وڃان، جئن واڏا ننڊ ڪشور.

۱۴- تون سک جس جي سوڪڙي، تو ۾ رس ڀرپور،
تنهنجي نيڻن جي نشي، منهنجي دل ڪي چور.

۱۵- ٻو ٻم ٻتر ڪ هئي ٻڙهي، آڄ ڪو نه گمان،
منهنجي هردي تو ڪتو، ٻوٽو نيهن نشان.

لئنڊ ائلينيئيشن بل

سنڌ اسيمبليءَ جي ايندڙ بيٺڪ ۾ سنڌ جي ڪاشتڪارن جي بچاءَ لاءِ لئنڊ ائلينيئيشن بل جنهن صورت ۾ مسٽر گزدر پيش ڪرڻ وارو آهي سو سنڌ آفيشل گزيٽ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. اهو هوبهو هت ڏجي ٿو. اُن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪنهن ٻئي پرچي ۾ ڪئي ويندي. [ايڊيٽر]

جڏهن ته مناسب آهي ته سنڌ ۾ زراعتي زمينن جي حقيقت بنسبت جيڪو قاعدو آهي تنهنکي سڌارجي، تنهنڪري هن موجب هيٺئين وانگر قاعدو ٺاهجي ٿو:-

(۱) اوائل

۱ [۱] هن ائڪٽ کي سنه ۱۹۳ جو سنڌ جي زمينن جي انتقال جو ائڪٽ ڪري چئبو؛

[۲] اهو ائڪٽ سنڌ جي جناب نواب گورنر صاحب بهادر جي انتظام هيٺ وقت لاءِ جيڪي ملڪ آهن تن سڀني سان لاڳو ٿيندو؛

[۳] اهو ائڪٽ، جيڪا تاريخ سرڪار سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو جاري ڪري فرمائي تنهن تاريخ تي عمل ۾ ايندو.

۲ هن ائڪٽ ۾، جيڪڏهن مطلب يا مضمون مان ڪو ٻيو ارٿ نه نڪرندو هجي ته؛

[۱] جن اصطلاحن جو ارٿ بمبئي جي لئنڊ رونيو ڪوڊ جي قلم ۳ ۾ ڏنو ويو آهي، تن سڀني جي معنيٰ هن ائڪٽ جي ٺهراون جي پابنديءَ سان، اها ساڳي سمجهڻ گهرجي جا مٿئين ڪوڊ جي باب ۱۰-اي ۾ انهن کي ڏنل آهي.

[۲] 'زمين' انهيءَ اصطلاح جي معنيٰ آهي ته اها زمين جا لئنڊ رونيو ڪوڊ جي قلم ۱۲۶ موجب مقرر ڪيل ڪنهن به شهر يا ديهه جي پٽ جي حدن اندر نه ايندي هجي ۽ ۽ جا زراعتي ڪمن يا زراعت جي معاون ڪمن لاءِ يا چراگاهه لاءِ والاري ويئي هجي يا ڪرايي تي ڏني ويئي هجي؛ ۽ ان ۾ هيٺيان اچي ٿا وڃن:-

(الف) اڏاوتي پٽ ۽ ٻيون اڏيون ۽ وڻ جي اهڙي زمين تي هجن؛

(ب) ڪنهن زميندار يا قبضيداري جي نفعن ۾ ڪو حصو؛

(ج) ڪنهن ننڍي قبضيدار وٽان ڪنهن وڏي قبضيدار کي ملڻ جوڳا ڪي به لوازما، يا زمين جي محصول جو ڪو به مقرر حصي سيڪڙو ۽ ڪنهن ديهه يا ملڪ جي ٻئي حد ڪيل ڀاڱي جي محصول يا ڪرايي ۾ ڪو به حصو يا انتي وٿل ڪو به بار؛

(د) ڪرائي وٺڻ جو ڪو بہ حق ؛ ۽

(ھ) پاڻيءَ جو ڪو بہ حق جو زمين جي مالڪ يا قبضيدار کي اھڙي حيثيت ۾ ھجي؛

[٣] 'دائمي يعني پڪو انتقال' انھيءَ اصطلاح ۾ ڪا ٿي جي حقن جا وڪرا، بدل سدل، بخششون، وصيعتون ۽ انعام اچي ٿا وڃن.

[٤] 'متصرفي واري گروي' انھيءَ اصطلاح جي معنيٰ آھي تہ گروي نامو جنھن موجب گروي رکندڙ گروي رکيل زمين جو قبضو گرويدار جي حوالي ڪري ۽ انکي اختياري ڏئي تہ جيسين گروي نامي وارا پيسا موٽائي ڏنا وڃن تيسين اھو قبضو پاڻوٽ رکي ۽ انھيءَ زمين جا ڪرايا ۽ نفعا وٺي ۽ اھي وياج جي عيوض يا گروي وارن پيسن جي ادائي طور يا قدري وياج جي عيوض ۽ قدري گروي وارن پيسن جي ادائي طور ڪٽي.

(٢) زمين جو دائمي انتقال

٣ [١] جيڪو ماڻھو پنھنجي زمين دائمي انتقال ڪرڻ گھري سو اھڙو انتقال ڪرڻ لاءِ وس وارو آھي، پر سو تڏھن :-

(الف) جڏھن انتقال ڪندڙ ڪنھن ٻڌاو ڏنل زراعتي قوم جو ماڻھو نہ ھجي يا (ھيٺين قلم (٢) ۾ جنھن حالت لاءِ ٺھراو ٿيل آھي تنھن کانسواءِ ٻيءَ حالت ۾)،

(ب) جڏھن انتقال ڪندڙ ڪنھن ٻڌاو ڏنل زراعتي قوم جو ماڻھو ھجي ۽ منتقل اليہ بہ ساڳي قوم جو يا ساڳي مجموعي ۾ ايندڙ ڪنھن قوم جو ماڻھو ھجي.

[٢] ٻڌاو ڏنل زراعتي قوم جي ڪنھن بہ ماڻھو کي وس نہ ٿيندو تہ ڪليڪٽر جي اجازت کان سواءِ ڪنھن منتقل اليہ کي پنھنجي زمين دائمي طرح انتقال ڪري، جيڪڏھن اھڙي انتقال جي ڪري سندس قبضيداريءَ جي ايراضي، جيڪا گھٽ ۾ گھٽ ايراضي سرڪار سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو جاري ڪري ھرھڪ ضلع يا انجي ڪنھن ڀاڱي لاءِ مقرر ڪري آھي تنھن کان گھٽ ٿي پوي.

[٣] ھيٺين قلم (٢) ۾ جن حالتن لاءِ ٺھراو ٿيل آھي تن حالتن ۾، ۽ جن ٻين حالتن بابت ھيٺين قلم (١) ۾ ٺھراو ڪونہ پيل آھي تن سڀني حالتن ۾، زمين جو ڪو بہ دائمي انتقال تيسين اھڙي طرح عمل ۾ نہ ايندو جيڪڏھن ۽ جيستائين اُن بابت ڪليڪٽر منظوري نہ ڏني ھوندي.

پر شرط ھي آھي تہ :-

[١] منظوري، انتقال جو ڪم ٻيءَ طرح پوري ٿيڻ کانپوءِ ڏيئي ٿي سگھجي،

[٢] ڪليڪٽر کي ڪپي تہ جن حالتن ھيٺ انتقال ٿيو ھجي تن بابت جاچ جوچ ڪري، ۽ سندس مرضيءَ تي ڇڏيل آھي تہ ھيٺين قلم (٢) ۽ (٣) ۾ گھربل منظوري ڏئي يا ڏيڻ کان انڪار ڪري.

٤ سرڪار کي ڪپي تہ سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو جاري ڪري ٺھراءُ ڪري تہ ڪنھن بہ ضلع ۾ يا ضلعن جي ڪنھن بہ مجموعي ۾ ڪھڙيون ڪھڙيون ماڻھن جون جماعتون ھن ائڪٽ جي مطلبن لاءِ زراعتي قومون ڪري سمجھڻ گھرجن.

٥ جڏهن ڪو ڪليڪٽر ڪنهن زمين جو دائمي انتقال منظور ڪري تڏهن ائين سمجهڻ نه گهرجي ته سندس حڪم ڪري زمين جي حق جو ڪو به فيصلو ٿيو آهي يا ان ۾ ڪو به دخل ٿو ٿئي.

(٣) زمين جو وقتي يعني ڪچو انتقال

٦ [١] جيڪڏهن ٻيا و ڏنل زراعتي قوم جو ڪو به ماڻهو پنهنجي زمين گروي رکي ۽ گروي‌دار ساڳي قوم جو يا ساڳئي مجموعي ۾ ايندڙ ڪنهن قوم جو ماڻهو نه هجي ته؛ يا جيڪڏهن ٻيا و ڏنل زراعتي قوم جو ڪو به ماڻهو پنهنجي زمين ساڳي قوم يا ساڳئي مجموعي ۾ ايندڙ ڪنهن قوم جي ڪنهن ماڻهو وٽ گروي رکي ۽ گروي رکيل اراضي جي وضع ٿيڻ ڪري گروي رکندڙ جي قبضه‌داريءَ جي اراضي انهيءَ گهٽ ۾ گهٽ اراضيءَ کان گهٽ ٿي پوي جا قلم ٣ جي پيٽي قلم (٢) موجب جاري ڪيل پڌرنامي ۾ مقرر ڪئي ويئي هجي ته، گروي هيٺين فارمن مان هڪڙي فارم ۾ ٿيڻ گهرجي:-

(الف) متصرفي واري گروي جي فارم ۾، جنهن موجب گروي رکندڙ گروي‌دار کي زمين جو قبضو حوالي ڪري ٿو ۽ هن کي اختياري ڏئي ٿو ته اهو قبضو پاڻ وٽ رکي ۽ وياج جي عيوض ۽ مُر جي ادائي طور انهيءَ زمين جا ڪرايا ۽ نفعا پاڻ وٺي هن شرط تي ته قبول ڪيل عرصي جي گذرڻ بعد يا (جيڪڏهن قبول ڪيل عرصو ويهن سالن کان وڌيڪ هجي ته) ويهن سالن جي گذرڻ بعد اها زمين گروي رکندڙ کي موٽي حوالي ڪئي ويندي؛ يا

(ب) بنا قبضي واري گروي جي فارم ۾، هن شرط تي ته جيڪڏهن گروي رکندڙ پنهنجي انجام موجب مُر ۽ وياج ڏيڻ ۾ قصور ڪندو ته گروي‌دار کي وس ٿيندو ته ڪليڪٽر کي درخواست ڪري ته ڪيس اهڙي عرصي لاءِ (جو ويهن سالن کان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي) جو ڪليڪٽر انصاف روءِ سمجهي، انهيءَ زمين جو قبضو ملي، ۽ اها گروي گروي‌دار کي جيسين قبضو هجي تيسين متصرفي واري گروي ڪري سمجهڻ گهرجي ۽ ايتري رقم لاءِ گروي سمجهڻ گهرجي جا گروي‌دار کي باقي ملڻ جوڳي مُر ۽ وياج بابت ملڻ جوڳي هجي ۽ اهو وياج اهڙي رقم کان وڌيڪ هئڻ نه گهرجي جا، جيڪو نرخ ۽ جيڪو عرصو ڪليڪٽر واجب سمجهي تنهن نرخ پٽيري ۽ تنهن عرصي لاءِ ٺري وياج طور گهرڻ جوڳي هجي؛ يا

(ج) لکيل متصرفي واري گروي جي فارم ۾، جنهن موجب گروي رکندڙ گروي‌دار کي زمين جو ڌڻي ڪري قبول ڪري ٿو ۽ پاڻ فقط ڪرائيدار طور آبادي ڪرڻ لاءِ زمين قبضي ۾ رکي ٿو هن شرط تي ته اهڙي رکب پوري ڪرائيو ڏيندو جو قبول ڪيو ويو هجي ۽ جو انهيءَ وٽ ۾ وڌ رکب کان زيادهه نه هئڻ گهرجي جو سرڪار سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌرنامو وجهي هر هڪ تعلقي لاءِ مقرر ڪيو هجي، تنهن کانسواءِ انتي جيڪو زمين جو محصول ۽ جيڪي ٻيا محصول ۽ ابواب وٺڻ جوڳا هوندا سي ڏيندو، ۽ اهي سڀ ايتري وقت لاءِ

ڏيندو جيترو قبول ڪيل هوندو، ۽ گروي رکندڙ کي ڪوبہ حق نہ ٿيندو تہ زمين آباد ڪرڻ جو پنهنجو حق ٻئي ڪنهن کي انتقال ڪري، گرويدار کي ڪوبہ حق نہ ٿيندو تہ گروي رکندڙ کي انهي زمين تان بي دخل ڪري سواءِ هن سبب لي تہ هن قبول ڪيل ڪرائي ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي، يا

(د) ٻئي ڪنهن بہ اهڙي فارم ۾ جنهن جي ڪم آڻڻ لاءِ سرڪار عام يا خاص حڪم ڪري اجازت ڏني هجي.

[٢] جيڪڏهن هن قلم جي پيٽي قلم (١) واري فارم (ج) واري گرويءَ جي حالت ۾ گروي رکندڙ بي دخل ڪيو وڃي يا آبادي ڪرڻ لاءِ زمين جي قبضي جي بيزاري ڏئي يا اهو قبضو ڇڏي ڏئي تہ انهي گروي کي ساڳئي پيٽي قلم وارو فارم (الف) ۾ متصرفي واري گرويءَ جهڙو عمل ٿيندو، جا گروي بي دخل ڪرڻ يا بيزاري ڏيڻ يا قبضو ڇڏي ڏيڻ جي تاريخ کان وٺي گهٽي ۾ گهٽ ويهن ورهين تائين اهڙي عرصي لاءِ ۽ اهڙي رقم لاءِ ٿيندي جو عرصو ۽ رقم ڪليڪٽر صاحب واجب سمجهندو.

[٣] جيڪڏهن ڪليڪٽر صاحب پيٽي قلم (١) (ب) موجب ڪنهن گرويدار جي ڪيل درخواست قبول ڪندو تہ هنکي اختياري ٿيندي تہ گروي رکندڙ کي بيدخل ڪري ۽ گروي رکندڙ جي بدران گرويدار کي زمين جو قبضو ڏياري.

٧ قلم ٦ موجب ڪيل گروين جي حالت ۾:-

[١] جنهن عرصي لاءِ گرويدار کي زمين جو قبضو هوندو يا ڪرايو ملندو هوندو تنهن عرصي منجهہ ڪوبہ وياج نہ چڙهندو؛

[٢] جيڪڏهن گروي پيٽي قلم (١) واري فارم (الف) يا فارم (ب) ۾ هوندي تہ پوءِ گرويءَ وارو قرض اهڙي قبضي جي عرصي جي آخر ۾ ختم سمجهڻ گهرجي؛

[٣] گروي رکندڙ کي وس ٿيندو تہ گروي جي هلندي ڪنهن وقت پنهنجي زمين هن طرح ڇڏائي جو يا گروي وارو قرض موٽائي ڏئي يا پيٽي قلم (١) واري فارم (الف) يا فارم (ب) واري گروي جي حالت ۾ گروي واري قرض جو جيڪو حصو ڪليڪٽر انصاف روءِ ٺهرائي سو قرض جو حصو موٽائي ڏئي؛

[٤] متصرفي واريءَ گرويءَ جي حالت ۾ ائين نہ سمجهڻ گهرجي تہ گروي رکندڙ گروي وارا پيسا موٽائي ڏيڻ لاءِ پاڻکي پنهنجي سر بدل رکيو آهي؛ ۽

[٥] جنهن گروي رکندڙ، ڪليڪٽر کي پيٽي قلم (٣) موجب درخواست ڪئي هجي سو جيڪڏهن ڪليڪٽر جي خاطري موجب ثابت ڪري تہ هن گروي وارو قرض يا انجو اهڙو حصو جو ڪليڪٽر انصاف روءِ ٺهرايو هجي سو موٽائي ڏنو آهي تہ، يا جيڪڏهن هو اهڙي گروي جي قرض جي يا اُنجي اهڙي حصي جي رقم ڪليڪٽر وٽ امانت رکي تہ، پوءِ سمجهڻ گهرجي تہ زمين ڇڏائي ويئي آهي ۽ ڪليڪٽر کي اختياري ٿيندي تہ گرويدار کي جيڪڏهن زمين جو قبضو هجيس تہ بيدخل

۽ گرويدار جي بدران گروي رکندڙ کي قبضو ڏياري.

٨ [١] قلم ٦ موجب ڪيل گروي ۾ ڌرين جي وچ ۾ سندن ڪيل قبوليت موجب، هيٺيان شرط گڏي ٿا سگهجن:-

(الف) شرط، جنهن موجب مقرر ڪيو وڃي ته جيڪو گروي رکندڙ پنهنجي زمين ڇڏائيندو هجي سو زراعتي سال جي ڪهڙي وقت پنهنجي زمين موٽي پنهنجي قبضي ۾ وٺي؛

(ب) شرط، جنهن موجب ڪنهن گروي رکندڙ جو يا ڪنهن قبضي واري گرويدار جو وڻن ڪپڻ يا وڍڻ يا گروي رکڻ جو يا زمين جي دائمي قيمت ۾ دخل ڪندڙ ڪو به ڪم ڪرڻ جو حق، محدود ڪيو وڃي؛ ۽

(ج) ٻيو ڪو به شرط، جو سرڪار عام يا خاص حڪم جاري ڪري روا ٺهرائي.

[٢] قلم ٦ موجب ڪيل گروين ۾ جيڪڏهن ڪو اهڙو شرط پيل هوندو جو هن ائڪٽ موجب يا پٽاندر روا نه آهي سو شرط رد ۽ باطل سمجهڻ گهرجي.

٩ جيڪڏهن ٻيا و ڏنل زراعتي قوم جو ڪو به ماڻهو اهڙي ڪنهن به نموني يا فارم ۾ پنهنجي زمين گروي رکندو جو هن ائڪٽ موجب يا پٽاندر روا نه هوندو ته ڪليڪٽر کي اختياري آهي ته انهي گروي نامي جا شرط اهڙي طرح سڌاري ۽ ڦيرائي جيئن اهو هن ائڪٽ موجب يا پٽاندر روا ڪيل اهڙي گروي جي فارم موجب ٿئي جنهن بابت ڪليڪٽر کي ڏسڻ ۾ اچي ته گرويدار کي گهرڻ جو انصاف روءِ حق آهي.

١٠ ٻيا و ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهوءَ کي وس آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ويهن ورهين تائين ڪنهن به عرصي لاءِ پنهنجي زمين مقاطعي يا ٺيڪي تي ڏئي؛ ۽ جيڪو مقاطعو يا ٺيڪو ٻيا و ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهو ويهن ورهين کان وڌيڪ عرصي لاءِ ڏنو هوندو لنهن مقاطعي يا ٺيڪي بابت سمجهڻ گهرجي ته اهو فقط ايتري عرصي لاءِ آهي جيترو هن قلم موجب روا آهي.

١١ [١] قلم ٦ موجب پهرين قلم (١) واري فارم (الف) يا فارم (ب) ۾ ڪيل ڪنهن گرويءَ يا هن ائڪٽ موجب ڏنل ڪنهن مقاطعي يا ٺيڪي جي هلندي، مالڪ وس وارو آهي ته ساڳي زمين جو ايتري عرصي لاءِ وقتي انتقال ڪري جيترو اهو عرصو چالو گروي، مقاطعي يا ٺيڪي جي عرصي سميت ويهن ورهين جي ڪل عرصي کان زياده نه ٿئي.

[٢] جيڪڏهن اهڙي طرح وڌيڪ عرصي لاءِ ڪيل ڪو به وقتي انتقال، جيترو عرصو هن قلم موجب روا آهي اوتري عرصي کان وڌيڪ وقت لاءِ ڪيو ويندو، ته سمجهڻ گهرجي ته اهو انتقال هن قلم موجب روا ٺهرايل عرصي لاءِ وقتي انتقال آهي.

١٢ جنهن گرويدار يا مقاطعدار يا ٺيڪيدار کي قلم ٦ هيٺ ڪيل ڪنهن گروي موجب يا قلم ١٠ هيٺ ڏنل ڪنهن مقاطعي يا ٺيڪي موجب يا قلم ١١ هيٺ ڪيل يا ڏنل ڪنهن گروي يا مقاطعي يا ٺيڪي موجب

زمين قبضي ۾ هجي سو جيڪڏهن، جنهن عرصي لاءِ هو پنهنجي گرويءَ يا مقاطعي يا ٺيڪي موجب زمين قبضي ۾ رکڻ جو حقدار هجي تنهن عرصي جي گذرڻ کانپوءِ اها زمين قبضي ۾ رکندو رهندو ته، ڪليڪٽر کي وس آهي ته خود پنهنجي طرفان يا جيڪو مالڪ اها زمين قبضي ۾ رکڻ جو حقدار هجي تنهن جي درخواست ڪرڻ تي، اهڙي گرويدار يا مقاطعدار يا ٺيڪيدار کي بيدخل ڪري، ۽ جيڪو مالڪ اهڙي طرح قبضي ملڻ جو حقدار هجي تنهن کي ان جو قبضو ڏياري.

(٤) عام نهراو

١٣ جنهن جنهن دائمي انتقال کي قلم ٣ موجب ليسين عمل نه ٿيڻو آهي جيسين ڪليڪٽر اهڙي سنئي منظوري ڏئي ليسين يا جيڪڏهن اهڙي منظوري کان انڪار ڪيو وڃي ته، قلم ٦ موجب رواڻهرايل فارم (الف) ۾ ڪنهن متصرفي واري گروي طور، ويهن سالن تائين ڪنهن به اهڙي عرصي لاءِ ۽ اهڙن شرطن تي عمل ٿيندو جئن ڪليڪٽر واجب سمجهي.

١٤ جنهن جنهن قبوليت موجب ٻڌا و ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن ماڻهوءَ جو مطلب هجي ته ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ پنهنجي زمين انتقال ڪريان يا انجي پيدائش تي ڪو به بار وجهان تنهن قبوليت کي، قبوليت جي تاريخ کان وٺي ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ عمل نه ٿيندو، بشرطيڪ ڪليڪٽر ان بابت منظوري نه ڏني هجي، ۽ جيسين اهڙي منظوري ڏني وڃي ليسين يا جيڪڏهن اهڙي منظوري ڏيڻ کان انڪار ڪيو وڃي ته، ان کي اهڙي طرح عمل ٿيندو جو ڄڻ ته اها ويهن سالن لاءِ قبوليت ڪئي ويئي آهي.

سمجهاڻي:- زمين جي پيدائش جي معنيٰ آهي:-

(الف) فصل ۽ زمين جي ٻي پيدائش، جي قبضيداريءَ تي بيٺل هجن يا لڳيل نه هجن،

(ب) فصل ۽ زمين جي ٻي پيدائش، جي زمين تي گذريل سال ۾ پوکيا ويا هجن ۽ لاٿا يا لڻيا ويا هجن.

١٥ [١] ٻڌا و ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪا به زمين، ڪنهن به ديواني يا روينيو ڪورٽ جي جاري ٿيل ڊڪري يا حڪم جي تعميل ۾ وڪڻڻ نه گهرجي، پوءِ ڀلي اها ڊڪري يا حڪم هن انڪٽ جي عمل شروع ٿيڻ کان اڳي خواه پوءِ جاري ٿيو هجي ته به-

[٢] وقت لاءِ هلندڙ ٻئي ڪنهن به قاعدي ۾ ڀل ڪنهن به ٺهراوي هوندي به، ڪا به زمين جا ڪنهن زراعتي قوم جي ماڻهوءَ جي ملڪيت هوندي سا ڪنهن به ديواني يا روينيو ڪورٽ جي جاري ٿيل ڊڪري يا حڪم جي تعميل ۾ ٢٠ سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ مقاطعي يا ٺيڪي تي ڏيڻ نه گهرجي نڪي قلم ٦ هيٺ رواڪيل فارمن مان ڪنهن ٻئي فارم ۾ نه مگر ٻيءَ طرح گرو رکڻ نه گهرجي، پوءِ ڀلي اها ڊڪري يا حڪم هن انڪٽ کان اڳي خواه پوءِ جاري ٿيو هجي ته به-

[٣] هن ائڪٽ ۾ پيل ڪنهن نهراو جي ڪري، زمين جي محصول جي بقايا يا جيڪي لوازما زمين جي محصول جي بقايا طور وصول ڪرڻ جوڳا آهن سي لوازما، جيڪو دستور قاعدي موجب هيٺئر روا نهرايل آهي تنهن دستور وصول ڪرڻ لاءِ سرڪار کي جيڪو حق آهي تنهن ۾ ڪو به دخل نٿو ٿئي.

١٦ سنه ١٩٠٨ جي هند جي رجسٽريشن ائڪٽ ۾ يا انهي ائڪٽ جي قلم ٦٩ موجب جوڙيل ڪن به قانون ۾ پيل ڪنهن به نهراو جي هوندي به،—

[١] جنهن دستاويز ۾ هن ائڪٽ جي ڪنهن به نهراو جي انحرافي ٿيل هجي سو رجسٽر ٿيڻ لاءِ قبول نه ڪرڻ گهرجي؛

[٢] جنهن دستاويز ۾ ڪا اهڙي ڏيتي ليتي داخل ٿيل هجي يا انکي عمل ڏنو ويو هجي جنهن بابت ڪليڪٽر جي منظوري گهربل هجي سو دستاويز، تيستين رجسٽر ٿيڻ لاءِ قبول ڪرڻ نه گهرجي جيستين جنهن حڪم موجب اهڙي منظوري ڏنل هجي تنهن حڪم جو تصديق ٿيل فرد اهڙي عملدار وٽ پيش ڪيو وڃي جنهن کي دستاويز جي رجسٽر ڪرڻ جي اختياري هجي.

١٧ [١] جنهن ڏيتي ۽ ليتي ۽ بابت هن ائڪٽ موجب ڪنهن ڪليڪٽر جي منظوري گهربل آهي تنهن ڏيتي ليتي جي سبب جنهن حالت ۾ ڪو به ماڻهو هي دعوي رکندو هجي ته کيس ڪو اهڙو حق حاصل ٿيو آهي جنهن بابت هو سنه ١٨٧٩ جي بمبئي جي لئنڊ روينيو ڪوڊ جي قلم ١٣٥ - هه موجب رپورٽ ڪرڻ لاءِ بڌل آهي تنهن حالت ۾، اهڙي ماڻهو کي ڪپي ته، پنهنجي رپورٽ ڪرڻ وقت، جاڻائي ته گهربل منظوري ورتي ويئي آهي يا نه، ۽ اهڙي طرح حاصل ڪيل سندس حق، حقن جي رڪارڊ ۾ يا جنهن ديهه جي فارم ۾ ڪاتا داخل ٿيندا هجن تنهن ۾، تيستين داخل ڪرڻ نه گهرجي جيستين هو، جنهن حڪم موجب اهڙي منظوري ملي هجي تنهن حڪم جي اهڙي ثابتي پيش ڪري جا هن ائڪٽ هيٺ جوڙيل ڪن به قانون موجب گهربل هجي.

[٢] جيڪا ڏيتي ليتي هن ائڪٽ موجب رد ۽ باطل نهرائي ويئي آهي تنهن ڏيتي ليتي جي سبب جيڪو حق گهرڻ ۾ اچي اهڙو ڪو به حق، حقن جي رڪارڊ ۾ يا جنهن ديهه جي فارم ۾ ڪاتا داخل ٿيندا هجن تنهن ۾، داخل ڪرڻ نه گهرجي.

[٣] بمبئي جي روينيو ڪوڊ جي باب ١٠-الف ۾ يا ان باب هيٺ جوڙيل قانون ۾ پيل ڪنهن به نهراو جي جي هوندي به، قبر قار جي رجسٽر ۾ ڪيل ڪنهن به داخلا بابت ائين سمجهڻ نه گهرجي ته اها حقن جي رڪارڊ جو ڀاڱو آهي نڪي انهي باب هيٺ ڪو به عمل يا جانچ ٿيندي جيسين ڪنهن ملڪي عملدار، جو مختيارڪار جي هيڊ منشيءَ جي درجي کان گهٽ نه هوندو تنهن ان بابت تصديق نه ڪئي هوندي.

١٨ سنه ١٨٧٩ جي بمبئي جي لئنڊ روينيو ڪوڊ جي بابن ١٢ ۽ ١٣ جا نهراو جيتري قدر لاڳو ٿي سگهندا اوتري قدر آهي

هن ائڪٽ جي ٺهراون جي پابندي ۽ سان، هن ائڪٽ هيٺ جيڪي روبڪاريون ملڪي عملدار هلائيندا تن سان لاڳو ٿيندا.

۱۹ ڪابه واسطيدار ڌر حق طور ائين گهري نٿي سگهي ته هن ائڪٽ هيٺ ملڪي عملدار جي روبرو جيڪا روبڪاري هلندي هجي تنهن ۾ ڪو ماڻهو سندس پاران حاضر ٿئي، ۽ اهڙي ڪنهن به روبڪاري ۾ ڪنهن به ڌر جي پاران ڪو به وڪالت ڪندڙ، واسطيدار ملڪي عملدار جي خاص موڪل کانسواءِ ڀي حالت ۾، حاضر نه ٿيندو.

۳۰ [۱] ڪنهن به ديواني ڪورٽ کي اهڙي ڪنهن به ڳالهه ۾ عمل نه ٿيندو جنهن جي نيڪال ڪرڻ لاءِ سرڪار کي يا ڪنهن ملڪي عملدار کي هن ائڪٽ موجب اختياري مليل آهي.

[۲] ڪابه ديواني ڪورٽ، جنهن دستور سرڪار يا ڪو به ملڪي عملدار هن ائڪٽ موجب يا پٽاندر مليل ڪابه اختياري هلائيندو هجي تنهن بابت ڪو به اعتراض نه ٻڌندي.

۳۱ [۱] سول پروسيجر ڪوڊ ۾ يا وقت لاءِ هلندڙ ٻئي ڪنهن به ائڪٽ ۾ پيل، ٺهراو جي هوندي به، جيڪا ديواني ڪورٽ ڪا ڊڪري يا حڪم جاري ڪري جنهن موجب (۱) ٻچاو ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهو هٿون سندس زمين جو دائمي انتقال ٿيندو هجي يا (۲) ٻچاو ڏنل زراعتي قوم جي ڪنهن به ماڻهوءَ هٿون سندس زمين گروي رکجي هجي، تنهن سبب ڪنهن ڪورٽ کي ڪپي ته اهڙي ڊڪري يا حڪم جو فرد ڪليڪٽر صاحب، ڏانهن موڪلي

[۲] جڏهن ڪليڪٽر کي ڏسڻ ۾ اچي ته ڪنهن به ديواني ڪورٽ هن ائڪٽ جي ڪن به ٺهراون جي ابتڙ ڪا ڊڪري يا ڪو حڪم جاري ڪيو آهي تڏهن ڪليڪٽر کي وس آهي ته جنهن ڪورٽ کي (جيڪڏهن ڪا به هجي ته) اهڙي ڊڪري يا حڪم تي اپيل ٻڌي سگهي ٿي تنهن ڪورٽ کي، يا جنهن ڪورٽ ۾ (جيڪڏهن ڪا به هجي ته) انهي ڊڪري يا حڪم جاري ٿيڻ وقت اپيل جيڪر داخل ٿي سگهي ها تنهن ڪورٽ ۾، يا ٻيءَ ڪنهن به حالت ۾ سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر صاحب جي ڪورٽ کي اهڙي ڊڪري يا حڪم تي وري جاچ ٿيڻ لاءِ درخواست ڪري ۽ جڏهن اها ڪورٽ ڏسي ته اها ڊڪري يا اهو حڪم هن ائڪٽ جي ڪن به ٺهراون جي ابتڙ آهي تڏهن ان کي ڪپي ته ان ۾ اهڙي طرح ڦير ڦار ڪري جئن اها يا اهو هن ائڪٽ موجب موافق ٿئي. اهڙي درخواست جنهن تاريخ تي ڪليڪٽر اهڙي ڊڪري يا حڪم جو اطلاع ملي تنهن تاريخ کانوٺي ٻن مهينن جي اندر ڪرڻ گهرجي.

[۳] جڏهن اهڙي ڪا به اپيل ڪورٽ حڪم جاري ڪري اهڙي درخواست نامنظور ڪري تڏهن ڪليڪٽر کي وس آهي ته جنهن تاريخ تي هنکي اهڙي حڪم جو اطلاع ملي تنهن تاريخ کانوٺي ٻن مهينن

جي اندر انهي وري جاچ ٿيڻ لاءِ سنڌ جي جڊيشنل ڪمشنر صاحب جي ڪورٽ کي درخواست ڪري.

[۴] جيڪا جيڪا ديواني ڪورٽ هن قلم موجب ڪيل ڪنهن به درخواست تي ڪو حڪم نه جاري ڪري تنهن سيڪنهن ڪورٽ کي کپي ته انجو هڪ فرد ڪليڪٽر ڏانهن هڪدم ڏياري موڪلي.

[۵] اهڙي درخواست تي ڪو به اسٽامپ گهربل نه آهي ۽ اپيلن بنسبت سول پروسيجر ڪوڊ ۾ جيڪي نهراو پيل آهن سي جيتري قدر ٿي سگهندا اوتري قدر اهڙي درخواست ملڻ تي ڪورٽ جي ڪم هلائڻ جي ريت سان لاڳو ٿيندا؛ پر شرط هي آهي ته اهڙي درخواست جي نيڪال لاءِ ڪليڪٽر يا ڪليڪٽر جي پاران ٻئي ڪنهن جي به حاضر ٿيڻ جو ضرور نه آهي.

۲۲ ڪليڪٽر کي جيڪي اختياريون هن ائڪٽ موجب سونپيل آهن سي انهيءَ کان وڏي عهدي وارو ڪو به ملڪي عملدار هلائي ٿو سگهي.

۲۳ سرڪار کي وس آهي ته سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ پڌنامو جاري ڪري ڪو به ضلع يا ڪنهن به ضلع جو ڪو به پرڳڻو يا ڪو به ماڻهو يا ڪنهن به فرقي جا ماڻهو هن ائڪٽ جي يا انهي ڪن به نهراون جي عمل کان نيارو يا نيارا ڪري.

۲۴ سرڪار کي وس آهي ته سنڌ گورنمينٽ گزيٽ ۾ ڇاپي پڌري ڪيل پڌرنامي جي رستي هن ائڪٽ جي مطلبن جي بجا آڻڻ لاءِ قانون جوڙي.

خاص ڪري ۽ مٿي عام اختياريءَ ۾ دخل ڪرڻ ڌاران سرڪار کي وس آهي ته قانون جوڙي مقرر ڪري ته ڪهڙن ملڪي عملدارن کي درخواستون ڏيڻ گهرجن ۽ ڪهڙي نموني ۽ فارم ۾ اهڙيون درخواستون ڪرڻ گهرجن ۽ نيڪال ٿيڻ گهرجن.

مطلبن ۽ سببن جو بيان

سنڌ جي زميندارن هٿان سندن زمينون هڪ ٻئي پٺيان شاهوڪارن ۽ غير آبادگار فرقن جي قبضي ۾ جلد به جلد چڙهي رهيون آهن. سال ۱۹۰۵ کان وٺي سال ۱۹۲۵ تائين آبادگارن کي صافي نقصان اٽڪل ۵ لک ايڪڙ زمين جو ٿيو آهي. گذريل ٿوري وقت ۾ اهڙا انتقال وڏي پيماني تي ٿيندا ويا آهن ۽ سچ پچ خوف آهي ته شايد آبادگار پنهنجون زمينون پنهنجي هٿان وڃائي شاهوڪارن ۽ سٽي ڪندڙن کي ڏيئي وهن ۽ اها رونداد اهڙي وقت کان گهٽوا ڳي شايد ٿئي جڏهن سندن پٽ تعليم وٺي معلوم ڪن ته ملڪيت کسجي وڃڻ مان ڪهڙيون خرابيون آهن.

انتقالن جي حقيقتن ۽ انگن جي پوريءَ جاچ ۽ اڀياس ڪرڻ مان ڪنهن کي به اها پڪ جمندي ته انهيءَ قسم جي رونداد مان سماج جي آئينده پلي اڳيان سچو پچو ۽ منجها ٿيندڙ مسئلو درپيش ايندو ۽ سرڪار کي پڻ خوف پيدا ٿيندو، هن طرح جو هارين نارين ۾ ناراضپو ٿيندو جنهن مان شايد ڪو ڳرو وڳوڙ پيدا ٿئي. اهڙي

نتيجي مان ٻئي ڪنهن کي ٻه اهڙو سخت ڌڪ نه لڳندو جهڙو ٻهراڙين ۾ رهندڙ واپارين ۽ واڻين ۽ عامل زميندارن کي. ۽ هي ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته شهرن کان ٻاهر آدم جو گهڻو ڀاڱو مسلمان آبادگارن جو آهي.

تنهن ڪري اهو بلڪل واجب آهي ته ڪي تڪا قدم وٺجن جنهن ڪري غير آبادگارن تي زمينن انتقال ڪرڻ بنسبت بندشن ۽ ناتوانين پوڻ ڪري زمينون آبادگارن کان ڪنهن به وڏي تعداد ۾ کسجي نه وڃن. هن ائڪٽ جي مسودي موجب اهڙيون بندشون ۽ ناتوانيون وڌيون ويون آهن جي آبادگارن جي هٿن ۾ زمينون محفوظ رکڻ جي مطلب لاءِ فقط انتقالن وجهڻ تي واجب سمجهيون ويون آهن.

هن مسودي موجب، سرڪار کان يا جن غير آبادگارن جي قبضي ۾ قبولي زمين جو وڏو ڀاڱو آهي تن کان زمين وٺڻ تي ڪي به بندشون نه پيل آهن. اهي بندشون گهڻو ڪري مسلمان قومن جي برخلاف عمل ۾ اينديون جنکي بچاءَ ۾ گهڻي ضرورت آهي ۽ خود پنهنجي بچاءَ ڪرڻ واسطي اهي اهي بندشون ۽ ناتوانيون قبول ڪرڻ لاءِ بلڪل راضي آهن. هن ڪانپوءِ جن سنڌي مسلم زميندارن کي زمينون نه آهن ۽ جي بلفضول آهن تن کي سواءِ کليل مارڪيٽ ۾ خريد ڪرڻ جي، جنهن لاءِ هنن کي فالتو پئسو ڪونهي، سرڪاري زمين وٺڻ جو ڪو ٿورو وجهه ملندو.

هن ائڪٽ ڪري غير زراعتي فرقن، يعني، هندو ۽ مسلمان واپارين ۽ واڻين ۽ عامل زميندارن جي واسطن ۾ ڪي به دخل نه ٿيندو، ڇو جو قبولي زمين جو اٽڪل ٣٠ في سيڪڙو اڳيئي غير آبادگارن جي هٿ ۾ آهي جي هن ائڪٽ جي عمل هيٺ نه ايندا ۽ انهن جي زمين انتقال ڪرڻ لاءِ ميسر هوندي. ۽ تنهن ڪانسواءِ عاملن ۽ واڻين ۽ واپارين ۽ ٻاهران اچي ويٺڪ ڪندڙن کي اڃا ڪيترن ئي سالن لاءِ سرڪاري غير آباد زمين وٺڻ لاءِ چڱوئي وجهه هوندو. اها ڳالهه صفا معلوم آهي ته هندو شاهوڪارن يا غير آبادگارن کي سنڌي مسلم آبادگارن کان سندن زمينون جن، مان انهن پنهنجي آجيوڪا ڪي صديون حاصل ڪئي آهي سي، ڦرڻ جو ڪو به ارادو ڪونهي.

جيڪي بندشون ۽ ناتوانيون هن ائڪٽ هيٺ رٿيون ويون آهن سي ويجهڙائي وارن ملڪن، يعني، بهاولپور رياست ۽ ۽ پنجاب ۽ اتر اولهه واري سرحدي پرڳڻي ۽ پڻ اؤڌ ۽ آگري جي گڏيل پرڳڻن ۽ وچن علائقن ۾ وڌيون ويون آهن. جن فرقن جو مکيه اباڻو ڌنڌو اڪثر ڪري زراعتي ٿيو آهي تن فرقن کان زمين کسڻ لاءِ منع ڪرڻ يا روڪڻ ۾ اها ڪوشش ڪامياب ٿي آهي.

سنڌ ۾ آبادگار ۽ غير آبادگار جي وچ ۾ جيڪو ممڪن تفاوت ٿي ٿو سگهي سو ضرور وڏيڪ فرقيوار ڳالهين تي منحصر ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اها تواريخي حقيقت آهي ته سنڌ ۾ زراعتي قومون گهڻو ڪري سڀ مسلمان آهن. هي نتيجو، سنڌ

جي ٻن وڏين قومن جي وچ ۾ ڪشادي
اقتصادي تفاوت جي ڪري ٿيو آهي
جتي مسلمانن جي اڪثريت، پشت به پشت
۽ ڏاڏي ۽ سڪيا جي سبب آبادگار آهن
۽ هندن مان گهڻا آبادگار نه آهن. آبادگارن
کي جنهن بچاو جو بلڪل ضرور آهي تنهن
بچاو کان نابري وارڻ لاءِ جيڪڏهن هن
سچي پچي اقتصادي تفاوت کي خيال ۾
نه آڻڻ يا پ ڪڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي
ته ان ڪري هن علائقي ۾ فرقيوار اتفاق
جي آئينده ڪي هٿي نه ملندي.

انڪري موجب آبادگارن هٿون غير
آبادگارن کي زمين جي دائمي انتقال
ڪرڻ تي بندش وڌي ويندي، مگر آبادگار
٢٠ سالن تائين زمين گروي رکڻ لاءِ آزاد
رهندا. ڪابه زمين ڪنهن به ديواني ڪورٽ
جي ڊگريءَ جي تعميل ۾ وڪڻي نه سگهبي.
خود هڪڙي آبادگار ۽ ٻئي آبادگار جي
وچ ۾ زمين جي انتقال ڪرڻ تي اهڙيءَ
حالت ۾ وڌيڪ بندش پيل آهي جنهن ۾
ڪليڪٽر جي راءِ موجب اهڙي انتقال
جي ڪري جيڪا گهٽ ۾ گهٽ ايراضي
سندس ۽ سندس اڪثر جي آجوڪا لاءِ
ڪافي هجي تنهن کان اها گهٽ ٿي پوي.
انهي ڪري موڙيءَ ننڍن ڪاٽيدارن کي
وڏن ڪاٽيدارن جي هٿون هضم ٿي وڃڻ
کان بچاو ملندو.

آبادگارن جي ساک پت تي بندش پوڻ
بابت يا سندن زمينن جي ملهه گهٽجڻ بابت
جيڪي ڊپ ڊاءُ ۽ ڳڻتيون هيون سي سڀ
پنجاب ۽ ٻين هنڌ پرايل آزمودي مان
بي بنياد ثابت ٿيون آهن.

قلمن جي سمجهاڻي.

قلم ١- انڪٽ جو نالو، عمل جي حد ۽
عمل جي اچڻ جي تاريخ.

قلم ٢. اصطلاحن جا ارٿ.

قلم ٣- (الف) غير آبادگارن جي دائمي
انتقال لاءِ اجازت ڏني وئي آهي.

(ب) بچاو ڏنل آبادگارن جي قومن
جي ماڻهن جي وچ ۾ زمين جي دائمي انتقال
لاءِ اجازت ڏنل آهي.

(ج) هڪ آبادگار جو ٻئي آبادگار
کي ڪنهن خاص ٿوري ۾ ٿوري ايراضيءَ
کان گهٽ ايراضي جي حالت ۾ انتقال
ڪرڻ کان منع ٿيل آهي.

(د) ٻين سڀني دائمي انتقالن لاءِ
ڪليڪٽر جي اجازت جو ضرور آهي.

قلم ٤- جن زراعتي قومن کي بچاو جي
ضرورت آهي تن جي پڌري ڪرڻ بابت
سرڪار جون اختياريون.

قلم ٥- ڪليڪٽر جڏهن ڪو دائمي انتقال
منظور ڪري تڏهن ان سبب حق جو سوال
فيصل نه ٿو ٿئي.

قلم ٦- هيءُ قلم، قبضي سان يا بنا قبضي گروين
جهڙن عارضي انتقالن سان لاڳو آهي ۽ انموجب عرصو
٢٠ سالن تائين محدود ڪيو ويو آهي ۽
روا ڪيل گروين جا فارم بيان ڪيل آهن.

قلم ٧- قلم ٦ هيٺ گرو جا شرط. جيڪڏهن
گروي قبضي سان هجي ته ڪوبه وياج نه
چڙهندو. گرويءَ وارو قرض قبضي جي
آخر ۾ از خود ختم ٿو ٿئي. گروي رکندڙ
کي وس آهي ته پنهنجي زمين ڏيڻ جوڳي
قرض يا انهي ڀاڱي جي ڏيڻ تي ڇڏائي.

گروي رکندڙ پنهنجي لاءِ پاڻکي جوابدار نه رکي. گروي رکندڙ کي قبضي ڏيارڻ لاءِ ڪليڪٽر جون اختيار ريون.

قلم ٨- گروين ۾ قبوليت موجب ڪي خاص شرط گڏي ٿا سگهجن.

قلم ٩- جيڪڏهن قلم ٦ هيٺ جن فارمن جي اجازت ڏنل آهي تن کانسواءِ ٻئي ڪنهن به فارم ۾ گرو ر کيو ويندو ته ڪليڪٽر کي گرو جي شرطن ڦيرائڻ جي اختياري ٿيندي.

قلم ١٠- مقاطعي يا ٺيڪي تي ڏيڻ لاءِ اجازت ٢٠ سالن تائين محدود ٿيل آهي.

قلم ١١- انتقال ڪندڙ کي اجازت آهي ته گرو جو وقت وڌائي مگر ڪل عرصو ٢٠ سالن تائين ٿيندو.

قلم ١٢- گرويدار جيڪڏهن گرو جي عرصي گذرڻ کانپوءِ قبضي ۾ رهي ته هن کي بي دخل ڪرڻ لاءِ ۽ انتقال ڪندڙ کي قبضو ڏيڻ لاءِ ڪليڪٽر جون اختياريون.

قلم ١٣- جيڪڏهن دائمي انتقال جي منظوري کان انڪار ڪئي وڃي ته اهو گرو جي صورت ۾ ٿيندو.

قلم ١٤- پيدائش جي گرو رکڻ جو عرصو ٢٠ سالن تائين محدود ڪيو ويو آهي.

قلم ١٥- ڪنهن به ٻاوڏنل آبادگار جي ڪا به زمين ڪنهن به ديواني يا روينيو ڪورٽ جي ڊگريءَ جي تعميل ۾ وڪڻي نه سگهبي.

قلم ١٦ ۽ ١٧- حقن جي رڪارڊ ۾ نالن جي ڦيرين گهيرين ڪرڻ کان منع ٿيل آهي سواءِ ڪليڪٽر جي حڪم سان يا اهڙن انتقالن منظور ڪرڻ بابت ڪليڪٽر جي ڪيل حڪم جي تصديق ٿيل نقل پيش ڪرڻ تي.

قلم ١٨- روينيو عملدارن جون سا ڳيون اهي رو بڪاريون ٿينديون جي لئنڊ روينيو ڪوڊ جي باب ١٢ ۽ ١٣ ۾ مقرر ڪيل آهن.

قلم ١٩- وڪالت ڪندڙن کي حق طور حاضر ٿيڻ لاءِ اجازت نه آهي.

قلم ٢٠- ديواني ڪورٽن کي عمل هلائڻ کان روڪ آهي.

قلم ٢١- جيڪي ديواني ڪورٽون دائمي انتقال يا گرو رکڻ بابت حڪم جاري ڪن تنکي انهن حڪمن جا فرد ڪليڪٽر ڏانهن موڪلڻا آهن ۽ ڪليڪٽر کي حق آهي ته سنڌ جي جوڊيشل ڪمشنر کي اپيل ڪري.

قلم ٢٢- ڪليڪٽر کي سوانپيل اختياريون ڪانئس مٿئين درجي وارو روينيو عملدار هلائي ٿو سگهي.

قلم ٢٣- سرڪار کي اختياريون آهن ته ڪن به ماڻهن کي يا ضلع يا ضلع جي ڀاڱن کي ۽ ماڻهن جي فرقي کي هن ائڪٽ يا انجي ڪنهن ٺهراو جي عمل کان معاف ڪري.

قلم ٢٤- سرڪار کي اختياري آهي ته هن ائڪٽ جي مطلبن بجا آڻڻ لاءِ قانون جوڙي.

شاعر مشرقي

مسٽر ڄيٺامنداس دوارڪاداس پاڻيا بي. اي.

لفظن جي للڪار مان صرف ڪن جو رس پئي ٿو پر مگر جيوت جو جس مايه دار راڳن مان حاصل ٿي سگهي ٿو. شخصي جذبات آهن ڪٿي. مغربي ساهتيه - راڳ جو پاڳ - جزن جي جدائي ڪرڻ ۾ گهريو وڃي. اسان کي ته اهي امنگ جي اُليلي وارا آواز گهرجن جي روح مجروح کي مرهم لڳائي عضوو عضوي سان ملائي هڪ ڪري ڇڏين. سچي پچي صحبت اها آهي جا سنتل سينو سجاڳ ڪري. لفظ جي تارن وانگر روشن رهن، جي مردن وانگر مردنکي حياتي بخشين. مٺو مٺو ٿوٺي مٺو آهن پر ڪنهن ڪنهن مٺوءِ منجهه اچي بوءِ بهار جي. گل ته گلن جهڙا ٿين پر ٿورڙن ۾ محبوب جي مشڪ پئي ملي. مشرق جي ملڪن ۾ جدا جدا شاعرن پنهنجي پنهنجي نموني محبوب جي مورت وصف ۾ ونواتڻ پئي ورتن ڪيو آهي. سندن محبت ۽ محويت اهڙي ته اعليٰ ۽ اوجل آهي جو پيٽا ڏيندي به هو پاڻ اهڙوئي صاف ۽ سهڻو رکندا اچن، هڪڙي شاعر جو پڳوان اڳيان پيٽا چاڙهيندي چوڻ آهي: "جيڪڏهن گلن کي منهنجو هٿ لڳي ٿو ته اهي اپوٽو ٿي ٿا پون ڏنهنڪري زمين ۾ بيٺل گل مان پڏ کي ارپن ٿو ڪريان. پڏ گذريل وقت وارو، پڏ حال جو، پڏ آئينده جو." شاعراني ڏارا جا هنن لفظن مان لڳهي ٿي سا اسانجي جسم کي جيوت بخشي ٿي. راڳ جيڪڏهن لفظ جي لباس ۾ نئو نڪري ته رڳن جي رت سمت ۾ خوب لهرا ڏيئي جيوت کي جمال ۽ قرب کي ڪمال بخشي ماٺ.

ليکڪ

سندي مهراڻ ۾ انند آنند ماڻي ٿو. جنهنجي جاڻ صرف وقتائتي نگاه مان نروار ٿئي ٿي. هڪڙي وقت اهڙو اعليٰ انسان جپان ۾ ڪنهن هندستاني شاگرد سان مليو جنهن جو ذڪر هن هيٺين لفظن ۾ ڪيو آهي. هو پنهنجي قوم کان قداور هو. سندس شاعراني دل جو جلوه سندس سرير مان جبل جي چوٽي وانگيان سج جي سرخ روشني ۾ رنگيل رنگ جي رونق ۾ بکي رهيو هئو. مون کان نئس پڇيو حياتي ڇا آهي؟ لفظن ۾ هن کو جواب

نه ڏنو. سندس صفيد چوٽيون سج جي چڙهڻ ڪري چمڪڻ لڳيون ۽ رنگدار لهرون هيري جي پاسن مان نڪري رمڻيڪ سندرتا جي سنگ مان منهنجي منهن تي جهلڪڻ لڳيون. هنجا پيلا ڳل ايران جي قوه ۾ قاٺندڙ زنده گل جي گلابي ڳلن وانگر چمڪڻ لڳا ۽ هنجي ٻوٽيل اکين مان محويت ۽ مگهنتا جا موتي لهي پيا تنهنڪري وقت راڳ واري مات ۾ گذرڻ لڳو. اوچتوئي اوچتو هو ماٺا وانگر ويڪرو ٿيڻ لڳو ۽ پنهنجي ويهڪ واري جاءِ تان اٿيو. پڳل لفظن ۾ چوڻ لڳو. هيمت مٽيءَ جي هيمت مايا جي مهران مان مٽي چڙهندي سندس ڏاڍيءَ تي بيٺل. نظر کان لڪل جيون جي ڳولا اونهائيءَ ۽ اتانهين مان ڪندي ڪنول اسري ٿو مٽي. مٽي ۽ تنهن کان مٽي جيسين ٻهڪندڙ پرٻور ٻور مان نيلي ماٽيءَ مٿان قائي ٿو ٿئي.

"قٿڻ جي قوه جي جلالت ۽ هن وري اکيون بند ڪري مات ڪئي. قدرت جي ڪماليت ۽ انساني اسرار منجهس مليل هو ۽ ٻنهين جي پورنتا ۾ پلتيل هئي اها پرواز جي پيٺي جنهن مان شاعر پنهنجو خزانو ڪڍي. اعليٰ ۽ اوچي آسمان ڏانهن اُڏاري کائي بي رنگيءَ جا رنگ حاصل ڪري، رنگ جي رنگ کي نظارو بخشي حسن جي هٻڪار پکيڙي ٿو ڇڏي.

ايران جا شاعر

عمر خيام ايران جو عجيب اعليٰ روح آهي جنهن ڏانهن اُڪير مان هاڻ چڪجيو وڃي. جسماني جڪڙبن کان هو جبرو آهي. سندس نگاهه عرش جي اعليٰ اکرين ۾ کتل آهي مگر "عياش" دنيا کيس ڏوهاري بنائي مجرم وانگيان کيس مار ۽ ڌڪار جو لايق ڪري ٿي ڇڏي. "شراب ۽ پيالو" شعر ۽ تصوف ۾ شريعت جي پابندي کان آزاديءَ جي نشاني. سمي جي رسم رواج جي بندشن کان ٻاهر رکڻ لاءِ آهي. پاڪي دنيوي قاعدن جي لاڳاپن کان برطرف ڪرڻ لاءِ عمر، حافظ ۽ شمس تبريز. "ساقي"- پيالي ۽ ميخاني جو چٽر پنهنجي شعر ۾ چڱي طرح چٽيو آهي. ميخاني اها معرفت جي حالت جي بني هئي جتي دارون جا دنگ درد وارن لاءِ دائما هڪيا رکيا هوندا آهن. شاعر جي حد کان بي حد جي حاصليت ۾ اچي امنگن جي لهرن ۾ الڪارين لکين ٿو لنوين ڪڏهن بادلن جيان گرجنا ڪندو ٿو رهي ته ڪڏهن بجلي وانگيان ٿو ڪنوين. کيس سڌ ئي نٿي رهي ته ڪو پنهنجي خيال جي مخالفت ڪري ٿو ڪي نه. شعر ڇا آهن؟ صرف تصويرون من جي ڦرندڙ حالتن هيئت نظارن جون بي انت جي پردي تي. عمر جو اصل ۽ انت نٿو ملي. هرهڪ لفظ جي لکت ۾ لڇڻ ۽ لچڪ ۽ لٽڪ نرالي ۽ عقل ۽ علم جي انگرن وانگرن جي وهڪ کان ٻاهر نڪرندي عمر عجيب ٻوليون ٿو ٻولي. ۽ پڙهندڙ سندس اکرن جي اجالي ۽ اشاري تي پنهنجو اندر ٿو ڳولي. شاعر پاڻ ڌاران ٻي ۾ سمائجي سگهندو ئي ڪين. سندس شراب کيس محبوب يعني سرش جي اکين مان کيس ملي ٿو جو اها امرت ڌاراوهائي سندس سڪل روح کي رونق دار ٿو بنائي

۽ سندس خيال کي پاڻ ۾ ٿو ھلائي. شاعر جو وحدت جي ويچار جون واريون وھاري ٿا انھن کي ڏسي عام ڪيس عتاب نه ڪن يا ڪيس سنت سمجھن. سندس مطلب اھو ڪڏھن ڪين ٿيندو ته ڪو ڪيس ڪامل انسان ڪري ليکي "سچ سندرتا ۽ سڌائي" محبوب جا نسوا لا نيشان آھن. وحدانيت جا والي سدا اھا سدا اُتاريندا ٿا رھن ته محبوب جو مشاھدو اسانجي انساني دل لاءِ امرت آھي جنھن کي پي مست ٿي ھو گيت مدھوشن وانگر پيا آلاپن. ايشور جي ھستي ظاھر ڪرڻ لاءِ شاعر علم منطق موجب ترڪ وترڪ ڪرڻ مان نه چاھي نڪي جوش ۽ جنبش ۾ اچي پاڻ پرسڌ ڪرڻ لاءِ پيو پاڻ تاڻي. ھو ته سدا سرھاڻ ۽ سڳنڌ جو سر ۽ سوز پيو اُتاري ۽ ٻڌندڙن جي ڪن کي پيو پياري.

"بي انت - اننت آنند جو انت لھڻ يا ان لاءِ ڪي به سوال ڪرڻ اجايو آھي". جو مونکان پڇي ته ايشور ڇا آھي سو بي وقوف آھي ۽ جو ان جو جواب ڏئي ٿو سو وڌيڪ بيوقوف آھي. سا ڪيامني چيو: گرو نانڪ ۽ عيسيٰ پرماتما جي لاءِ محبوب يا ڪنت يا پتا ڪانسواءِ پيو ڪي به نتا چون. ساڳي ريت عمر خيام محويت ۾ ھوندي نندي پيمشن تي گذر ڪندي چوندو رھيو "منھنجي مڪان جي زمين جو ذرو ذرو گناھن سان گندو آھي. مگر مالڪ مھربان آھي ۽ سندس رحم مونکي صفا ڪرڻ لاءِ سدا سالم آھي جو مونکي ڌوئي صاف ڪندو." اھڙي روح جي آنند جي اٿل ڪان سواءِ اِي ڪا به اٿل ڪا نه اُٿندي.

جيوت جي جوت آھي حسن ۽ حيرت ڏانھن مائل ٿيڻ ۽ ان جا ڳرت پيدا ڪرڻ جي لاءِ عمر خيام پيالو ڪم آندو. سندس جوت لاءِ اھو ضرور ھو ۽ نه جسم لاءِ. جو جيو "جاڳ" جو "ماڳ" پائي محبوب جي محل ڏانھن رخ رکي ھلڻ جو حيلو ٿو ھلائي سو جي شريعت جو ليکو وچائي ڪافر سڏائي ته ان تي ٻار نه آھي. حقيقتي ڪنول صرف پور لاءِ ٻھڪندو آھي. عمر روح لاءِ رھي ٿو ۽ نه جسم لاءِ.

شمس تبريز ۾ اھا جلالت ۽ جلوه موجود آھي جو اُنيو مان ٿو اُٿي. وصال جي حاصليت وحدت جي وھڪ منجھس ٿلھي ھلائي. مست ۽ مدھوش ۽ بيخود ھيءُ سدا سرخ نين سان لعلن پيو لکي. سندس نراڙ مان نور پيو ٻکي. ڪيس انھيءَ نينھن جي نشي ڌاران پيو ڪي به ڏسڻ ۾ ڪين ايندو ھو.

حافظ ۾ اٿل عجيب ۽ الائي آھي. منجھس مونجھ ۽ ملاوت موجود ڪانھي. آزمودو اجالو به منجھس عجيب آھي. ھلڪائي به حيرت سندي منجھس ميل گھٽي آھي. ماکيءَ جيان مٺو مھتاب جيان منڌار ھي دلدار سدا دلبر جي درشن ۽ اُنجي منزل گاه جا اشارا پيو اُتاري.

مون محبت کي لڪائڻ جو ڪيو سعيو
مگر مستي دل جي ديوار ڪان ٽپيو اچي
اُستاد اچي مونسان واھر ڪريو
پيچڻ جي پورکي مون مان ٽريو (حافظ)
گھڙي گھاريان جي دلبر سان
پانيان امت اھا گھڙي

پنهنجن دنيائن کي مٿان صدقي
ڪريان اُنهي ور وري
جسم منهنجو آهه پردو پري رو جي مٿان
سچي ساعت سائي پري اُئي اهو جي مون هٿان
ياد گيري صورت جي اکين روشن بنائي ٿي
دريءَ مان ليئو پائي پيو کي ڇڪائي ٿي.
پارسي شاعر ايران جي سهڻن گلابي گلن وانگيان ٽڙندڙ ٻهڪندڙ خوشبوءِ ڏيندڙ مگر ٿوري جيوت وارا آهن. ديوتا ٿون آهن جن کي ڪو پاڇو ڪونهي. شراب ۾ بدل خيال محبوب جي منهن جي نورسان روشن آهي. هنن دردوندن جي بنيءَ سدا لتل آهي.

شاعر هندوستاني

سوسوليءَ جي سلطنت پارٿورش ۾ سچني انسانن تي جميل آهي. سپ ويدڪ واڪيہ اُپنشد ۽ پُران مٽيوئي شلوڪن ۾ لکيل آهن. وگيان جا گرنٿ پڻ ڪاويہ جي وسيلي سان پنهنجا گجهہ ظاهر ڪن ٿا. شاعرانہ مزاج هندستاني پنهنجي انهيءَ رغبت کي سرسبز رکندا آيا ۽ انڪري نظم جو فصل سچني شاخن ۾ سرس ۽ سهڻو ٿيندو پئي رهيو آهي. شاعر بنسري وانگيان الاهي ايشوري الهام جو جهڻيندڙ ۽ آلا پيندڙ آهي. هندستان ۾ شاعر اهو نہ آهي جو صرف ساهمڻ جو پرک سرمور هجي مگر شاعر سچ پچ درشن جو حقدار پاڪ روح جيو آهي جو وان درشن جي جدا جدا جزن کي ڏسي اهڙو نہ خوشيءَ ۾ محو ٿي ٿو وڃي جو هن مان نرمل شبد ڌارا ڇٽي ٿي هلي جنهنجي هرهڪ حد ۽ حصي ۾ حسن ۽ هبڪار، ظاهر ۽ نروار آهي، لطف ۽ لتڪار وزن ۽ وٽڪار موجود آهي. نہ صرف منجهس قدرت ۽ قادر جي اعليٰ عڪس جو التوڪيل آهي مگر خسيس نڪرن ۾ بہ ڪيس خوشي ۽ خدا معلوم ٿين ٿا جنهنڪري هنجو ڪلام قلم بند ٿيو پوي ۽ اُن ۾ رواني ۽ رونق، وزن ۽ ماپ از خود پيدا ٿيو پوي. گرامر جيڪڏهن پوليءَ جو پانهو آهي تہ وزن بہ شعر. خدائي شعر جو خادم آهي. ڪاويہ ڪلا جڏهين جيءَ ۾ پيدا ٿي ٿئي تہ هن جي جسماني پڃري ۾ بندپل پکي پرواز ڪري نوراني نظارا ۽ پسارا پسي ٿي خوديءَ جي حالت هيٺ اُن مشاهدي جي گواهي نظم واري نازڪ نفيس پوليءَ ۾ ٿو پولي.

گذريل وقت جا ورق اُٿلائي ڏسبا تہ هندستان ۾ ڪاويہ جي سچني پاڙن ۾ اهي گرنٿ ليندا جي جيڪر دنيا جي ڪنهن بہ قوم لاءِ فخر ٿين. هندستان جي آڳاٽي ڪاويہ ۾ اُها ڪيميا موجود آهي جنهن دنيا جي عالمن کي چٽيءَ طرح ڏيکاريو آهي تہ ويرتا ۽ پوترتا جي پرک ڪسوٽي ڪندي آهي. آدرشن ڪي عين اوڏو هندستان جي پن ڪوتائن ڪيو آهي. مهاڀارت ۽ رامائڻ ۾ راجنيتي ۽ گهرو نيتي جي سلسلي جي چٽي تصوير چٽيل آهي.

رامايڻ

گهرو جيوت جي چتر چٽڻ ۾ سنسڪرت ڪوي يونان جي ڪوين کان ڪٿر ڪٽي ٿا وڃن. استريءَ جي جدا جدا رنگن روپن جي تصوير کي چٽڻ ۾ رامايڻ جو رچيندڙ والميڪ وڌاءُ کي ڇڏي

قدرت کي پرسڌ ڪيو آهي ڪيڪئيءَ
منڊودري، ڪوشليا ۽ منٿرا سڀ ساڪيات
جيوت مان ورتل آهن. سيتا - دروپدي
۽ دميئنتي اسانجي هردي کي هيلن کان
وڌيڪ هري ٿيون وڃن. گهرو پيار جي
نظارن کي ظاهر ڪرڻ ۽ عام انسان ذات
جي امنگن ۽ اُليلن جي اظهار ڪرڻ ۾
سنسڪرت ويرڪاويه لاثاني چوٽيءَ تي
پهتل آهي. راماڻ ويرڪاويه جو سندر
مثال آهي. سنسڪرت ساهتيه جو سهڻو
مٺيو آهي جنهنجي جهلڪ ۽ رونق امت
آهي. هرهڪ اکر جي اُڪر وڪر ۾
ڪاريگر پنهنجو رنگ وهائي اُٿل تي اُڇلائي
ڇڏيو آهي، خيال جي اعليٰ منزل تي پرواز،
اکرن جو خيال تي ناز- خيال ۽ خال جو
پاڻ ۾ حسن تي راز صاف ظاهر آهي. خيال
۽ افعال جو ڪمال يڪ ۽ روپ ۾ نهال
تي پرگهٽ ۽ پرسڌ ٿي ٿو.

مها پارت

بـ اهڙوئي امله انهاسڪ ويرڪاويه جو
امله رتن آهي جنهن جي رئي جدا جدا
ڪنڊن وٽان پاڻ داڻو چمڪي رهي. ان
۾ بي انت اخلاقي اشارا، راجنيتي رستا
روحاني رمزون موجود آهن. آڳا ٿي زماني
جي هندن اُڏاري اعليٰ ۽ سرسبز هئڻ
ڪري بي مثال آهي. سچ پچ قدرت جي
سموري صورت وانگيان اُٿانهن جبلن وانگيان
شاهاڻن نندين جيان بي حد ملڪ جي ويڪر
جيان سندن ويرتا جا آدرش جهلڪ جا
نظارا سهڻي نقط چين نگاهن کي حيرت ۾
وجهي ٿا ڇڏين روپڪا (ناٽڪ) جي حق
پاش، پرپولي ۽ ڪاليداس ڪمال ڪري
ڏيکاريو آهي. روپڪا جا رچيندڙ انـون
رسن کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا
آهن. اُهي هي آهن: پيار- خوشي، حليمائي
شوخي، شيردلي- خوف، نفرت- تعجب،
سنتوش ۽ آنند. پرپولي ۽ ڪاليداس جهڙي
سريلي مڌر بولي ملڻ مشڪل آهي.

ڪاليداس

وڪرماجيت جي وقت ۾ ٿي گذريو
آهي. سندس روپڪا شڪونتلا ۽ وڪرم
اُروسي نامپارا آهن- انهي ۾ بيان جي
صفائي ۽ سچائي، انيور جي اُرمائي، خيال
جي حسن جي نفيسائي ۽ لکت جي پيهد سهڻائي
عجيب آهي. شڪونتلا ۾ شاعر انسان جي
جدا جدا اُمنگن جي جڙ کي ظاهر ڪرڻ ۾
ڪين گهٽتايو آهي. خواهشون ۽ خيال -
امنگ ۽ اُڪير، اتساهه ۽ اُڻتڻ جي انسان
جي اندر ۾ اُٿل پٿل ٿيون اٿارن تـن جو
تصويرون ۽ چترڪاليداس ڪاريگري سان
چٽيون آهن. **ميگهه دوت ۽ رتو سنگرهه**
۾ ڪوئي ڪين گهٽتايو آهي. ڇا سندس
بيان ڇا سندس بولي. مطلب ته خيال جي
گت- مڌرتا جي گت ۾ گهري نازسان لاهن
تان لهي وڃي، وروهن ۽ ونڊر ڪري.

ڀوڀوتي

وڪرماجيت جي راڄ کان گهڻو پوءِ ٿي
گذريو آهي. سندس ناٽڪ ٻـ نامپارا آهن.
مالتي مادو جي روپڪا رمٽيڪ رسملي
روح ريجهائيندڙ دل بهلائيندڙ قدرتي بيانن
سان پر آهي مالتيءَ جي محبت عجيب
رنگ ۽ نرالي نموني جي آهي. جيتوڻيڪ

منجهس ڪافي ڪٿيا موجود آهي جو حياتيءَ
جي پارکي هلائي ڇڏي ته به انکي درياه
جي لڙات ۽ مٺيءَ ڪان مٺي ڪٿي صاف
نرمل ليئهن بنائي دنيا جي ساهتي ساگر
تي اُڇلايو ويو آهي. پوءِ تي ڪاليداس
ڪان گوءِ ڪٿي ويو آهي جو هو قدرت جي ڪماليت
لفظن ۽ اٿر جي حاصليت سان پوري ريت
پڌرو ڪري ٿو سگهي. روپڪا حياتيءَ ۽
قدرت، جو پاڇو يا پرتو آهي ۽ هنن ڪوين
انهيءَ آدرش کي بيشڪ حاصل ڪيو آهي.

تلسي ڪرت رامائڻ

هندي ۾ آنند لهري آهي جنهن جي
آڌار تي سارو هندوستان هلي رهيو آهي.
سندس ونيه پتريڪا اهڙي ته مانيٺي آهي
جهڙوڪ اڳوٽا اُپنشد ۽ گروگرنٿ اڄوڪي
وقت جو. والميڪ ۽ تلسيداس الاهي عاشق
آهن. سندن نگاهه پنهنجي پريتم تي ڪٽل
آهي جو سندن ڪتاب جو پڙهندڙ انهن
پيرو ٿي پوندو. تلسيداس جو راماڻ اسان
جي اکين اڳيان پرم آتما جو پرشن آڻي
ٿو. پڙهندڙن کي اينترو ويجهو ڏهن آهي
جو پريتم سان پڪو آهي. هڪڙي وقت
چون ٿا ته ڪرشن جو ڪيس درشن ٿيو، لعجب
۾ پئجي تلسيداس ڀڳوان کي عرض ڪيو
ته مالڪ بيشڪ سڀ اوهان جا روپ آهن
مگر مون اوهان کي رام روپ ۾ ڇانو
سڃاتو آهي، انهيءَ روپ سروپ ۾ اوهان
جي داس جو آنند آهي.

سورداس

عشق ۾ اندو. چنتا مڻيءَ جو چاڪ هي
پرهمڻ اکيون ڦوڙي هميشه لاءِ "موهن"
تي ڪوڙي ڪٽن ته هنجي درشن ۾ مست
ٿي مڌرتا ۽ مگهنتا جا گيت ٿو ڳائي. سورداس
جو سوز مان سرود ۽ سر ٿو هلائي تنهن ۾
جوت ۽ جذبو اهڙو ته جبرو آهي جو پٿرن
کي پاڻ وانگيان آگ لڳايو ڇڏي ۽ هو به
انَنت جوين جي بهاريءَ جي پرم پرڪا ڏيٺي
راڳ ۾ سالس گڏ موهن جي چوگرد نينهن
۾ پيا نچن. سور ساگر بيشڪ سوريه ساگر
آهي جنهن ۾ پريم جو سوريه تيج تجلي سان
اُڀري مهانڊي جي ٽاڻي هٺي ٿو بهي.
انَنت جواني پريم جو لاڳو آهي ۽ سورداس
ان جون اُلاريون خوب ٿو ڏئي. سوريه
ساگر امرت جو آنند ڀنڊارو آهي جنهن
گهٽن جيون کي مست ڪري پرم پد تي
پهچائي ڇڏيو آهي.

ميران بائي

ميواڙ جي مهاراڻي ميران ساڳي سالوري
جي سهاڳڻ آهي. جڳن جا جڳ لنگهي ويا
آهن ته به مستاني ميران گهٽين مان گيت
ڳائيندي لنگهندي نظر ٿي اچي. راڻي بڻي
فقيرياڻي ڦري بڻ بندراٻن جا. منجهس
ويرتا ۽ نرپيتا پريل آهي جا پريم جو لڪش
آهي. ڪرشن پريا، تيا ڳهه مورت، سهاڳڻ
جنهنجو سهاڳ سدا سندس ساٿي آهي.
گارگي آڳاٽي زماني ۾ سندس جنس جي
ٿي گذري آهي. ميران نازڪ الانهين
تي اُڏرندڙ انَنت اُجالي واري، امرجوتي
جڳائيندڙ ۽ پرس پرو جهندڙ وسنو آهي. پوبر
مٿي ترپيءَ ميران عجيب آهي. مستهاتي
۽ ڪاريهر هن لاءِ ڪرشن جا قاصد آهن.
مٿس ڪو به حق يا حجت هلائي نٿو سگهي.

ڪرشن سنڌس روح جو راجن، سرونس آهي. ستارن سان سينگاريل نيلو آسمان ڪرشن وانگر ڪيس پريم جي عميق ۾ لاهي غرق ڪيو ڇڏي. ڪنهن به اُتڪ ڏاران بي ڏڙڪ هوءَ پردي نويان اننت جي دنيا ۾ وڃي ان لنگر جي رهواسين سان خوب رانديون ڪندي ٿي رهي. ڪنهن به ٻيءَ استريءَ پاڻ پرورڻ لاءِ ايتري پتوڙ ڪين ڪئي ۽ نه ڪا ان قدر قرباني ڪئي. سنڌس ڪوتا جنهنجي جو آواز آهي جو ٽاڻي ٽاڻو ڪري پوتر بنائي ٿو.

برج ڀاشا هندي ٻولي آهي جا ڪاويه لاءِ تمام سٺي ۽ ڪارگر آهي. ڪرشن ۽ سنڌس گوپين جي جيوت هڪڙو رسيلو راڳ آهي جنهن گهڻن الاهي عاشقن کي جذبي هيٺ آڻي منٿون لائيون لنوايون آهن. هندو ۽ مسلمان موهن تي مست ٿي سنڌس گيت ڳائيندا ٿا رهن.

گنگا نديءَ جي ڪنٺي وارن ميدانن تي رهندڙن ايهي ليلائون خوب ڳايون آهن پر انهن کان گهڻو پري پنجاب ۾ **گرو گوبند سنگهه** نوراني نور واري شاعر پنهنجا گهڻا شعر برج ڀاشا ۾ چيا آهن. راماڻ ۽ ڪرشن ليلا جا دسم گرنٿ ۾ ڏنل آهي سا پريم ميءَ نقش آهي. گوري گوپي واڌا چنڊ جي چانڊوڻي ۾ پاڻ لڪائي پنهنجي لعلن لهڻ لاءِ نڪتي.

بينگال اعليٰ سڀيتا جو مرڪز آهي. علم جو ڀانت آهي. ڪوجنا ۽ علم جي مرڪز هئڻ ڪري اُتيجا آدمي منداٿو ۽ اڻ منداٿو هستيءَ جو ڏونڪو وڄائيندا رهندا آهن. پنج صديون اڳ بينگال سڀني سهڻن شاعرن جي ڪيٽ هئي. چانديداس ويشنو شاعرن جو سرور ۽ گورنگ جنهنجي جيوت شعر جو زنده مثال هئي تن جي اثر هيٺ شعر جو فصل جهجهو ۽ سٺو ٿيو. اڄ ڪي بينگال گورنگ جي عيوض ٽا گور ۽ ٻيا دنيا کي ڏنا آهن جي انهيءَ جوتيءَ جون پڳل ڏيا ٿيون آهن.

چانديداس

اُهو امنگ جو اعليٰ پنڊار هو جنهن جي پريم بينگال جي دماغ کي ڏڪ هڻي سنڌس دل کي سجاڳ ڪيو. هن پريم ۽ جيوت ۾ نئين جوڙ جوڙي روپ رنگ النڪار ۽ شونگار پنهنجا رچي هن ساهت ۾ نئون ساهه وڌو. پنڊتن کي ٽوڙي هن پنهنجو قدم نئين وات ۾ رکيو. چانديداس جو شعر سنڌس پريم جي وفائي ۽ صفائي جي ساک ٿو ڏئي.

ودياپتي

ٻهار جو لاثاني شاعر ٿي گذريو آهي. راڌا ۽ ڪرشن جي پريم جي رهسيه بابت هن خوب ڪي لکيو آهي. چانديءَ هنن جي پريم جي ظاهري وارتا ڪئي آهي ته ودياپتي اُن پريم جي اندر گهٽنائن جو خوب ورنن ڪيو آهي جنهن هڪڙي گيت ۾ چئي ٿو "اوهان اجايو پريم بابت مونکان پڇو ٿا. پريم جا ترنگ دم دم ۾ نرالا آهن. جنهن هڪ کي هڪڙي روپ ۾ بندڻ گهران ٿو ته اهو مون وٽان جهٽ ٽڙي ويو وڃي." ودياپتي عالمن جي قطار مان هو ۽ چانديداس دليو برهمڻن جي پر مان. انهن ٻنهين جو اثر

گورنگ جهڙي انسان لئي گهاٽو ٿيو آهي.

جئديو

هن گيت گووند ۾ رادا ڪرشن جي رهاڻين بابت سنسڪرت ۾ ڪمال ڪيو آهي مگر چاڪاڻ جو چانديداس ۽ وديا پتيءَ عام جي ٻوليءَ ۾ انهيءَ ڳوڙهيءَ وشيءَ جو ورڻن ڪيو آهي تنهنڪري انهن جو اثر گهڻو ٿيو آهي.

گورنگ

پريم جو ساڪي سروپ، رادا روپ - ڪرشن جي ديوڪ لئي پتنگ - پريم جو پروانو - بينگال ۾ پريم جي لهر هلائڻ لاءِ پيدا ٿيو ٿو ڏسجي. هري ڪيرتن جي لهر جا هن علائي انهن تي ملڪ ۾ باهه ٻاري ڏني. راس ليلا جو رهس ۽ رس عام لوڪن کي چکائي ڪين هري جي چرڻن ۾ گهلي نيون. هيءَ ديماغي جيو - دل جي جذبي جو پنڊار - عاشق - سوز ۽ بره جو پتلو زنده جيئندو جاڳندو شاعر هو.

لفظن جو اُچاريندڙ ۽ مگر دل ستل کي سجاڳ ڪندڙ هيءَ ٿي هڪڙو هو. سندس رڳ رڳ ۾ راڳ ۽ جيوت ۾ جوت هيس. هوا وانگيان هلڪو سندس صورت ۽ صدا ۾ سوز هو جنهن ڪري عام سندس اوڏو اچي قرب جي ڪڙين ۾ قيد ٿي پوندا هوا.

رامڪرشن پرمهنس

الله لوڪ علميت جي مونجهه کان آزاد. اُهن سائين لوڪن مان هو جي بنسري وانگيان بهاري جي برسات، سپني اي پيا وسائن. هو سچو عاشق هو جنهن گورنگ واريءَ هل چل زور شور سان هلائي. پکيءَ جي پرواز وانگيان حيرت انگيز - بالڪ جيئن سباجهڙو - نينهن جي نشي ۾ اُلٽ فقير - دنيا کان دور - سچو شاعر هو. منجهس اهو مشاهدو موجود هو جنهن گهڻن عالمن ۽ عاقلن کي مست ڪيو آهي. سندس ذوقيءَ جي رڪ اسانکي اوجل ڪري مست ٿي ڪري.



اديبن جو ميلاپ

ليکڪ:- محمد اعظم

عزيز مصر جو باڪمال شاعر هو. هو غريب هو ۽ غريب جو پٽ هو. انهيءَ ڪري کيس مصر جون ترقي يافته سوسائٽيون پنهنجي ڪلب ۾ جڳهه ڏيڻ لاءِ تيار نه هيون. جامع ازهر ۾ هن ڪيترا ورهيه تعليم ورتي هئي. ممڪن هو ته سندس هم جماعت شاگرد اعليٰ عهدن تي پهچڻ کانپوءِ سندس مدد ڪن ها پر سندس غريبيءَ ۽ مفلسيءَ سندس قدرتي نماڻائيءَ سندس ڪلاسين ۽ دوستن جي نظر ۾ به ڪا جڳهه، ڪا عزت ۽ عظمت حاصل نه ڪئي. بس هو شاعر هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس شعر مصري رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. سندس ڪلام ۾ هڪ گرمي ۽ سوز ظاهر هوندو هو. اگرچ ملڪ جا مشهور ۽ مقبول شاعر کيس ڪا حيثيت نه ڏيندا هئا تڏهن به سندس شعر جڏهن سرسري نگاهن سان ڏٺا ويندا هئا ته دل تي انهن جو اثر پيدا ٿيندو هو ۽ روح انهن مان هڪ خاص لذت، هڪ ڪيف ۽ بيحد مستي حاصل ڪندو هو.

عزيز پنهنجي خود خياليءَ ۾ اڪثر نيل نديءَ جي ڪناري تي ويندو هو ۽ چانڊوڪيءَ رات ۾ چنڊ جي پيڙيءَ کي نيل جي ڇولين ۾ هيٺ مٿي ٿيندو ڏسندو هو ۽ يڪدم ڪو نه ڪو شعر سندس خيال ۾ اچي ويندو هو. هو نيل جي ڪناري تي چاول پوٽن مٿان ٽانڊاڻن (ڪڙڪمپيتن) جي ناچ جو لطف حاصل ڪندي پنهنجي نوٽبوڪ ۾ ڪو شعر داخل ڪري ڇڏيندو هو. عزيز جوان هو. خوبصورت هو. اهڙو خوبصورت جو مصر کيس ”مصري“ چوائڻ لي پنهنجي لاءِ شرم محسوس نه ٿي ڪيو. مگر غريبي سندس سونهن کي ڇپائي ڇڏيو هو. مٽيءَ جي ڍير هيٺان هڪ موتي هو. هڪ لعل هو لڏ ۾ لڪل. چنڊ جو ٽڪرو هو ڪڪر جي پٺيان. ان ڪري تمام ٿورڙا ماڻهو ڏانهس متوجه ٿيندا هئا.

عزيز کي انهيءَ بيگانگيءَ جو احساس پوري طرح هو، مگر هو قدرت کي پنهنجو محبوب سمجهندو هو ۽ کيس مستقبل طرفان مايوسي نه هئي. ۽ هن ڄاتو ٿي ته جيڪڏهن سندس شعر ۾ موسيقي ۽ سندس گيتن ۾ ترنم ۽ سندس طبعيت ۾ ڪماليت جو جوهر چمڪندو رهيو ته هو هڪ ڏينهن پنهنجي غريبيءَ ۽ نماڻائيءَ جو بدلو مصرين کان ضرور وٺندو.

(٢)

شمس عارف رفاعي قبيلي جي هڪ حسين ڇوڪري مصر جي هڪ اعليٰ ۽ دولتمند گهراڻي جي نياڻي هئي. انهيءَ ڪري هوءَ علم جي نعمتن مان گهڻو ئي فيضياب ٿي هئي. هوءَ گهڻو ڪري مصر جي سڀني رسالن جي خريدار هئي ۽ سندس ميز ادبي ۽

۽ علمي رسالن ۽ اخبارن سان پريل رهندي هئي ۽ سندس طبيعت ننڍپڻ کان ئي ادب (ساهتيه) ڏانهن مائل هوندي هئي. هاڻي هوءَ جوان هئي. چئني طرفن کان شاديءَ جا پيغام ٿي آيا. مگر سندس والدين اهو فيصلو ڪري نٿي سگهيا ته پنهنجي نياڻي لاءِ ڪنهن کي چونڊين.

پيغام ڏيندڙ سڀ دولتمند ۽ باعزت هئا مگر اديب ڪوبه ڪونه هو. اگرچ دنيادار هئا مگر اها دولت ڪنهن وٽ ڪانه هئي جا شمس عارف جي دل گهري ٿي. انهيءَ ڪري هو خاموش رهيا ٿي.

اوچتو ”الهلال“ جي هڪ ايڊيشن ۾ ڪنهن عورت جي طرفان هڪ انعامي مضمون شايع ٿيو جنهن جو سرو هو ته ”گهروءَ زندگيءَ ۾ زال ۽ مڙس جي اتحاد ۽ موافقت لاءِ سڀ کان ضروري شيءِ ڪهڙي آهي؟“ ٻيءَ ايڊيشن ۾ ملڪ جي لائق عورتن انهيءَ سوال جو جواب ڏنو. ڪنهن لکيو: ”مزاجداني“ ڪنهن چيو ”چڱو سلوڪ.“ ڪنهن وري ”محبت“ کي اتحاد جو ذريعو ٺهرايو. ڪنهن چيو ”عمر جي هڪجهڙائي“ انهن جوابن ۾ هڪ جواب شمس عارف جو به هئو، جنهن ۾ دليلن سان ثابت ڪيو هو ته زال ۽ مڙس جي گهرو زندگي کي عمدو بنائڻ لاءِ ”هم سياءِ هئڻ“ لازمي آهي. انهيءَ کانسواءِ ڪوئي به اتحاد جو سبب ٿي نه ٿو سگهي.

(٣)

عزيز خود خياليءَ ۾ لڏندو لمندو نيل نديءَ کان موٽندي هڪ هوٽل ۾ ويهجي ويو ۽ هڪ ٽرڪي ڇوڪر کان چانهه گهرائين. ڇوڪرو چانهه کڻي آيو. ٻئي سندس هٿ ۾ الهلال جو اهو پرچو به هو جنهن ۾ گهرو زندگيءَ جي موافقت جو بحث ڪيو ويو هو. هن ڇوڪر کان الهلال وٺي نهايت خيال سان پڙهڻ شروع ڪئي. پڙهندي پڙهندي سندس چانهه ٺري ويئي.

هن ڇوڪري کي وري گهرايو. ٻي پيالي آڻڻ جو آرڊر ڏيندي، پنهنجي چوڌاري نهاري، سگريٽ دکائي ۽ سوٽو پيري وري اخبار پڙهڻ لڳو. هو انهن سڀني جوابن کي پڙهندو ويو جي مصر جي عورتن نهايت آزادي مگر پوري توجهه سان ڏنا هئا. جڏهن سندس اکين اڳيان شمس عارف جو جواب گذريو، تڏهن سندس چپن تي مشڪراهٽ ظاهر ٿي. هن چانهه جي گرم پيالي پنهنجي چپن تي آندي ۽ لفظ ”هم سياءِ“ تي غور ڪندو رهيو.

عزيز اخبار ميز تي رکي چانهه جي پيالي خالي ڪئي ۽ سوچڻ لڳو ته ادب پرستي به هڪ شغل آهي! اهڙو شغل جنهنکي ملڪي مجلس ۾ نهايت بلند درجو ڏنو وڃي ٿو. مان پنهنجي فطرت کي انهيءَ شغل ۾ لپيٽيل محسوس ڪري رهيو آهيان. پوءِ ڇا اهو ممڪن نه آهي ته ملڪ جي سوين هزارين ادبي عورتن جي نقطه نگاهه کان به چونڊ لائق سمجهيو وڃان؟

شمس عارف. اهو نالو ڪيتري وقت تائين سندس مغز ۾ ٻي ڦريو. اوچتو هن ڇرڪ ڀريو. سندس اکيون زياده شوخ، زياده روشن ۽ زياده مست ٿي ويئون. هن هڪ

غير محسوس آهه هوٽل ۾ پڪڙي ڇڏي ۽ ڪيتري دير تائين ڪرسيءَ تي ڪنڌ ٻاري ڪنهن خيال ۾ غرق ٿيو رهيو. ايستائين جو هوٽل جي بند ڪرڻ جو وقت اچي ويو ۽ هوٽل جي نوڪرن جي آواز کيس اٿڻ لاءِ مجبور ڪيو.

شمس عارف جو ٻه لفظي جواب چوڻ کي ته نهايت مختصر هو مگر انهيءَ جواب شمس جي مائٽن کي سندس جند بابت ۽ خيالن کان صاف واقف ڪري ڇڏيو ۽ هو سمجهي ويا ته شمس جي راءِ ۾ سندس مڙس اديب هجڻ گهرجي، نه ته گهرو زندگيءَ جي موافقت ناممڪن آهي. هن شادي لاءِ آيل پيغامن جي دفتر جي ورق جاچ ڪئي. پر ان ۾ ڪو به پيغام اهڙو نه هو جنهن جو ڏيڻ وارو شمس عارف جو هم سياءُ سمجهيو وڃي، ان ڪري سڀ ڪاغذ ردي ٽوڪري ۾ اڇلايا ويا ۽ نون پيغامن جو انتظار ڪيو ويو.

شمس عارف پنهنجي خيال ۾ خوش هئي ته هن ظاهري الهلال جي هڪ سوال جو جواب ڏنو، پر درحقيقت پنهنجن مائٽن ۽ خواهشمندن جي اڳيان پنهنجو اصول پيش ڪيو. سندس خوشي جي ڪا حد نه رهي، جڏهن سندس پيءُ ڪائونسل تان موٽي کيس هڪ جڙائو سونو ٻلو ڏيندي چيو ته الهلال ۾ جو تو مضمون موڪليو هو اهو يڪراءِ فيصلي بعد ڪامياب ثابت ٿيو ۽ هي تنهنجي لاءِ منهنجي معرفت انعام آيو آهي.

(٥١)

"پر هوءَ منهنجو پيغام ڪيئن قبول ڪندي" عزيز ڪر موڙيندي چيو، جڏهن هو پنهنجي بستري تي فڪر ۽ غم جي هڪ رات گذاري رهيو هو. سندس اکين مان ننڊ غائب هئي ۽ رات جي اونداهي ۾ هر طرف در و ديوار تي کيس فقط چار لفظ روشن نظر آيا ٿي. "هم سياءُ" ۽ "شمس عارف."- هو هڪ اڌ دفعو ڪر موڙي اٿيو. سڀ ننڊ پيا هئا. هن بتي روشن ڪئي. ڪاغذ ميز تان کنيائين. قلم کيسي مان ڪڍيائين ۽ ڪجهه لکڻ جو ارادو ڪيائين. وري مات ڪري ويو. وري ڪجهه لکڻ گهريائين، مگر سندس دماغ ڪنهن خاص خيال کان پريشان هو. هن ڪجهه لکڻ گهريو ٿي مگر ڪجهه لکي نه سگهيو. هن ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو ٿي، مگر سندس مخاطب سندس خيال ۾ پريل هو. هن بتي کي مٺي ڪيو، قلم ميز تي اُڇلايو ۽ پنهنجي چپن کي ڏندن هيٺان پيڪوڙيندي بي ترتيبيءَ سان کٽولي تي ليٽي پيو. سندس دماغ تي بار هو، اکيون ڳوڙهن هيون. کيس سستيءَ ننڊ جي گود ۾ ليٽائي ڇڏيو. اک لڳندي ئي سندس خيال خواب جي صورت ۾ دماغ تي اثر ڪيو. هن ڏٺو ته "شمس عارف پنهنجي ساري ناز نخري سميت سندس اڳيان مشڪي رهي آهي، سندس مشڪڻ ۾ گويا هڪ خاص پيغام آهي. شمس جي ڳچيءَ ۾ هڪ لاڪيٽ پيو آهي، جنهن تي نهايت عمدن حرفن ۾ لفظ "هم سياءُ" اُڪريل آهي." عزيز بي قرار ٿي ويو. هو ديوانن وانگر اٿيو ۽ شمس ڏانهن هٿ وڌائي ڊوڙيو ۽ اٿين ئي ننڊ ۾ ميز سان ٽڪر کائي ڪريو ۽ اوچتو ئي ڪرڻ سان سندس اک کلي وئي."

هو پريشان ٿي ويو. ڪيس پنهنجي سڄي ڪمري ۾ اونداهه ئي اونداهه نظر ٿي آئي ۽ هو پنهنجي بستري تي پيو رهيو ۽ وري اونداهه ۾ گهرائيءَ الي ويٺو ۽ اونداهه ۾ غور ڪري شمس جي تلاش ڪرڻ لڳو. سندس نگاهه ساري ڪمري جي تلاش وٺي رهي هئي. هو ارادو ڪري رهيو هو ته بتي ٻاري مگر هن خيال کيس روڪي ڇڏيو ته شمس سچ پچ هتي آهي. بتيءَ جي روشني ۾ هوءَ گم ٿي ويندي ۽ هو کيس ڏسڻ ۾ ڪامياب نه ٿيندو.

عزيز چريو ٿي ويو. سندس دماغ جي پريشاني چريائي جي شڪل اختيار ڪري چڪي هئي. هو وري پنهنجي بستري تي ليٽي پيو ۽ وري اکيون بند ڪري ڇڏيائين جيئن کيس اهو خوبصورت خواب وري نظر اچي. مگر شمس جي خيالي تصوير اهڙي سدوري نه هئي جو عزيز جي خلوت گاهه ۾ ٻيهر اچي. صبح جو اندارو ڪمري جي اونداهيءَ کي سميٽڻ لڳو مگر شمس وري نظر نه آئي.

مصري عورتن جي هن ادبي چيڙ چاڙ مصر جي سڀني جوان طبيعتن ۾ بحث مباحثه جو نئون باب کولي ڇڏيو. هر هوٽل، هر قهوي خاني ۽ هر سوسائٽيءَ ۾ هن انعامي مقابلي جا چرچا ٿيڻ لڳا.

انهن نوجوانن ۾ اهي ماڻهو به هئا جي پنهنجا پيغام شمس عارف لاءِ ڪاميابيءَ جي پورين اميدن سان موڪلي چڪا هئا. مگر هاڻي کين پنهنجي ڪاميابي ته ڏنڌڙ نظر آئي، ڇاڪاڻ ته هنن ڄاتو ٿي ته شمس عارف هڪ اديب ۽ ادب پرست خاتون آهي. هوءَ پنهنجي لاءِ ڪنهن اهڙي شخص کي ڪڏهن به پسند نه ڪندي جو سندس سڀاءَ جهڙو نه هجي. انهيءَ خيال اڪثر شمس جي چاهيندڙن کي ادب دوستيءَ جي رغبت ڏياري. انهيءَ لاءِ ته هو انهيءَ ڪم ۾ ڪماليت حاصل ڪري پنهنجن امنائن کي ڪامياب ڏسي سگهن.

مگر عزيز جنهن پنهنجو قدرتي ذوق وڌيڪ اضافي جي لائق نه ٿي سمجهيو، انهن سڀني تڪليفن ڀڄڻ ۽ فڪرن کان آزاد هو. هن هڪ ڪاغذ تي پنهنجي راءِ لکي ۽ ادب سان پنهنجي والدين تائين پهچائي. غريب والدين پنهنجي مفلسيءَ، گمناميءَ ۽ غير هردلعزيزيءَ کان واقف هئا. پهريائين ته دل ۾ هٽڻ لڳا مگر عزيز کي خوش ڪرڻ لاءِ پيغام موڪلڻ تي راضي ٿيا. پيغام موڪليو ويو ۽ جواب جو انتظار ٿيڻ لڳو.

(٧)

شمس عارف پنهنجي ملڪ جي بيداريءَ کان ناواقف نه هئي. هو سمجهيو ٿي ته جلد سندس قسمت جو فيصلو ٿيڻو آهي. ٿورا ڏينهن گذريا ته سندس ميز تي هڪ پيغام رکيل نظر آيو، جنهن سان گڏ هڪ ڳاڙهو نوٽبڪ پڻ هو. شمس پيغام پڙهيو ۽ کيس هڪ طرف رکندي هڪدم ڳاڙهو نوٽبڪ کنيائين ۽ ارادي کان سواءِ جيڪو صفحو سندس اڳيان آيو انکي پڙهڻ لڳي. سڀ کان پهريون شعر جنهن معصوم نگاهن کي ڇهي ڏني سو هيءُ هو:

"افسوس مان نيل نديءَ جو ٿانڀاڻو هجان ها ... ۽ اڏندڙ بلبل مکڙيون پنهنجي پاڪر ۾ ... موڪلي جڳهه ڏين ها ۽ مان ...

پنهنجي قسمت جي اوندهه ۾ ٻاڻ ڪي روشن ڪريان ها."

شمس لونبڪ رکيو. پيغام ٻيهر پڙهيائين. ٽيهر پڙهيائين ۽ قلم ڪڍي ڪاغذ جي هڪ ڪنڊ تي ڳاڙهيءَ مس سان "قبلت" لکيائين

(٨)

مصر جي انهن فرعون صفت ۽ مالدار سوسائٽين تمام جلد هڪ حيرت ناڪ ڏيکاءُ پنهنجي اکين ڏٺو. اهو روزانين اخبارن جا حيران ڪندڙ سرها جنڪي هيٺينءَ طرح ٿلهن اکرن ۾ لکيو ويو هو.

"شمس عارف جي شادي عزيز اسرائيلي سان."

"هم سباءَ پنهنجو ساٿي چونڊيو."

"رفاعلي دولتمند جو

سر اسرائيلي چانٽ لي."

"شمس ۽ عزيز شاديءَ جي رنگين لباس ۾."

"ٻن چمڪندڙ تارن جو ميلاپ"

عزيز شمس جي شاديءَ جو اطلاع نڪاح جي ٻئي ڏينهن ساريءَ مصر ۾ ڦهلجي ويو، جنهن شمس جي سيني دعويدارن ۽ عزيز جي دشمنن کي شڪست ڏيئي ڪين پنهن جي نالائقي جي قبوليت ڪرائي. مگر عزيز کي پنهنجي قدر تي پا ڪيزگين هوندي به وڏائي ڪانه هئي. هو هميشه وانگر هاڻي به نماڻو ۽ نيازمند هيو، اگرچ سندس شان شاهاڻن ايوانن ۽ اميراڻن سامانن سان ڀرپور ٿيل هو. سندس زندگيءَ ۾ عمدو انقلاب پيدا ٿي ويو هو. هاڻي نه فقط اديب خاتون جو خاوند هو بلڪ انهن ڏهن لکن روپين جو مالڪ به هو جي شمس عارف جي نالي مصر جي هڪ بئنڪ ۾ جمع هئا.

جڏهن عزيز جا عزيز ۽ سندس دوست سندس مبارڪ موقعي تي کيس مبارڪ ڏيڻ آيا ۽ کيس خوش نصيب چوڻ لڳا، تڏهن هن چيو ته هيءَ مبارڪباد منهنجي ادب دوستيءَ ۽ شاعري جي شغل کي ڏيو، جا مصر جي فرعوني سوسائٽي ۾ ناقابل قبول، مردود ۽ اڻ وڻندڙ هئي، جنهنکي منهنجي غريبي، ذلت ۽ منهنجي خاندان جي نيچائي جو سبب سمجهندا هئا. اڄ اها ئي ذلت، غربت ۽ اهو ئي يقين منهنجي لاءِ ناز جو سبب بڻجي ويو آهي. ادب کي ادب جذب ڪيو آهي. "هم سبا ٿيءَ" "هم سباءَ" کي ميلاپ ۽ اتحاد جي دعوت ڏني آهي ۽ دراصل مصري خواتين جو اهو خيال پورو ٿيو آهي جنهنتي هو پڪراءِ تي انعام ڏئي چڪيون آهن.

مبارڪ آهن اهي خاندان جي گهرو زندگيءَ جي دائري کي هم سباءَ تائين وسيع ڪن ۽ رڳو اميري ۽ رئيسي جا حريص ٿي پنهنجي نوجوانن جي زندگي تباهه نه ڪن.

ڊپ

ليکڪ:- مسٽر هيرانند سوڀراج ميرچنداڻي، بي. اي، ايس. ٽي. سي.

اهو انسان ڪهڙو جنهن کي دل نه آهي! اها دل ڪهڙي جنهن ۾ جذبا يا اُڌما نه هجن! خوف يا ڊپ به هڪ اُڌمو آهي جو انسان جي دل ۾ وقتي دڳو ڄمائي ٿو ۽ ان جي اندر ۾ ڦڙي وجهي ٿو. بي ڊپو انسان، جنهن ڊپ جو ڪڏهين ذائقو به نه چکيو هجي، سو ساري مخلوقات ۾ ملڻ نه رڳو دشوار آهي مگر محال. ڊپ به ٻين جذبن وانگر انساني سڀاءُ جو هڪ جزو آهي، لنهنڪري ان جي هستي کان انڪاري ٿيڻ پنهنجي نپٽ نادانيءَ ڏيکارڻي آهي. زال ويساه جي پتلي آهي، جا ٿي پنهنجي اصور جي ذريعي ٻي ڊپ انسان جي هستي جوڙي ٻهاري ٿي، ڇو جو هوءَ سمجهي ٿي ته بهادر اهو جنهنجي دل ۾ خوف ڪڏهين ليٽو به نه پاتو هجي؛ مگر جي غور ڪري ڏسبو ته اها ڳالهه سراسر غلط نظر ايندي. ڊپ هر ڪنهن انسان ۾ موجود آهي جنهن تي غالب پئي ماڻهو بهادر بڻجي ٿو. پهريائين خوف کان خالي انسان جي خوبي ڪهڙي؟ ڪرو اهو جو پنهنجي دل جي ڪمزوريءَ کي جيتي دلير بڻجي ٿو ۽ خياليءَ جي خوف انگيز واقعن کي مٽ ڏيئي منهن ڏئي ٿو.

انسان سيني کي هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته انکي ڊپ جي ساءُ وٺڻ ۾ ڪا انسي اوڻائي آهي، انکي ڪوڙ ڳالهائڻ جي ڦندي ۾ ڦاسڻ ۾ ڦڪائي. خوبي ۽ خصلت حرص هوس کان ڏهه ڪوه ڏور رهڻ ۾ نه آهي مگر ان کي دليري ۽ مردانگيءَ سان جيتي سچ جي راه ۾ توڙ نباهڻ ۾. جو شخص سنسار جي مهاڄار کان ڊڄي جهنگل واسي ٿئي ٿو سو ڪيئن خاوند جي خاص خليلن جي قطار ۾ شمار ڪيو ويندو؟ داور در مقبول بندو اهو آهي جو نادان دل جا ڪل جذبا ماري مات ڪري ٿو ۽ سنسار ساگر جا هيبتناڪ درندا ۽ واڳهو ڏسي دهلجي سچ کان ورئي نه ٿو، پر انهن کي نگهوسار ڪري ڪاميابيءَ جي ڪناري تي رسي هن پر جون موجون ماڻي ٿو.

نيلسن هڪ بهادر انگريزي خلاصي هو جنهن کي انگريز لوڪ اڄ ڏينهن تائين ياد ڪندا آهن. هو ننڍي هوندي ضعيف ۽ ناتوان هو مگر همت پر هڪڙو ئي هو. هڪ ڏينهن ڪنهن سير شڪار تي اڪيلو گهران نڪتو سو شام ٿيڻ نه ورئيو. ڏاڏيس ڳڻتيءَ ڳاري ۾ سارو ڏينهن سندس واٽ نهاريندي رهي. آخر شام جو جڏهين گهر موٽيو تڏهين ڏاڏيس چيس ته "ڊپ به ڪو نه لڳئي جو گهر موٽي اچين." ڇوڪر تنهن جواب ڏنس ته "ڊپ ڇا جو! مونکي خبر ئي نه آهي ته ڊپ ڪهڙي چيز ٿيندو آهي!"

نيلسن جو جواب بزدل انسانن کي شايد بهادريءَ جو فطرو بخشي مگر عقل اهڙي جواب کي اجائي ٻاڙ ۽ ڪوڙي لباڙ سڏڻ کان سواءِ رهي نه سگهي. نيلسن مانجهي

مرد هو، هو جنگ جي ميدان ۾ دشمن کي شڪست ڏيڻ ۾ سر جي سٽ تائين به ڪونه گسندو هو، سوپ کي ساه کان سرس سمجهي ھي ۽ جانباز پنهنجي جيءَ کي به وقتي جوکي ۾ وجهي ڇڏيندو هو.

ڪوپنهيگن (Copenhagen) جي لڙائي جڻ ديده دانسته موت کي نينڊ هئي، ته به انهيءَ ۾ هڪ اهڙو واقعو ٿيو جو نيلسن جي دل تي قبضي ۽ سندس حالتن تي قبضي جو ثبوت ڏئي ٿو. جڏهن هار ۽ جيت جي سوال جو اڃا فيصلو نه ٿيو هو ۽ هڪ هڪ پل وڃائڻ ڪري هزارن حياتين کي خطرو رسي سگهيو ٿي تڏهن هن بلڪل تحمل ۽ ڌيرج سان ڪرائون پرنس (Crown Prince) کي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ سڀ شرط شروط چڱيءَ طرح ڄاڻايائين. خط لکي جڏهن پورو ڪيائين تڏهن ان کي بند ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڇپڙي ڏنيس مگر هن اها قبول نه ڪئي ۽ حڪم ڪيائين ته هڪدم موم بتي کڻي اچو، جنهن سان ميڻ رجائي سيل مهر ڪيائين ۽ پوءِ چيائين ته "تڪڙ ڪم شيطان جو، هڙئي نازڪ وقت تڪڙ ڪرڻ نه جڳائي." نازڪ حالتن ۾ هن جو من تي قبضو قابل داد هو مگر روا جي حالتن ۾ هو به ڊپ وهيڻو هو.

جڏهن ته هڪ ٻهري گهوڙي سان گڏ گاڏيءَ ۾ هوا خوريءَ لاءِ نڪتو. اوچتو سندس نگاه وڃي گاڏيءَ جي ڦيٿي تي پيئي، جو ميخ نڪري وڃڻ ڪري ڪرڻ تي هو. اوڏي مهل مڙس جي دهشت ٽٽي پيئي ۽ اهڙو ته اچي هؤل ورايس جو پنهنجي جان بچائڻ ڪاڻ ليز هلندڙ گاڏيءَ مان ٽپي پيو. اهو به نه ويچاريائين ته پران پياريءَ کي موت جي منهن ۾ ڦٽو ڪري پنهنجي جان بچائي ٿو وڃان.

سئنبرن (Swinburne) به پنهنجي دل جي دليري آزمائڻ ڪاڻ ڪلور ڪلف (Culuer Cliff) جي هيٺان چوٽيءَ تي چڙهيو. جڏهن ماڻس ان جو سبب پڇيس تڏهن من جي مراد کان آگاه ڪيائينس، جنهن تي ماڻس کلي چيس ته "توکي ڪانئر ڪنهن ڪونيو، جو ايڏي جاکوڙ ڪئي." جواب ڏنائين ته "جيسين پاڻ نه آزمايو اٿم تيسين پاڻ کي سورهيو ڪيئن سمجهان."

هن مان ڏٺو ٿيو ته سئنبرن جي دل ۾ ڊپ هو مگر هن چاهيو ٿي ته ڏسان ته ان تي گهاٽيءَ گهڙيءَ ۾ غالب پئي سگهان ٿو يا نه.

ڪو ڪو ڊپ دماغ جو بناوٽي ٻوٽو ٿي ٿو، جنهن کي سچي هستي نه هوندي آهي. مثلاً هڪ ماڻهو يادا ڇيم ٿو، جنهن کي دنيا جي مهاڀاريءَ لڙائيءَ جو بڌي ايترو ته هراس ويڙهي ويو جو يڪدم پاڻ کي شوٽ (Shoot) ڪري ڇڏيائين. پڇاڙيءَ جا لفظ جي هن جي وات مان نڪتا سي هي هئا ته "جرمنيءَ سان جنگ لڳي آهي. آءٌ نابود ٿي ويس." هو جهازن جوڙڻ جو ڪم ڪندو هو. جيڪڏهن اجائي خوف ڪري متوالو نه ٿي ها ۽ پنهنجي زندگي پنيان لڳو رهي ها ته ڪنهن وقت پاڻ کي ڏسي پاڻ کي خوش نصيب سمجهي ها، ڇاڪاڻ ته جنگ جي وقت ۾ جهڙو جهازن جي جوڙڻ جي هنر زور ورتو اهڙو ٻي ڪنهن نه ورتو. هن حالت ۾ ڊاءِ اوچتو عقل تي دڳو ڄمايو ۽ ايتري قدر جو جهاز جوڙيندڙ آپگهات ڪرڻ کان ڪين گتو.

ڪڏهن ڪڏهن ڊپ وهم جي صورت وٺي ٿو ۽ ڳڻتي سندس خوراڪ ٿئي ٿي. جيئن ماڻهو ڳڻتي ڪري ٿو تيئن وهم وڌي ٿو. مثلاً سمجهو ته ڪنهن کي نانگ ڏنگي ٿو پر اهو زهريلو نه آهي. تنهن هوندي به ڊپ جو ماريو، وهم وهيڻو ٿي مري وڃي. ڊپ جو ڪيڏو نه خوفناڪ اثر ٿئي ٿو! اهو "سپ نه ماري، سپ جو سراپ ماري" مان ظاهر آهي.

سنڌي ساهت - ٻه ٽي اکر

ليکڪ:- مسٽر سوڀراج نرملداس، [فاني].

سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ فارسي علم جي ڪجهه واقفيت هجڻ ضروري آهي. سبب هي، جو انگريزن جي اچڻ کان اڳ، سنڌ ۾ گهڻو وقت تائين پارسي علم جو دؤر دؤرو هو ۽ انگريزن جي فتح کان پوءِ پڻ گهڻو سمو، سنڌين جو پارسي علم سان چڱو محاورو رهيو. پراڻا فارسي ڪتاب جي اڄ ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ آهن سي جيڪر هڪ هنڌ ڪٺا ڪري انهن لئي ڪم ڪيو وڃي ته سنڌ جي اڳوڻي صورت حال، تهذيب ۽ تاريخ بابت گهڻوئي سمر هٿ اچي. جهجهي انداز ۾ فارسي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ مروج آهن جن کي اڄ پرائو سڏڻ اسهڻ ڳالهه آهي؛ ۽ ڪيترا لفظ ته اهڙو نهڪي ويا آهن جو عام طور سنڌين کي ڪو گمان به ڪونه ايندو ته ڪو اهي فارسيءَ مان آيل آهن. ڪيترا جهونا ڪتاب سنڌي ڪوتا ۾ آهن جي پڻ ساهت جي باري ۾ ڏايا ڪارائتا آهن، ڪو ڪو انهن مان ڪڙ تيل ڪڍڻ وارو، ۽ انهنجو قدر ڪرڻ وارو هجي.

اڄ سنڌ پنهنجي پيرن جدا پر بيٺو آهي. ”سنڌوءَ“ جي لائق ايڊيٽر مسٽر راڄپال جس لهڻو جو تڪليف وٺي ڪي سنڌي ڪتاب هٿ ڪري انهن لئي ساهتيه جي ترقيءَ جو ڪم ڪري رهيو آهي. شل سندس پورهيو قلدائڪ ٿئي.

هن هيٺ مرحوم محمد قاسم هڪ شاعر جي فارسي ڪلام مان هڪ غزل ڏجي ٿو جو پنهنجي وطن هالن (هالڪنڊيءَ) جي ساراهه ۾ چيو اٿس. ٻولي ڪا اهڙي اؤکي ڪانه اٿس جنهنڪري ترجمي جو ضرور ڪونه ٿو ڏسجي. اميد ته ”سنڌو“ مخزن جا پڙهندڙ جن جي فارسي دانيءَ جي آرسي اجا صفا ڪٽجي ويل نه آهي سي شاعر جي سخن ۾ وطن جي حب ۽ اُن جي خوبين جو جهلڪو ڏسي خوش ٿيندا.

هن شاعر کي اٽڪل ڏيڍ سؤ ورهيه ٿيا. سنڌي شعر جي ڪتاب نالي ”گلزار خيال“ ۾ سندس ٻه غزل ڇپيل آهن جن مان هڪجو شروع آهي.

دوست جي ديدار کان،
دلڙي ٿئي مون باغ باغ.“

انهي غزل جو وزن:-

”فاعلاتن فاعلاتن فاعلات“ جاڻايل آهي. پوين ٽن بيتن جي هيٺين سٽن ۾ مذڪور وزن موجب ڪجهه غلطي آهي:-

(۱) نيڻ منهنجي کان نظاري،
پهه پڇايو سان **پياري.**

(۲) سو هنئين جو هار آهي،
ساه جو سينگار **آهي.**

(۳) قلب قاسم جو اداسي،
لاءِ پرين جي **پياسي.**

مٿين ٽنهي سٽن جي پڇاڙيءَ وارن لفظن ۾ غلطي آهي؛ وزن موجب ٺيڪ گهرجي- پيار- آهه- پياس. ڪتابت خواه ڇاپي جي غلطي ٿي ڏسجي.

غزل فارسي

١- يارب شگفته باد ا گلزار هالکندي،
سرسبز سايه گستر اشجار هالکندي.

٢- پروردگار عالم، از لطف بي نهايت،
رونق پذير کرده هرکار هالکندي.

٣- باحرمت محمد، و اصحاب و آل پاکش،
افضل خدا است هردم معمار هالکندي.

٤- چون گل شگفته هردم باد از نسيم فرحت،
يارب ز فضل عامت هر مار هالکندي.

٥- هريک به علم نامي، هريک به فضل سامي،
هريک عديل جامي، ابرار هالکندي.

٦- از بسکه بي مثال است اندر بلاد گيتي،
ورد زبان عالم اذکار هالکندي.

٧- هر کوچ چون گلستان، هرخانه کاخ جنت،
از روضه ارم به بازار هالکندي.

٨- مرغول مهوشانش هرکس که ديد گفتا،
از چين و شام بهتر صد بار هالکندي.

٩- گو جا کني به جنت هرگز دمر ز شوق گوني،
باشد که باز بينم ديدار هالکندي.

١٠- در ديدهء سکندر منشان طبع روشن،
آئينه است هريک ديوار هالکندي.

١١- تا حشر غم نه بيند ز آفات **قاسما** او،
مخدوم نوح باشد سردار هالکندي.

ڏوهي ڪير؟

ليکڪ:- پروفيسر ڪي- اين واسواڻي ايم-اي ۽ ايل ايل - بي

ڇهٽو پهريون

(ديوان دلپتراءِ جي گهر جو هڪ ڪمرو. هڪ پاسي ٻه چار ڪرسيون ۽ ٻئي پاسي هڪ ڪوچ پيو آهي. چندرا ديوان دلپتراءِ جي ڪاليج ۾ پڙهندڙ ڌيءَ هڪ ڪرسيءَ تي گل ٽريءَ تي رکي ڪنهن اونهي ويچار ۾ ويٺي آهي. ڪنهن مهل پيئي اُٿي ڪنهن مهل پيئي وهي ۽ پنهنجي اندر جو حال پاڻ سان پيئي اوري.)

چندرا- ڇوڪري! سڳند ڀريل مکڙي! جيئن ٽڙي تيئن وڌيڪ ٻهڪي. جيئن کلي تيئن پنهنجي خوشبوءِ پکيڙي.

آه! پر جيئن گل سان ڪنڊو هميشه همراه آهه، جيئن چمڪندڙ چندرما جي وچ ۾ ڪارو داغ آهه تيئن ڇوڪريءَ جي روشن جيوت ۾ به ڪڪر ڪارو نيار آهه.

ڇوڪري! کهڙي به هجي. شڪل ۾ سهڻي، سياءَ جي سڻي، عقل جي تيز، ڳالهائڻ ۾ چالاڪ، سبق پڙهڻ ۾ پڙ، ڳائڻ وڄائڻ ۾ هوشيار، خود علم ۾ به اڪابر، مطلب ته اصل ڪري ڇنيه لڪڻي هجي ته به ڇاڪاڻ ته ڇوڪري آهي انهيءَ ڪري هڪ رواجي ڇوڪري جي مٽ نه آهي. اهوئي هڪ ڪنڊو آهي جو هر هڪ سوماڻ پسند ڇوڪريءَ جي دل ۾ چڀي رهيو آهي. اهوئي ڪارو ڪڪر آهي جو سندس روشن جيوت ۾ اونده جو ڪارڻ آهي.

جڏهن ڇوڪرا کلي کلي چون ته **ڪو به ڇوڪرو برابر آهي هڪ ڇوڪريءَ ۽ ڏه هزار رپيا،** تڏهن ڪئن نه اسانجي دل شرم ۾ ٻڏي ٿي ۽ وري جوش ۾ ٻري اُٿي ٿي! اُف! ڪئن نه اُنوقت اسانجي اندر ۾ وڍ پون ٿا!

ڇا اهو سچ آهي ته هن دنيا ۾ ئي سرگ ۽ نرڪ آهي ۽ ڀڳوان جنهنکي نرڪ جي سزا ڏيڻ ٿو چاهي انکي ڇوڪري ٿو ڏئي ۽ جنهنکي سرڳ جو مزو ڏيڻ ٿو گهري انکي ڇوڪرو ٿو بنائي؟ افسوس! ڀڳوان به تڏهن اسانجي برخلاف آهي! (ڳالهائيندي اُٿي کڙي ٿي هئي ۽ هينئر ڏک ۾ پنهنجو مٿو هٿ ۾ جهلي ڪوچ تي وهي ٿي ۽ خيال ۾ ٻڏل نظر اچي ٿي: ماٺ جا منٽ اذ لاءِ ٿئي ٿي ان ۾ دلسوز آلاپ ٻڌجي ٿو، ڄڻ ته چندرا جي دل ۾ جو درد ۽ شور آهي انجو اظهار ڪري ٿو.)

چندرا- شاديءَ جو سمو جو خوشيءَ سان ٽمٽار هجڻ گهرجي، انوقت اسانجي ماڻهن جون دليون غمگين ۽ من پريشان. ڇو ته **اسانوٽ شادي آهي نه ڪنيادان مگر گهوٽ نيلام.**
اسانوٽ: شاديءَ جي معنيٰ آهي نه خوشي، مگر ڏه هزار نقدي، گهوٽ جي خريدي.
(جوش ۾ اُٿي ڪڙي ٿي آهي)

ڏه هزار رپيا رشوت ڏيڻي ڪنهن ڇوڪري کي پنهنجي حياتيءَ جو ڀائيواري ڪرڻ آهي شاديءَ جي پريمي سنبنڌ ۾ لالچ جو زهر ملائڻ. حياتيءَ ۾ ساٿي اهي سونهندا جي هڪ ٻئي جا لائق هوندا. ڇوڪريءَ پاران ڏه هزار رپيا ڏيڻ آهي انکي نياڃ چوائڻ ۽ نياڃ قبولڻ. اها هڪ اصولي ڀل آهي. ڇوڪريءَ جي سومان لئي اهو هڪ ڪارنهن جو ٽڪو آهي جو سندس دل کي سدائين پيو ڪائيندو ۽ گهائيندو.

تنهنڪانسواءِ ڏه هزار رپيا ماڻهو آڻين ڪٿان جو ڏين. رشوتون ڪائين تڏهن ته ٿيون اُڪلائين. جي اسانجي دادا وانگر سچا رهي رشوتن کان ڪنارو ڪن ته پئسا نه لين جو ڪري ڏين. ڪي ويچارا ته جڏهن پنهنجي اباڻي جائداد نيلام ڪن، پنهنجي ميڙي چونڊي دف ڪن، يا قرض جا ڪوت سر مٿان بڌن، تڏهن مس وڃي ڪو هڪ ڌيءَ جو موڪ ٿئين. اڄ ته وقت ڏکيا پيا اچن. پوءِ پگهار ٥٠ يا ٦٠ نه ته ١٠٠ يا سوا سؤ ٿيو ته گهڻو ٿيو. پوءِ ماڻهو ڪائيندا ۽ ٻار نپائيندا يا: ڌيئون پرنائيندا؟ (وهي ٿي ۽ ڪجهه وقت لاءِ ٿبيءَ ۾ پئجي وڃي ٿي)

چندرا- (ويٺي ٿي چوي ٿي) پلا جي هينئر دادا مونکي پئسا ڏي ته ڪٿان ڏي. ضرور جڏهن منهنجي پاءُ گلاب جا وٺي تڏهن مونکي ڏي. تنهنجي معنيٰ ته مان خود ڏيتي ليتي ونڻ جو باعث بڻجان. جٽن ڏه هزار ڏيڻي شادي ڪرڻ مان پنهنجي سومان تي هڪ ٽڪو سمجهان ٿي- تٽن مان خود پاڻ پيءُ ڪنهن ڇوڪريءَ کي پنهنجي پاءُ گلاب کي پئسا ڏيڻ لاءِ لاچار ڪري انجي سومان لئي بـ ٽڪو لڳايان! مونکي اهو ظلم معلوم ٿئي ٿو ۽ شرمناڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته پيا اسانکان هڪ واپاري نموني پئسا پولي ۽ چڪي وٺن ٿا. ساڳي ڳالهه وري پنهنجي پاءُ کان مان بہ ڪرايان! (اُٿي ڪڙي ٿي آهي)

ڇا! اهو واجب آهي؟ اهو مونکي لائق آهي؟ ڪٿي آهي منهنجي غيرت؟ سچ چوندا آهن ڏيڻ مهل هرڪو ڪرڪي ۽ سڏارڪ سڏائي، پر جڏهن ونڻ جو وارو ۽ وقت اچي تڏهن سڀ اوچ ويچار وساري وهي. ته پلا تڏهن مان ڇا ڪريان؟ (ٿوري وقت لاءِ چپ ٿي وڃي ٿي)

چندرا- ته... شادي نه ڪريان؟... پل ته جوانيءَ جي سندر ۽ مني اوستا گذري وڃي ۽ زندگيءَ جا دل اٿاريندڙ

ڏينهن وبرت تي وڃن. پل نہ عمر وڌي تي وڃي. پر جيئن عمر وڌي ٿيئن حياتيءَ پاڳي پائي ماڻ وڌيڪ مشڪل ڇو نہ وڌيڪ مها نگو ملندو.

ڇا! نہ بس حق بخشي وهان؟ خيال ڪري ڇڏيان نہ مان يا عمر ڪنواري رهنديس. ڇا مان تڏهن Old maid ٿي رهنديس! Old maid اُف! نہ نہ! هرگز نہ. نہ نہ ڪو وواه واري حياتي وڌيڪ سکي آهي انڪري مان انکي چاهيان ٿي. نہ. مگر Old maid نہ! اهو بہ مونکي پسند ڪونهي. ڇو نہ ماٺهو Old maids کي رحم جي نگاه سان نهارين ٿا. ڇو ن ٿا ويچاريون. انهن کي ڪير وني ٿي ڪو نہ ٿو. اهائي ڳالهہ آهي جا منهنجي دل کي ساڙي ٿي. اهڙا هلت رحم جي، جا نفرت وانگر آهي، سهڻ کان ٻاهر آهي. اها برداشت ڪرڻ جي ناهي. اُف! مان اها ڪيئن سهنديس!
(دڪ ۾، منهن لڪائي ڪوچ تي وهي ٿي. ماٺ جنهن ۾ دل چيريندڙ آلاپ ٻڌ جي ٿو. چوطرف ڪمري ۾ اندڪار ڇا ئنجي وڃي ٿو.)

چندرا- ها... پر مان آپ گهات ڇو نہ ڪريان نہ چيڙوني ڇٽي پوي ۽ سڀ ڳڻتيءَ کان ڇٽن. ۽ پلي نہ آپ گهات ڪري ڪجهہ اثر پنگت لي بہ ٿئي.
... آپ گهات!... آپ گهات!......
ها... پر... نہ... نہ... آپ گهات مان وري ڇا ٿــو وري. ويچاري ء ليلا آپ گهات ڪيو. ڪهڙو ڪل اجرو ٿيو؟ ڪهڙي ڏيتي ليتي گهٽي؟ ٿي ڏينهن شهر ۾ ها ها ڪار ٿيو. تو ۽ مون سيا پو ڪيو. وري آهيئي گڏه آهيئي آ ٿو. جهڙا هئا سين تهڙا ٿيا سين. ادو بہ پ اٺو ادي بہ پائي ۽ ماٺهن منهن ۾ بڪ اپائي. ڏيتي ليتي، ساڳيا ٿي ساڳي.

پوء پلا... موت وت بہ تڏهــن هن ڏيتي ليتي کان ڇوٽڪارو ڪونهي. نہ تڏهن مان ڇا ڪريان؟... آڻ ميان؟ آدرش وساريان؟ ڏيتي ليتي ڏيئي پاءِ جا پئسا وني شادي ڪريان؟ (جوش ۾ اٿي ڪڙي ٿي ٿئي) ڇا اهو واجب آهــي؟ صحيح آهي؟ اي ڀڳوان! مونکي نہ خبر نـي ڪا نہ ٿي پوي نہ مان ڇا ڪريان؟ مان نہ ٻن ٻاهين جي وچ ۾ اڇي ڦاٽي آهيان. جنب ڪڻ نہ جنب ڳورو پڙ ڪڻ نہ پڙ ڳورو. اي انڌاري رات ۾ سهاري ڏيڻ وارا ڪرشن (گوڏن ٿي نمـي ٿي) تون ئي ٻتاء نہ مان ڇا ڪريان. او ڀڳوان! او ڀڳوان! سر جهڪائي ڳائي ٿي)
ڪرشنا تون ڏيکار واه-
ڪا راه ٿي ڪا نہ سجهي مونکي
ڪرشنا ن تون.........
سڀ حال توکي روشن-
رستو ٻتــاء تــون موهن
ڪرشنا تون ديا ڌر
دنيا ڪنور جي سختين-
دل کي ڪيو آه بي چين.
ڪرشنا تون رحم ڪر

هيڻن جو آهين همراه.
دکين جـو تون ئي آڌار
ڪرشنا اچي ٿي اڳوان .

ڇهٽو پيـو

(ديوان دلپتراء جي گهر جو هڪ ڪمرو. هڪ پاسي ٻه چار ڪرسيون ۽ ٻئي پاسي هڪ ڪوچ پيل آهي. هڪ ڪنڊ ۾ هارمونيم به پيل آهي. وچ ۾ هڪ ٽيپائي رکي آهي. گلاب ديوان دلپتراء جو پٽ ڪوچ تي ليٽي اخبار پڙهي رهيو آهي. اخبار پڙهندي سندس ويچار، جي دور دور اڏامي رهيا آهن، تن جو هو اظهار ڪري ٿو)

گلاب - نندي هوندي ماڻهوءَ جا ڪهڙا نه آدرشي خيال ٿا ٿين!، ڪٿي نه مان ڏيتي ليتيءَ جي برخلاف ليڪچر ڏيندو هوس. سمجهندو هوس ته وڏي هوندي مان به ڪو ٻوٽو ٻاريندس ۽ هن ڏيتي ليتي جي ڪهني مرض کي ٽڙي ڪيندس. پر اهي خيال سڀ هوائي قلعا ثابت ٿيا. منهنجي ڇا مجال آهي جو هن پنگتي ڪرسم جي آڏو ٿري سگهان؟ هن اسانجي پنگت جي گهاٽي ۾ مون جهڙا ڪيئي پيسجي چڪنا چور ٿي ويا. مان ڪهڙي باغ جي موري آهيان؟ ڏيتي ليتي اسان جي قوم مان اهڙي نڪري جهڙي لالچ نڪري انسان ذات مان يا بدي نڪري شيطان مان. گهٽجڻ ته گهٽجڻ جي ماڳ، الٽو جٽن تڏ ٽٽن وڌ. نيٺ الاجي ڪهڙو اسانجي قوم جو حال ٿيندو؟ (وري پڙهي ٿو پر ذرا سوچ ۾ پيل ڏسجي ٿو. ڪجهه دير بعد چوي ٿو)

گلاب - ڏيتي ليتيءَ جي برخلاف مان هوس ۽ آهيان. پئسا وٺي شادي ڪرڻ هڪ ذلت ڀري ڳالهه آهي. اسين وواه ٿا ڪريون يا ٻاڙ کي ٿا وڪڻون؟ شادي هڪ نازڪ سنبنڌ آهي جو سڄي حياتي لاءِ آهي. ساري جيوت جي راحت جوان مٿي آڌار آهي. خاص ڪري اسان هندن ۾ ته اهو حياتي ۽ موت جو سوال آهي. ڇو ته هڪ دفعو وواه ٿيو ته ماڻهو عمر لاءِ قابو ٿيو. ڇٽڻ ۽ ڇڏڻ جو حق ڪونهي. اهڙي سنبنڌ جوڙڻ وقت ويچار ڪرڻ گهرجي نه اهو ته پئسا ڪيترا ٿا ملن پر ڇوڪري ڪهڙي ٿي ملي. هزار خرچجي ويندا، جلدي لٽجي ويندا، پر ڇوڪري ساري عمر ساٿي ٿي رهندي. خوشيءَ يا دک جو ڪارڻ ٿيندي. پر اسين عقل جا سردار اهڙي وقت ريڙه پيڙه ڪريون پئسن تي. مکيه خيال جيوت جي ساٿيءَ جو اُنهيءَ گهڙيءَ ۾ وڃي وسارجي.

سچ ته ڇوڪري لاءِ ڏيتي ليتي وٺڻ هڪ شرم جي ڳالهه آهي ۽ ڇوڪريءَ لاءِ ڏيتي ليتي ڏيڻ هڪ گهٽتائي آهي. ڏيتي ليتي ٻنهي ڌرين کي ڪيرائي ٿي. ڇوڪري کي لالچي ٿي ڇوائي ۽ ڇوڪريءَ کي بي آبرو ٿي بنائي. ته بس، مان ڏيتي ليتي جـي برخلاف هوس، آهيان ۽ رهندس! (ڪجهه

ساعت سانت، جنهن ۾ دل اٿاريندڙ آلاپ ٻڌجي ٿو. گلاب جي چهري ۾ عجيب ڦيرڦار پسجي ٿي، ڄڻ ته هڪ آرسيءَ وانگر اهو سندس دل ۾ اٿندڙ نازڪ جذبن کي ڪينچي ٿو. سندس اکيون هڪ نرمل جوت سان چمڪن ٿيون)

گلاب- نرملا! کهڙي نه سٺي ڇوڪري آهي. جهڙي اٿس شڪل تهڙو اٿس عقل. سبڻ پرڻ ۾ ته هوشيار پر پڙهڻ لکڻ ۾ به قابل. ڪٽنب به سٺي مان آهي. عمر، ٻيهڪ ۽ سياءَ ۾ به اسين هڪ ٻئي سان ٺهڪي ٿا اچون. چوندا آهن ته سڀ گڏرا ڪنهن کي هٿ ڪونه ايندا آهن. پر هتي ته ڪمي آهي ئي ڪانه. جيڪي گهرجي سو سڀ ڪجهه آهي.

(گلاب جو منهن خوشيءَ وچان ورن ورن ٿئي ٿو. سندس چپن ۾ مشڪراهٽ ڏيکاري ڏئي ٿي. پر وري جلدي سندس چهري مٿان هڪ ڪارو ڪڪر ڇانئجي وڃي ٿو)

گلاب- مگر... مگر نرملا جي مائٽن کي پئسو ڪونهي. هو ڏيتي ليتي نه ڏيندا، نه ڏيئي سگهندا. ۽ مونکي... ڇا مونکي ڏيتي ليتي وٺڻي پوندي؟... مون دادا ۽ پاپيءَ کي چيو ته مونکي نرملا وڻي ٿي. چيائون تمام چڱو. اسانکي پاڻ ڏاڍي وڻي ٿي. پر تو پنهنجي ڀيڻ چندرا جو ڪهڙو خيال ڪيو آهي؟ جي اسين تنهنجا پئسا نه وٺون ته پوءِ چندرا... ها، ڀيڻ کي پاڻ جهڙو سٺو ڇوڪرو بنا پئسن وٺي ڏي پوءِ اسانکي تنهنجي پائي نه جڏ اصل ڪوڏي به ڪونه کپي. باقي اهڙا شاهوڪار ته اسين به ڪونه آهيون جو پاڻ پائي نه وٺي تنهنجي ڀيڻ کي هزار ڳڻي ڏيئي سگهون. (ڪجهه ماٺ ڪانپوءِ)

گلاب- نيڪ! (اٿي وهي ٿو) دادا ۽ پاپيءَ جو چوڻ به واجب آهي. جي مان پئسا نه وٺان ته پوءِ چندرا...... مان ته نرملا سان شادي ڪريان، پوءِ ڇا، چندرا سدائين لاءِ ڪنواري ويٺي هجي؟ نه نه. ائين ته مان خود غرض ڇٽبس! مونکي مائٽن- دادا پاپيءَ ۽ ڀينرن ڏانهن به ته فرض آهي... ته پلا مان ڇا ڪريان؟

(ماٺ. گلاب ٽپائيءَ تي نوٽ رکي ڪاڏيءَ کي هٿ ڏيئي اونهي ويچار ۾ غلطان ويٺو آهي. آلاپ ٻڌجي ٿو جو سندس اندر جي آنڌمانڌ ٻڌائي ٿو. گلاب جي دل ۾ جا پيار ۽ فرض جي وچ ۾ لڙائي لڳي رهي آهي، سا ڪيس وهڻ وهه ڪري ٿي ڏي. بيحد وياڪل ٿي هو بيقراريءَ سان ڪمري ۾ اچ وڃ ڪري رهيو آهي)

گلاب- نه ڇا، مان ڏڏهين ڏيتي ليتي وٺان؟ پوءِ...... پوءِ نرملا نه مونکي ڪانه ملندي. ٻي ڪا ڇوڪري وٺان؟... پوءِ ان شاديءَ ۾ موج نه ڪانه ايندي؟ دلپسند ڇوڪري نه ڪانه ملي. پئسو ليت به پئسو ٿي ويندو.

۽ پوءِ به ماڻهو ڇا چوندا؟ ته ڇوڪرا خود غرض Selfish ۽ لوڀي greedy آهن. لالچ ۾ انڌا ۽ لوڀ ۾ ٻڏل آهن. ڪا غيرت ڪانه اٿن. پاڻ کي بازار ۾ ٿا وڪڻن. بيشرم! پڙهيا آهن پر ڪڙهيا ڪونهن. حيف هجين. سومان جو خيال هجين ...... (ڪجهه مات ڪانپوءِ)

سنگتي ڇا چوندا؟ اڙي هي ليڪچر ڏيندو. هو آدرش ۽ اصولن جي ڳالهه ڪندو هو. ڪهڙو نه چڱو ڇوڪر هو. پر پئسي تي هٿ وڄايائين. پاڻي تي پيو. ڪهڙين نگاهن سان مون ڏانهن نهاريندا؟ اف! ڪير هي سڀ سهندو؟

(ڪجهه مات ڪانپوءِ)

پر سچ ته ماڻهو ڪيترو نه ڀليل آهن. اسين نوجوان، تن جي حال جي ڪنهن کي ڪهڙي خبر. اسين ته پنهنجي پاسي موچڙا ٿا کائون. جي نه ونون ته ماٺ چون ته ڇوري مان ڪونه ٿيو. ڇوڪري پنيان پيو. پاليا سون لپايو سون پر ڇا ورئو. پنهنجو فرض نه پاليائين. ماءُ آکيندي ته ڏهه مهنا گرڀ ۾ ساليم پر پٽ هٿ نه پاڙي... پر ابو پيئرون ڏانهن به اسانجو فرض آهي. پر جي اسين پئسا ونون ٿا ته ماڻهو چون ته ڇو لالچي ڏهين هزارين وڪاڻو.

جي اوهون وڃي سچ پرکجي ته معلوم ٿئي ته اسانکي ڪيڏي نه قرباني ڪرڻي ٿي پوي. پئسا ونون ته دلپسند ڇوڪري نه ملي. پاڻ کي رنڊ ڪري دک ڏيڻي پنهنجي سدائين جي خوشي برباد ڪري اسين لاچار پئسا ونون ٿا. اسين لالچي، گنهگار، سزا ۽ لعنت جا لائق ڪونه آهيون، اسين قرباني جا پتلا، واڪاڻ ۽ ساراهه جا لائق آهيون.

ڪير ٿو چوي ته اها ڏيتي ليتي اسين ٿا ونون ۽ اسانوت اها خوشي آڻي ٿي. موهن جي دل شيلا سان هئي پر شادي ڪيائين ڪملا سان. مونکي نرملا وڻي ٿي پر مونکي وٺڻي پوندي ڪا ٻي. ڇا ان مان مونکي راحت ملندي يا رنج، دک يا خوشي؟

(ڪجهه وقت مات ۾ اچ وڃ ڪري گلاب وڃي کوچ تي وهي ٿو)

گلاب - ننڍي هوندي مان سمجهندو هوس ته مان پڙهندس. سٺي نوڪري ملندي. جلدي ڪمائيندس ۽ ڪمائي پيءُ کي پئسا ڏيندس. وڏا امتحان به ٽڪڙا پاس ڪيم. پر سمواڻڙو اچي بيٺو آهي جو پئسو وڃي شيئن جي ڪن ۾ پيو آهي. بيروزگاري وڌيل. خرچ ڀاري. جي نوڪري ملي ته پگهار گهٽ. بچت ڪجهه نه ڪري سگهجي. سو ڏيتي ليتي وٺڻ ته ٿيو آهي بنهه ضرور. جي نٿو وٺان ته پيءُ ويٺي رهندي. پوءِ ... پوءِ پلا مان ڇا ڪريان؟ ... جنهن ڏيتي ليتي بر خلاف مون پنهنجو آواز ڪڍيو سا ڏيتي ليتي مان ويهي وٺان؟ مان! ...... ۽ نرملا ... ڇا نرملا جي مورت ... پنهنجي دل مان ... ڪيئي ڇڏيان! ... نرملا ... وساري ڇڏيان!

... وساري ڇڏيا ن؟ اُف! (گلاب پنهنجي ٻانهن سان منهن لڪائي دک ۾ ڪوچ تي ڏڙاڪي ڪري ٿو. ڪمري ۾ اندوڪار ۽ ڪجھ وقت لاءِ سناٽو ڇانئجي وڃي ٿو. هڪ راڳ جون ڪي لڪون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. ٻروا ري ڪمري ۾ ڪوئي ڳائي رهيو آهي:-

" Courage brother, do not stumble
Though thy path be dark as night;
There is the star to guide the humble;
Trust in God and do the Right
Courage brother......
Let the road be rough and dreary,
And it end far out of sight,
Fort it bravely, strong or weary,
Trust in God and do the Right
Courage brother......

(راڳ پوري ٿيڻ تي ڪمرو روشن ٿي وڃي ٿو ۽ گلاب اُٿي وهي ٿو.)

گلاب - شاباس ننڍڙي رتنا! اصل منهنجي دل وٺان ڳايو اٿيئي. ڀڳوان چڻ تہ منهنجي منجهيل من کي تنهنجي راڳ دوارا آٿت جو نياپو موڪليو آهي. اسانکي بہ ننڍي هوندي کي سنيون Poems ڳائڻ سيکاريون هوانون. هڪڙيءَ جون ڪجھ سٽون تہ مونکي اڃا چٽيون ياد آهن......

(اُٿي هارمونيم کولي اُتي ڳائي ٿو)

" Smile a little, smile a little,
All along the road,
Every mind must have its burden
Every heart its load."

(ڳائڻ بند ٿي وڃي ٿو پر هارمونيم اڃا پيو وڄي. گلاب وري پيو ساڳيو سٽون وڄائي ۽ پنهنجي دل کي پرچائي)

گلاب - (آڱريون هلائڻ بند ڪري ۽ ٿوري دير جي ماٺ بعد) نيڪ آهي. شاعر سچ ٿو چوي تہ اها دل ئي ڪانهي جا درد کان خالي آهي. مصيبت ۾ مرڪڻ ئي ڀلو آهي ڇو تہ اهو دل جو بار ڪجھ هلڪو ڪري ٿو. رتنا پورو ڳايو تہ جيوت جي ميدان ۾ همت Courage جي ضرورت آهي. همت هجي ۽ ايشور ۾ وشواس هجي تہ سنسار جي سمنڊ ۾ انسان جو ٻيڙو ئي پار آهي... اهو سڀ برابر... پر... (ڪرسيءَ تان اُٿي ڪڙو ٿئي ٿو ۽ ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن پسار ڪري ٿو) پر مونکي... مونکي تہ پنهنجي منجهيل مسئلي مان ... ڇوٽڪاري جي ڪا واٽ ڪا نہ ٿي نظر اچي... اصل ڪا بہ نہ......

(ڪوچ تي وهي ٿو. ڪمري ۾ اوندهہ ٿي وڃي ٿي.)

ڇهڇٺو ٽيون

(ديوان دلپتراءِ جي گھر جو هڪ ڪمرو. هڪ پاسي ٻہ چار ڪرسيون ۽ ٻئي پاسي هڪ کٽ پيئي آهي. وچ ۾ هڪ ٽپائي رکي آهي. ديوان دلپتراءِ جي استري جنهن کي گھڻو ڪري سڀ گلاب ماءُ ڪري چوندا آهن سا کٽ تي هڪ چادر کي ڳنڍيون ڏيئي رهي آهي. همت هاڄ ۽ دل سندس ويچار ۾ آهي)

گلاب ماءُ - حياتي هڪ وڏو جنجال

۽ جهنجهٽ آهي. ڳڻتين جا ڳوٽ لڳا پيا آهن. خرچ وڃن وڌندا. ڪمايون وڃن گهٽبيون. ڏيئڻ جو بوجو بہ باري آهي. منهنجا تہ انهن خيالن ۽ ويچارن ۾ ڳچ ئي ڳري ويا آهن. ڏي ۽ ڏي تہ ماءُ لڳي ڳڻتي. فندن جوهو آسرو تن بہ ڪڍيو ڏيوالو. موٽي نہ سگهنا فند، جن پيڙي ۽ چاڙهي ڦرهہ لاٿو. ماڻهن جي پيڙي سير تي. جن ويچارن پيٽ کي پٽيون ٻڌي، قرض ڪڍي فندن ۾ ڳڪل ۽ ڳچل ناڻا ڏنا، تن جو ڀڻنگوئي ڀڳي. ويچارن جو ڀاڪڙن ئي پڪو. ابلائن جي آهن جو مٺا فندن وارا ڪٿي حساب ڏيندا؟

(ڪٿوءَ ماءُ مائٽين واريءَ جواچڻ)

ڪٿوءَ ماءُ- ائـي گلاب ماءُ ويٺي آهيـن. ڇيم تہ تو وٽان تي اچان. ٻري تون بہ تہ هيئنر ڪڪي ڪڪو ڪندينءَ. نانيءَ ننهن واري تيندينءَ. (گلاب ماءُ سان گـڏ کٽ تي اچي ويٺي آهي) اُساٽ ڏاڍي لڳي اٿم. اڄ اُٽت بہ اُٽت آهي.

گلاب ماءُ- ها، جم جهڙو ڏينهن تو ٿئي. ڪٿوءَ ماءُ پير مٿي ڪري سولي تي ويهہ. اجهو مان تنهنجي لاءِ پاڻ پاڻي گهرائي تي وٺان. وتنا! اٿان پٽيئي هٽان ڪٿوءَ ماءُ لاءِ پاڻ ۽ شربت تہ موڪل.

وتنا- ها، پايي.

ڪٿوءَ ماءُ- آئي بہ بس(Bus) ۾ آهيان پر مائي بس تہ منهنجي؛ چيلهہ ئي ٽڪر ڪري وڌي آهي. بس آهي ڪين پراڻو ڪوڪو. جهوپا اهڙا ٿا اچن، جهڙا اُٺ جي ڪجائي تي. وري بہ ڪري سنئين سڌي اچي پهچي تہ لڪ ڪٽياسين. اچا تلڪ چاڙهيءَ تي مس پهتي، تہ گڏهہ وانگر اِٽ هٽي بهي رهي. ٽڪس وارو چورو چوي تہ امي تيل خلاص ٿي ويو آهي. پوءِ تہ ٻيءَ ۾ چـڙهي اچي پهتي آهيان

(پٽيمٿو ٽپائي رپڙهي پليٽ ۾ پاڻ ۽ شيشي جي گلاس ۾ شربت ان تي رکي وڃي ٿو. ڪٿوءَ ماءُ پاڻ ڪائي شربت پيئي ٿي.)

گلاب ماءُ- چڱو جو آئينءَ مون پاڻ پٽي چيو تہ منهن ئي ڪونہ ڏيکاريو اٿس.

ڪٿوءَ ماءُ- بہ چار ڏينهن واندڪائي ڪانہ ٿي مليم. گوبند ماءُ جي پٽ گهنوءَ جي مائٽي ڪيم ٽلوءَ جوهہ جي ڌيءَ پوٽيءَ سان. ۸ هـزار مٽيو ڪپڙو، پلي پٽ وني ڏني مانس. انهيءَ مائٽيءَ جي اڄ وڄ ۽ بول چول پئي رڌل هيس. پلا هيئنر مٿي مائٽي ڪرڻي پوي تي خبرداريءَ سان نہ تہ مائٽيون ڇڄيو پون ۽ ڌوڙ ڌوڙين جي منهن ۾. مائٽيـن واريءَ جي پيٽي چوٽي پڄي. مائي مان مائٽيون ڪيان ٿوريون پر پڪيون ۽ پختيون. پوءِ جي گلا جو گهانگهو ڪير سر تي کڻندو؟ ٻڌءِ ڪين تہ مولي ڏاڏيءَ جيڪا مائٽي هن ساجن ماءُ جي ڇوڪر سان

منگهارام جي ڌيءَ جي ڪٿي سا
ڇڏي پيئي. ڇو؟ ڇي ڇوڪريءَ کي
هٿ ۾ ڇهه آڱريون آهن. نيٺ جڏهن
خواريءَ ٿئي کا پوءِ ڪنواريتا ٥٠٠
روپيا وٺڪ ڏيئي هٿين پيرين پيا ۽
ڇوڪريءَ جي ڇهين آڱر هيري جي
منڊيءَ سان سينگاري ڏنائون تڏهن
وڃي شادي ٿي. سو مائي زمانو اڄ
اجهو اهڙو اچي پيو آهي تنهن ۾ ڪم
ڪجي سنڀالي، پوءِ آهستگو ته آهستگو
ٿي سهين. پوءِ پلا توکي هن ڏينهن
جيڪا روچيرام جي ڌيءَ جي مائٽي
ڇيم تنهنجو ڇا ٿي چئين؟

گلاب ماءُ- اُنجـي اچا پڇا پيئي
ڪريان. چنديرام ڊاڪٽر جي ڌيءَ
جي مائٽي مونکي ڪنهن چئي آهي
اُنجو ته منجهه لهي ڏي.

ڪٿوءَ ماءُ- انهن کي ته مان چڱيءَ
طرح سڃاڻان. وسن جهڙي ڇوڪري
اٿيئي. سبڻي پرٺي، پڙهيل به آهي.
گهر به ٺاني شريڪ. چند عامل اٿيئي.
پر ....

گلاب ماءُ- پر...... پر ڇا؟

ڪٿوءَ ماءُ- پر مان لٿي پانيان ته اها
مائٽي ڪو توکي قبول پوندي.

گلاب ماءُ- ڇو؟

ڪٿوءَ ماءُ- ڇاڪاڻ ته هو پئسا ڪونه
ڏيندا. ڇون ٿا ته سهڻي ڇوڪري
آهي. مفت ۾ ٿيندي.

گلاب ماءُ- مفت ۾ به ڪا ٿي آهي؟
اها به ڳالهه! تو اڳ پڇا ته ڪاڻ ڪئي
آهي؟ هاڻ وڃي خبر لهي آءُ ته ڇا
ڏيندا؟

ڪٿوءَ ماءُ- چڱو مان ٻن ٽن ڏينهن ۾
توکي خبر ڏينديس. پر مان جيڪر
توکي چوان ته گلاب کي ٽڪري
روچيرام جي ڌيءَ سان مڱاءِ. اصل
سوني ٿي پوندينءَ. سيڻ اهڙا ٿي وٺي
ڏيانءِ جو سؤ ته سڪون ڪندءِ. اصل
گهوريو پيا قربان ويندءِ. ١٥ هزار ته
روڪ نوڪ ڏيندءِ. ٻيو به سڀڪي.
ڇوڪري به ڪا لائي ڪانهي. سڀڻ
پرڻ ته ڪو ڪا ٿئس سکي. رڳو رڳو اچي
ٺاريندي ءِ، جان جيئندينءَ تان پيئي
منهنجو ڳڻ ڳائيندينءَ.

گلاب ماءُ- اچي گلاب ته پڇانس.
مائي اڄ ڪو اسين مالڪ آهيون ڇا.
اڄ ڪلهه راڄ آهي ڇوڪرن ڇوڪرين
جو. جي ڪڙي ڪنهن تي زور رکه ته
چوندو ته شادي مونکي ڪرڻي آهي
يا توکي ...... پر تون چنديرام جي ڌيءَ
جي خبر مونکي ضرور ڏج ...... تنهن
ڏينهن جو ڪڪيءَ لاءِ پيسومل جي
پٽ گوبندي جي مائٽيءَ جو چيو مانءِ
تنهنجو ڇا ڪيءِ؟

ڪٿوءَ ماءُ- مائي، انهن جون ته اکيون
آهن آسمان ۾. اهي ته واگهوءَ جيڏو
وات ڦاڙي ويٺا آهن. گوبند ماءُ
سمجهي ٿي ته ڪيس کي ١٥ يا ٢٠ هزار
ملندا. تنهن ڏينهن ڪنهن جي مائٽي
چئي مانس ڏهه هزار، مٽيو ڪپڙو،
ڇوڪري به ڏسڻي وائسڻي تنهن ۾ به

اڪ نہ پڏيس. ڇي منهنجو پٽ ڪو
هتان هتان آيو آهي ڇا؟ منهنجي
جي ڳالهہ ڇڏي نہ ليلارام جي پٽ
موتي ۽ سان ڪري پنهنجي ڪئي
مڱا ۽. ڇوڪرو پڙهيل، سلڇڻو ۽ سمجهو
اٿيئي. نوڪري بہ اٿس. تنهنجي
ڇوڪري آهي سهڻي، ڏهن هزارن
۾ ڪم ڇٽا ئـــي ڏينديسان ۽. مان نہ
سمجهان ٿي تہ جي تون هن ماڻئي ۽
۾ گسندين ۽ نہ ڏي ۽ جي مٽ گهوري
ٿيندين ۽. وري بہ مالڪيا ٿي آهين.

گلاب ماءُ- اڇي گلاب ٻيءُ تہ پڇانس.

ڪنوءِ ماءُ- پوءِ پلا مان وري ڪڏهن اچان؟

گلاب ماءُ- ٻن ٽن ڏينهن ۾ ليٽو پائيج.

ڪنوءِ ماءُ- چڱو گلاب ماءُ، هاڻي هرنام.

(وڃي ٿي.)

گلاب ماءُ- (چادر کي ڳنڍيون بہ ويني ڏئي ۽ ويچار جي سمندر ۾ غوطا بہ ويني کائي.) اسين بہ پرنيون نسين. پر ماٺي هي زمانو ئي اور آهي. عجب هي دور آيو آهہ........ اڳي ماٺئي ڪندا هوا مائٽ. مجال هئي ڇوڪر يا ڇوڪريءَ جي جو انبا بت چون چرا ڪري... هينئر... هينئر ڇوڪرا تہ ڇڏ پر ڇوڪريـــن جي زبان بہ کلي پيئي آهي. آزادگي آزادگي ڪري اڇي سپ موڙها آهن. ڇي حياتيءَ جي ساٿي پاڻ چونڊڻ جو اسا نکي جنمي حق آهي...... مان نہ منجهي پيئي آهيان...... گلاب چوي تہ مان شادي ڪندس تہ چندرام جي ڏيءُ نرملا سان ۽ چندرا چوي تہ مان جي پرڻبيس تہ پيسو مل جي پٽ گوبند سان. هاڻي مان وڃان سو وڃان ڪاڏي؟...... جي گلاب جي مرضي رکي نرملا تي گهر ۾ آڻيان تہ پئسن ڪان آهي جواب. برابر ڇوڪري سٺي، سهڻي ۽ سلڇڻي آهي. پر پوءِ چندرا جو ڇا ڪبو؟... گوبندي جي ماٺن کي ڪپڻ پئسا سي ڪتان ڏبا؟ پاڻ ۾ ايترو تہ سٽ ٿتا ساريون، جو پٽ کي پرنايون پائي ۽ بنا ۽ ڏيءُ کي ڏيون هزار ڳٽي...... هاڻي جي گلاب جو تو خيال ڪجي تہ چندرا جي لتي ڳالهہ رکجي...... ۽ جي چندرا جي تي مرضي رکجي تہ گلاب جو ڪم لتو ٿهي. متي ماءُ وڃي سو وڃي کهڙي وهہ؟

(ڪجھ مات بعد)

گلاب ماءُ- هيءُ چوي تہ پئسا نہ وٺجن. آهي سچ. پئسا ڇو وٺجن جي نرملا جهڙيون بانهون ملن. پئسو وٺڻ واجب نہ آهي... پر پيو کهڙو چارو آهي؟... چندرا کي ڏيڻ لاءِ پئسا ضرور وٺڻا پوندا. پوءِ اسين چاهيون يا نہ...... بس لاچار کي کهڙو آچار...

(ڪجھ مات کان پوءِ)

گلاب ماءُ- پر منهنجي دل جيڪر کهڙي نہ خوش ٿئي جي اسين پئسن وٺڻ بنا ڪڪيءَ ڪڪي ٻنهي جو ڪم ٿاهي سگهون! ۽ ڏيتي ليتي جي سرڻ

وڻ بنا پنهنجو ڪارج سنواري سگهون!
...اڃا پاڻ ته ڏسان ته سنڌين ڪهڙي
راهه آهي.

ڇهٽو چوٿون

[ديوان دلپتراءِ جي گهر جو هڪ
ڪمرو. هڪ پاسي ٻه چار ڪرسيون ۽
ٻئي پاسي هڪ کٽ پيئي آهي. ديوان
دلپتراءِ هڪ آرام ڪرسيءَ تي ليٽيل
نظر اچي ٿو. ٿڪل معلوم ٿئي ٿو،
ليڪن دل کي آرام نه اٿس. سندس
چهري ۾ ڳڻتيءَ جا آثار چٽا ڏيکاري
ڏئي رهيا آهن.]

دلپتراءِ- دنيا هڪ لڙائيءَ جو
ميدان آهي. ڪيڏي نه ڪشمڪش
لڳي پيئي آهي؟ پئسي پنجڙ لاءِ ڪيڏي
نه جفاڪشي ڪرڻي ٿي پوي؟ اٺ
ڪلاڪ آفيس مان ڳهي ڳهي ٿو گهر
موٽان ته ٻه ٻوراٽي لٿي پوي. رت
ڪٽورو ڏئي ٿو پيٽ ڪٽورو ونجي.
پيا ته وڏيون وني ٿيا آهن ساڄا ۽
ساوا. بنايا اٿن بنگلا ۽ ڪيا اٿن جاوا.
پر مونکي جو ننڍي هوندي سچ جي
سٽي پيئي سو مونکان ڪٿان ٿو ڪوڙ
ڪمايو ٿئي. هٿو منهنجي هٿ ۾.
مان ٻه ڪاٺي خوب الوليون ماڻيان
ها... پگهر جي پورهئي مان ايترو
ڪٿي ٿو بچي جو ڏهه هزار ڏيتي
ليتيءَ جي پيٽ رکجي. مان ته گهڻوئي
ڏيتي ليتيءَ جي برخلاف...... پر پوءِ
ڪم ڪيئن هلي؟... ڌيءَ جو اڪلاءُ
ڪٿان ڪريان؟... پنهنجو جي پئسو
هجيم ته ڏيتي ليتي مور نه وٺان...ڇا
هاڻي ٿڌهن مونکي ڏيتي ليتي وٺڻي
پوندي؟......

(ٽپي ۾ پئجي ٿو وڃي)

[گلاب ماءُ جو ڪمري ۾ اچڻ. کٽ
تي اچي وهي ٿي. دلپتراءِ خيال
۾ غلطان ٿي رهي ٿو]

گلاب ماءُ (ٿوري دير ترسي)- ڇو
اداس پيا ڏسجو؟ بدن ته ٺيڪ آهي
نه؟ چاهه پيتي اٿو؟ اڄ البت دير
سان موٽيا آهيو.

دلپتراءِ- بدن بلڪل ٺيڪ آهي.
رڳو ٿورو ٿڪ آهي. آفيس مان
موٽندي اڄ ڪشنچند گڏجي ويو.
زور ڪري گهر وٺي هليو. چاهه به اتي
پي آيو آهيان.

گلاب ماءُ- پوءِ ڀلا هن ڇوڪري
ليلارام جي پٽ موتيءَ جا ڪا پڇا
ڪيو؟

دلپتراءِ- اها ڳالهه ته مونکي الائي
ڪيئن وسري ويئي.

گلاب ماءُ- ڪڪيءَ جي عمر اچي
پري آهي. هاڻي اهڙيون ڳالهيون
وساري نه گهرجن. اجا جي وهاڻي
کي ٺيڪ ڏيئي ويهو ته ڪم ڪين
نهندو. ائين ته سنبرندي سيارو لنگهي
ويندو ۽ اونهارو. ڪٺوءَ ماءُ اڃا اڳهڻو
مون وٽان ٿي ويئي آهي.

دلپتراءِ- پوءِ ڀلا ڇا چيا ٿيئن؟

گلاب ماءُ- چوندي وري ڇا؟
ڪڪيءَ ڪڪيءَ لاءِ مائٽيون ڪڍي آئي هئي.

دلپتراءِ- پوءِ توکي ڪي وٺيون؟

گلاب ماءُ- ڪي نه ضرور وٺيم. گلاب لاءِ ڊاڪٽر ورچيرام جي ڏيءُ نرملا جيڪا تنهن ڏينهن توکي ڏيکاريم.

دلپتراءِ- ڇوڪري نه سٺي ڳولي اٿيئي. آکيه به شانائتيءَ مان آهي.

گلاب ماءُ- سو نه نهيو. پر... پر پئسي ڪان ايندءِ پڙي.

دلپتراءِ- پر گلاب جي به نه انهيءَ ڇوڪريءَ لي مرضي آهي.

گلاب ماءُ- مرضي نه برابر اٿس... پوءِ ڏيءَ کي ڪٿان ڏينديون؟ جيڪا ميڙي چولڏي اٿيئي سا سڀ ڏيئي ڇڏينديون ڇا؟ پوءِ جو به نه توشو ڪرڻو آهي، ۽ نيت پيءَ جو به نه خيال رکڻو آهي... چندرا جي لاءِ چڱي مائٽي آهي پيسومل جي پٽ گوبندي جي. چندرا جو به اتي خيال آهي. پر انهن کي ڪپڻ پئسا. سي به ١٥ هزار؛ پيسومل کي نه تون به سڃاڻندو هوندين؟

دلپتراءِ- پيسومل کي نه مان چڱيءَ طرح سڃاڻان. مونسان گڏ پڙهندو هو. پٽس گوبند کي مون ڏٺو آهي. ڇوڪرو برابر سٺو آهي. پر ١٥ هزار... ايندا ڪٿان؟... ليلارام جي پٽ موليءَ بابت توکا پڇا ڪئي؟

گلاب ماءُ- مون پيٽي جي ٽڙاڻ کان پڇا ڪئي، جا ليلارام جي گهر کي سڃاڻي. پر هن دل نه پرائي... ڇوڪرو چڱو آهي. نوڪري به چون ٿا نه چڱي اٿس. پر ساري ڪٽنب جو بوجو مٿس آهي... ڇوڪري ويندي نه ڳيسجي ويندي. منهنجي دل نٿي چوي نه مان چندرا کي ڪواهڙي گهر موڪليان. ويچاري چندرا... بار... سا ڇا ڇاڻي اهڙي ڪرڪسي مان.

دلپتراءِ- پلا ٻيون کهڙيون مائٽيون آهن؟

گلاب ماءُ- مائٽيون نه گهڻيئي آهن، پر ڪٿي ڇوڪر جي چال چلگت خراب، ڪٿي ڪٽنب ڪريل، ڪٿي ڇوڪر اڻ پڙهيل. يا جي پڙهيل هوندو نه بيروزگار. جي انهن سڀني خامين کان خالي ته ناڻو ڪپي ٻهون.

دلپتراءِ- پر سو ناڻو به ايندو ڪٿان؟ مونوت نه ڪونهي تو ڪٿو ڪيو هجي نه هن وقت ڪري ڳوتري ڪول.

گلاب ماءُ- توهانکي نه آهن چرچا. ڪڪيءَ جي ڪارج ۾ هيتر دير وجهڻ واجب نه آهي. جي پئسو ڪونهي نه ونڻو پوندو.

دلپتراءِ- پوءِ گلاب کي نرملا نه ڪا نه ملندي؟

گلاب ماءُ- اهانئي نه مشڪلات آهي نه؟... لاچار شايد اسانکي اهو ڳوڙهو به ڳيهڻو پوندو... ڀڳوان ڪا ڀلي ڪري.

دلپتراءِ- نيڪ. اسالچي ڪٿي نه ڪڇ نه ٿيندو...... اسانکي نه ٻي ڪا واٽ ٿي ڪانه ٿي نظر اچي...... وري به گلاب سان صلاح ڪريون.

پير پٺو

ليکڪ:- اُڌو - پي. ڪرپالاڻي جونيئر بي. اي.

سنڌ سونهاريءَ ۾ پير، فقير، سنت اولياءَ، صوفي ۽ عاشق ته ڪيئن ئي گذريا آهن، پر انهن جي نالن تي جي آستان اڏايل ۽ بنايل آهن، سي به انداز ۾ گهٽ ڪينهن. پير پٺي جو ڳوٺ به انهن سائين لوڪن جي اڏايل آستانن مان هڪڙو آهي. ٺٽي کان سايون ڇهن ڪوهن جي مفاصلي تي آهي. اڳي اتي تي اچ وڃ جو رواج هوندو هو، پر هاڻ ته موٽرن جو به بندوبست ٿيل آهي، جنهن ڪري جنگشاهيءَ کان ٺٽي، پير پٺي، گهوڙا باري ۽ ٻين آسپاس جي ڳوٺن ۾ سولائيءَ سان اچي وڃي سگهجي ٿو.

پير پٺي جي ڳوٺ جي ايراضي هڪ چورس ميل ٿيندي. آدم اٽڪل سوا سؤ کن ٿيندو ۽ اتيجا رهاڪو سڀ مسلمان آهن. اول ۾ هي ڳوٺ آر جي نالي سان مشهور هوندو هو ۽ تمام وڏو هو، جنهن جا نشان اڃا تاءِ ظاهر بينا آهن. درياءَ به لڳو لڳ وهندو هو، پر درياءَ جي رخ ڦيرو ڪري آر جو ڳوٺ ڦٽي ويو ۽ ان جي پرسان پير پٺي اولياءَ جي نالي پير پٺي جو ڳوٺ مشهور ٿيڻ لڳو، جو اڃا تائين قائم آهي.

جڏهن ٺٽو ڪن ڏينهين سنڌ جي گادي هو، تڏهن پير پٺي جو ڳوٺ به سنڌ جي مکيه عبادت گاهن مان هڪ هوندو هو. پير پٺي جو ڳوٺ، ڪجهه عرصو ٿيو، ته هڪ چڱو ڳوٺ هو ۽ سؤ ڏيڍ گهر منجهس هئا، سو هاڻ قبرستان جي صورت ۾ زبون حال ۾ آهي ۽ منجهس باقي ست يا اٺ گهر مس وڃي بچيا آهن. پير پٺي جو نالو ڳوٺ تي ڪيئن پيو، ان جي به هڪ عجيب ڪهاڻي آهي: چوندا ته پير پٺي جو اصل نالو شاه عالم هو. هو بلخ جو سلطان هو ۽ اوچتو هنکي اچي ويراڳ لڳو، سو دنيا ۽ دنيا جي پدارٿن کان منهن موڙي، پنهنجو تخت طومان ڇڏي فقيريءَ جو لباس پهري افغانستان، عربستان ۽ هندستان جو سير شروع ڪيائين. منهن تي سداءِ نقاب ۽ زبان اصل بند: ڪنهن کي پنهنجو منهن ڏيکاريندو هو ۽ نه ڪنهن سان ڳالهائيندو هو. هميشه پٽ تي يا سخت تختي تي ويهندو ۽ سمهندو هو. هڪ دفعي جڏهن هن ڳوٺ ۾ آيو ۽ ٻيڙيءَ جي تختي تي ويٺو هو، تڏهن اوسي پاسي ۾ ويٺل ماڻهن سندس نالو پڇيو. ماڻهن جي گهڻي

ليکڪ

سنائڻ لاءِ هن پنهنجا ٻئي هٿ ڪٺي تختي تي هنيا، جنهن تي ماڻهن پڇيس، ته "ڇا اوهان جو نالو پٺو آهي؟" (هن طرف تختي کي پٺو يا پاٺو ڪري چوندا آهن.) هن جي ڪنڌ ڌوڻڻ تي ماڻهن هنجو نالو ٻٽي رکيو پير پٺو.

هندن جو وري چوڻ آهي، ته اهو آستان آهي راجا گوپيچند جو، جنهن راڄ ڀاڳ ڇڏي پاڻ کي امر ڪرڻ لاءِ سنياس اختيار ڪيو ۽ هتي اچي پنهنجو آستان ڪيائين. ڪيئن به هجي، اهو آستان اصل راجا گوپيچند جو آهي يا پير پٺي جو؛ اهو مسئلو اهڙو آهي، جنهن تي ڪي تواريخ جا ڄاڻو ڪوجنا ڪري روشني وجهي سگهن ٿا، مگر ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي، ته هن آستان کي اولياءَ يا سنت جي ڪري سڄي سوڀيا ۽ وڏو شان پيل آهي. عجب جي ڳالهه آهي ته هيترن سارن هنڌن ۽ ماڳن ٿان گهمندي به الهه لوڪ کي هيءُ آستان پسند پيو، جتي اچي پنهنجي بيٺڪ ڪيائين. ان جو سبب شايد هيءُ به هجي، جو سنڌس، هتي جي رهندڙ فقيرن سان گهڻي ڏيٺ ويٺ ٿي هجي يا ڪين، پر انهي ۾ ته ڪو شڪ ئي ڪونهي ته هنکي هيءُ هنڌ نهايت پسند پيو، جنهن ڪري هتي پڇاڙيءَ تائين پنهنجي رهاست ڪيائين.

پير پٺي جو مقبرو ۽ ان سان گڏ مسجد، اهي ٻئي هڪ ٽڪر تي اڏيل آهن. مسجد کي ٿيئي اٽڪل اٺ صديون ٿيون آهن. اها مسجد چوڻ ۾ ٿو اچي ته پير پٺي جي ڏينهن جي ٺهيل آهي. مسجد ۾ چڱو سارو نقاشيءَ جو ڪم ٿيل آهي. مقبري جي چوڌاري ۽ مٿان جيڪا چٽسالي ٿيل آهي، سا نهايت عمدي آهي ۽ جنهن جي مرامت گادي نشين ڪرائيندا آهن.

مٿي ٽڪر تي مقبري ۽ مسجد ۾ وڃڻ لاءِ اٺ ڏاڪڻيون ٺهيل آهن، جن مان هڪ خاص عورتن لاءِ ٺهرايل آهي ۽ انهن مان ڪي هينئر ڀڄي ڀري ويون آهن. ٻئي ڪنهن به فقير جي جڳهه تي وڃبو، ته انهيءَ کي هڪ، گهڻي ۾ گهڻو ته ٻه يا ٽي ڏاڪڻيون مس هونديون، ليڪن پير پٺي جي مسجد ۾ اٺ ڏاڪڻيون ٽڪر ٽڪر ۾ ٺهيل ڏيکارين ٿيون ته ڪنهن وقت پير پٺي جي مريدي ايتري هئي ۽ ياتري ايترا ته ايندا هئا، جو انن ڏاڪڻين جي ٺهرائڻ جي ضرورت پيئي.

هينئر به سال به سال هن ڳوٺ ۾ ڪئين ميلا لڳندا آهن، جن مان ٻه مکيه ۽ وڏا ليکجن ۾ اچن ٿا. هڪڙو ويساک جي چنڊ تي، جنهن تي هندو تمام گهڻو ايندا آهن، ۽ ٻيو ربيع الاول ۾ عرس واري مهيني ۾، جنهن تي مسلمان گهڻا ايندا آهن.

ميلي جي وقت جڏهن عورتون مٿي چڙهنديون آهن، تڏهن هڪ عجيب قسم جي جهرمر لڳي ويندي آهي. هاڻوڪو گادي نشين شيخ ميان محمد عثمان آهي، جو گادي نشينن جي ٽيهٺين پيڙهي آهي. هنکان اڳ پاهٺ پيڙهيون ٿي ويون آهن، جن سڀني جون قبرون پير پٺي جي قبر جي آسپاس آهن. جيڪي گادي نشين ٿين ٿا سي ئي پير پٺي جي آسپاس دفن ٿي سگهن ٿا.

درگاهہ ۾ هڪ ڪاري چڻ جو مٽ رکيل آهي، جنهن مان هندو توڙي مسلمان ٻئي اچي ڏات وٺندا آهن. پير پٽي ۾ گهڻن هندن جو بہ ويساهہ جميل آهي ۽ ڪيترا هندو اڄ ڏينهن تائين مسلمانن سان گڏجي زيارت ڪرڻ ايندا آهن. جونتا تہ پير پٽي جي هلندي هندستان جي ٻين پاڱن ۾ بہ آهي، ان ڪري ڪيترا ماڻهو اڄ ڏينهن سوڏو دور دراز مفاصلي تان ڪهي سندس زيارت لاءِ ايندا آهن. تازو مرحوم شيخ حاجي جلال الدين گادي نشين تمام گهڻي خرچ سان درگاه جي مرمت ڪرائي هئي جنهن ڪري اڃــا ساڳيو اصلوڪو زيب قائم اٿس.

ڳوٺ جي صورت ٽن پاسن کان گهوڙي جي نعل جيان آهي، جا حيدرآباد جي گنجي ٽڪر جيان ٺوڙهي آهـي، چوٿين پاسي اٿو کان اٿس بگهاڙ ڦاٽ، جنهن ۾ واڳهو واسو ڪندا آهن. هتي ڳوٺ جو ڏکڻ ۽ اولهندو، جتان ٿڌي هير اچيتي، سو بند آهي، تنهن هوندي بہ اهڙي ٿڌي ۽ مٺي هير لڳي، تنهن جو سبب سمجهڻ ۾ نہ ٿو اچي: شايد پير پٽي جو ور اٿس.

ڳوٺ آهي جبل تي، وچ ۾ وري آهي هڪ وڏو تلاءُ، جنهن ۾ ڏهہ مهينا پاڻي رهي ٿو ۽ جو بگهاڙ واهہ جــي نالي سان مشهور آهي. تلاءَ جو پاڻي هميشه چڱيءَ حالت ۾ هوندو آهي ۽ قليليءَ وانگر ميرن جي ڏينهن کان قدرتي واهہ آهي ۽ ڪن ڪن هنڌ قليليءَ کان بہ شوخ آهــي، جنهن ڪري ان کــي درياهہ بہ ڪري چوندا آهن. تلاءَ جي چوگرد پاسن کـان آهي سبز ميدان، جو هميشه سائو رهندو آهي، جنهن تي پيرين اگهاڙو گهمڻ ۽ ليٽڻ ۾ اهڙي تہ تراوت ۽ فرحت ايندي آهي، جهڙي ڪنهن ٻار کي ماءُ جي گــود ۾ وهڻ يا سمهڻ سان.

هن طرف جي آب هـوا اونهاري ۾ تہ ڄڻ حيدرآباد جي آب هوا کان ٿڌي آهي پر ڪراچيءَ جـي آب هوا کـان بہ ٿڌي آهي، جنهن ڪري چئجي ٿو تہ اونهاري ۾ هيءُ ڳوٺ، سنڌ جو سملو آهي تہ انهيءَ ۾ وڌاءُ ڪونهي. ان بابت نہ فقط شخصي آزمودو آهي، پر اوسي پاسي جا رهندڙ ماڻهو خواه ڪامورا، جن هن طرف گشت ڪيو آهي يا گذاريو آهي، تن جو بہ ائين چوڻ آهي تہ هتي جي آب هـوا ايتري قدر چڱي آهي، جو سال جي خراب مهنن، سرءُ جي موسم ۾ بہ هن هنڌ مڇرداني کان سواءِ رهي سگهجي ٿو، جيتوڻيڪ اوسي پاسي سارپال زميـن جـــي هئڻ ڪري پسگرداني خراب اٿس.

ازانسواءِ هيءُ ڳوٺ حيدرآباد، ڪراچي بمبئي، هردوار ۽ سملي جي مشهور ۽ صحت بخش هنڌن جي خوبين جي سڪ لاهيندو ۽ مثلا جي حيدرآباد جي قليلي يـا درياهہ ڏسڻو اٿو، تہ ڏسو هتي بگهاڙ واهہ، جـو قليلي بہ آهي تہ ننڍو درياهہ بہ آهي. جي وڏو درياهہ ڏسڻو اٿو، تہ اهو ٻـن چئن ميلن جي مفاصلي تي آهي. وري جي حيدرآباد جو گنجو ٽڪر ڏسڻو اٿو، تہ ڏسو ڳوٺ کي ٽن پاسن کان وڪوڙيندڙ گهوڙي

جي نعل جي صورت ۾ ٽڪري. جي حيدرآباد
جا قبا ڏسڻا اٿوَ، ته اهي به هتي ڪئين
ٽڪرين تي آهن. جي حيدرآباد جي سول
اسپتال پرسان هيراننداڻ پارڪ يا سالاري
باغ واري ٽڪريءَ جي هير وڻڻي اٿوَ، ته
گهمو ٿلهه جو ڏکڻ وارو ڪپ، جتي نه
فقط صبح ۽ شام جو، پر سڄو ڏينهن اهـا
هير ماڻي سگهجي ٿي. جي ڪراچيءَ جي
هوا بندر جي موج وڻڻي اٿوَ، ته رهو مسافر
خاني واري هنڌ، جتي اهڙي ته هوا ٿي
لڳي ۽ جو ماڻهو مئي جي مهني ۾ ٻاهر اڱڻ
۾ گذارڻ ته نه، پر ورانڊي ۾ به نه ٿا
گذاري سگهن، جنهن ڪري رات ڏينهن
اندر صفحي ۾ گذارڻو پوندو آهي. جي
ڪراچيءَ جو منهوڙو ڏسڻو اٿوَ، ته گهمو اها
ٽڪري، جنهن تي شيخ جو ڪمدار آچاريه
مهاڻو رهندو آهي ۽ جا منهوڙي جي نالي
سان مشهور آهي. جي ڪراچيءَ جو لائيٽ
هائوس (روشني گهر) ڏسڻو اٿوَ، ته ايرندي
طرف ٽڪريءَ تي وڃو، جتي ڪمتري
مفاصلي تان هڪ منارو نظر ايندو، جو پير
پٺي جي آستان جو ڏس ڏئي ٿو.
جي بمبئيءَ جي طرف مشهور مها بليشور
ٽڪري ڏسڻي اٿوَ ته گهمو سانوڻيءَ جي ڏينهن
۾ اوسي پاسي جون ٽڪريون، جن جي
پسگردائيءَ ۾ هاري ناري پنهنجو پيارو
مال وٺي اچي رهندا آهن. وري جي
هردوار جي سڪ لاهڻي اٿوَ، ته اشنان ڪريو
گهاٽ واهه ۾، جنهن جو پاڻي بلڪل صفا
۽ ستو آهي. سنڌ ۽ پنجاب ۾ شايد اهوئي
هڪڙوئي واهه آهي، جنهنجو پاڻي هميشه
صفا رهي ٿو. هن واهه جو پاڻي نڪي آهي
اونهو، نڪا آهي منجهس نڪ، ان ڪري
منجهس ٻڏڻ جو به انديشو ڪونهي. اهو
واهه سنڌو درياءَ مان نڪتو اچي، مگر درياءَ
جي هڪ بند تي آهي ۽ درياءَ، پاڻي جي
صورت ۾ چڙهي ويو اٿس، ان ڪري بلڪل
آتريل ۽ صفا رهي ٿو.

مٿين نظارن ڪري جيڪڏهن ماڻهو هن
پرڳڻي تي موهت نه ٿئي ۽ ته هن جهنگل
جي تازي ۽ نوبنو ڪندڙ خوراڪ لي ٿئي ۽
مثلاً هميشه تازه ترانشتو، مکڻ ۽ لسيءَ سان
ٿئي ٿو. منجهند جي خوراڪ، ان ٻهرن
کان پوءِ ٽڪ جي هٽائڻ لاءِ تازي ڇنل مڱن
مان ٺهيل ٽڪيون ۽ رات جي ڪاڌي لاءِ
تازو کير ۽ اٻ آهي.

انسان کي نظارو چڱو ملي، آب هوا سٺي
ملي، مقوي خوراڪ ملي ۽ شهر جي ٻوڙ
ٻڪ ۽ گهٽڻ کان ڇوٽڪارو ملي ته چئبو
ڪين ته هنکي بهشت مليو؟ اهو جي جهنگل ۾
منگل پسڻو اٿوَ ته گهمو پير پٺو.

پرڀات

اچي ٿي هتن پريان شرميلي ناري! - اها جنهن کي آجوين جي ٻهاري،
اها ليٽن ۾ نوري نُور واري - اها جنهن کي چپن تي مرڪ پياري؛
پريان سندريءَ جو ڪيڏو شان آهي،
'سندرتا' ڪان ٻه سوڀيا وان آهي!

اڄ هاڻي نشيلي نار آئي - کڻي 'آنند پيالو' تار آئي،
سندس وارن مان ڇا مهڪار آئي! - چمڪ چهري منجهان چوڌار آئي؛
گهليون هيرون مٺيون منڙين وڻن لءِ،
اَچي آغوش ۾ هن کي جهلڻ لءِ.

ٻهاري هير آئي گلستان ۾ - وڻن تازيون وڄايون آجيان ۾،
ٻڪڙ جي ويڙهي خوشبو بوستان ۾ - نئين جڻ زندگي آئي زمان ۾؛
چمن ۾ بوند شبنم خوب ٽمڪي،
گلن تي، گاهه تي، موتين جان چمڪي!

ڪيا آنند - اُڀر ڇا نظارا! - ڏسي ان کي مٺا مرڪيا ستارا،
ڪيائون پرت مان ڪيڏا پسارا - ڇپي ويا پو(ءِ) پڇم جي پاسي سارا،
هو جڻ سندريءَ پسڻ جي لءِ ها ترسيل،
سندس جهالي جهٽڻ جي لءِ ها ترسيل!

صبا سر ساڻ ٻاليون خوب ڳاتيون - اٽي سپنن مان بلبل لنوندي لاتيون،
ڪيون ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ ٻرهه ٻاتيون - ٻڌي مکڙين پنن مان پاتيون جهاتيون؛
مڙن ۾ محبتي محفل مچي وئي،
پريان جڻ سونهن جي ديوي اچي وئي.

پريان پورب ۾ ٿيو پڻ پرت پرماڻ - فلڪ تي توري توري آئي ڳاڙهاڻ،
جهڪيري سون رنگي پو(ءِ) ٿي نيلاڻ - نظر ۾ آئي پو(ءِ) شرميلي لالاڻ،
پريان سونهري ڪرڻن جي جهلڪ تي،
پو(ءِ) سورجؔ جي ڪنيءَ جي پڻ چمڪ تي.

جڏهن پرڀات پياري پير پائي - امنگن ساڻ هر هردو نچائي،
جڏهن آهستي سج ٻاڪون ڦٽائي - تو سونو رنگ سياهيءَ تي رچائي،
تڏهن نراس پڻ آس ايندي،
دکي **"دلگير"** جي دل شاد ٿيندي.

هري - دريانی (دلگير)

سنڌ نيچرل هسٽري سوسائٽي

ڪراچي جي ڪان سنڌن تازو تصويري رسالو اسانکي پهتل آهي. گلن ٻوٽن، جانورن ۽ شڪار جي مون بابت ڪيترا ڪارائتا مضمون منجهس ڏنل آهن. تصويرون به واه جون ڏنل آهن. سنڌ تواريخي سوسائٽي وانگر هيءَ سوسائٽي به چڱو ڪم ڪري رهي آهي. سيپٽمبر ١٩٣٧ وارو رسالو سانڍڻ جهڙو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ هرهڪ لئبرريءَ ۾ هئڻ گهرجي.

سنڌ جي جاگرافي

پروفيسر پيناوالا پارسي بائز هاءِ اسڪول جو پرنسپال ۽ جيالا جيءَ جو پروفيسر انجنيئرنگ ڪاليج جو هڪ چڱو ودوان آهي. ۴ ورهيه جاگرافي جو ڪم لنڊن يونيورسٽيءَ مان اڀياسي آيو آهي. هن صاحب ويجهڙائي ۾ سنڌ جي جاگرافي جي ڳوڙهي تفحص ڪئي آهي. سندس شايع ٿيل ست ڪتاب سنڌ جي جاگرافيءَ ۾ کوجنا بابت سندس قابليت جي ساک ٿا ڏين. اهڙي کوجنا جا هن کان اڳي ڪنهن نه ڪئي آهي، ڪري هن صاحب سنڌ سان پال پلايا آهن سنڌ جي عالمن کي اهڙي کوجنا جي ڪتابن جو قدر ڪرڻ مناسب آهي.

Exercise in Translation and Composition for matric (Persian)

اسان وٽ سورت ڪاليج جي پارسي جي پروفيسر ايم- جي تڪر امراءِ جو مٽيون ڪتاب سمالوچنا لاءِ آيل آهي. ان ۾ مئٽرڪ جي شاگردن لاءِ پارسي زبان ۾ مفيد مضمون، گفت و شنود، خطن جا نمونا، اڳين مئٽرڪ امتحانن ۾ مليل ڪيترن سوالن جا جواب ۽ سمجهاڻيون ڏنيون ويئون آهن. مئٽرڪ جي پارسي درسي ڪتاب جا ڪي ترجمي جا مکيه ٽڪر، لفظ، اصطلاح ۽ آکاڻيون جوابن سميت ڏنل آهن. ڪتاب هاءِ اسڪول جي پارسي شاگردن لاءِ ڪارائتو ۽ مفيد ٿو ڏيکارجي. ڪتاب جي قيمت ڏهه آنا آهي ۽ سنڌ جي مشهور ڪتب فروشن وٽان ملي سگهندو.

برهمچريه:- مول ليکڪ مهاتما گانڌي انوادڪ ارجنداس ٽارواڻي قيمت ٠-۴-٠

جڳ پرسڌ مورت مهاتما گانڌي جي لاثاني تحريرن يا لکيتن مان هڪڙي لکيت سندس

برهمچريه وارو ڪتاب آهي. گهڻو ڪري سنڌي ٻولي مهاتمائن جي تصنيفن کان محروم پئي رهي آهي. مسٽر ارجنداس ٽارواڻي [فنا] اهو خاصو ڪم ڪيو آهي جو هڪڙي اهڙي اعليٰ لکيت برهمچريه ٻالي ترجمو ڪري سنڌي ساهتيه جي ميدان ۾ ميسر ڪئي اٿس.

هن ڪان اڳي ڪنهين به وقت برهمچريه جي اصولن جي پونواري جي اهڙي ۽ ايتري سخت ضرورت نه هئي جهڙي اڄوڪي وقت ۾ آهي. خصوصاً جڏهن وگيان جي ترقيءَ سان جسماني سک ۽ عيش کي بيحد ترجيح ملي ويئي آهي ۽ دنيا وڏا رس ڀوڳ جا غلام ٿي روحاني جيون کي طلاق ڏيئي ويٺا آهن.

اهڙي روحاني اندازي جي سمي ۾ "برهمچريه" پستڪ جو مضمون اندي کي گويا هڪڙي لٺ موجود ڪري ڏيکي آهي شال نندي ٿهيءَ وارا هن سنڌي ترجمي جو عام طرح ۽ جهجهو لاڀ پرائين ۽ ترجمان جو لايو سڦلو ڪن.

منوهرداس ڪوڙومل ڪلاڻي

پورب سند يش:- مصنف ڏيونداس ڪشناڻي آزاد بي-اي، ايل ايل-بي. ڇاپل رتن آفيس ڪراچي، قيمت ٠-١٢-٠

هن سنڌر ڪتاب ۾ بدڌيگوان جو جيون چرتر درج ٿيل آهي. اصل ڪتاب انگريزي ۾ ايڊون آرنولڊ "لائيٽ آف ايشيا" نالي لکيو آهي جنهن جي رتا تي هي ڪتاب لکيو ويو آهي.

مسٽر ڏيونداس هي ڪتاب لکي سنڌي ساهت ۾ اضافو ڪيو آهي. سنڌس ڪوتا ۾ رس ۽ رواني واهه جو آهي! اميد ته هو پنهنجو وقت آئينده اهڙن ڪتابن لکڻ ۾ سڦلو ڪندو. هر هڪ نوجوان ناري کي هي ڪتاب پڙهڻ کپي. ڪتاب جهڙي جهڙي آهي سنڌر ڇپائي تهڙي وري آهي سنڌس بيهڪ. هن جهڙا سنڌر ڪتاب سنڌي ۾ بلڪل جدا ليندا. بدڌيگوان جي سنڌر تصويرن ڪتاب جي سونهن کي سير سرس ڪيو آهي.

پوتر زندگي (عرف برهمچريه جيون).- مصنف ڌرمداس ريلومل کتري ۽ يوجراج هولچند ناگراڻي. قيمت: ٠-٥-٠

هي ١٤٠ صفحن جو ڪتاب وديارٿين ۽ نوجوانن لاءِ هڪ خزانو آهي. منجهس اوچا آدرش ويچار پيل آهن جنهي پڙهڻ سان نوجوانن کي پوترتا ۽ سچائي سان رهڻي رهڻ جي اوس ئي چاهنا ۽ چڪ ٿيندي. منجهس تمام نيڪ صلاحون ۽ عملي اپاءَ ڏنل آهن جي نوجوانن لاءِ بلڪل مفيد ثابت ٿيندا. هي ۽ پستڪ ڪيترن منجهان لاءِ سونهو ٿيندو ۽ سنڌ ۾ نئين لهر آڻيندو.

اڳي هن ڪتاب جون ٻه هزار ڪاپيون ڇاپيون ويون هيون جي هٿون هٿ کپي ويون هيون. هيئنر نه ڀاڻ نوجوانن جي سهوليت لاءِ قيمت اٺن آنن مان گهٽائي پنج آنه ڪئي ويئي آهي. هي ڪتاب هر هڪ نوجوان کي ساهه سنئون سانڍڻ کپي.

News, Notes and Comments

ديوي سروپ راڻي جو ديهانت

٨ جنوري تي پنڊت جواهر لعل جي ماتا ديوي سروپ راڻيءَ جو ديهانت ٿيو. سندس اوچتي موت ساري هندوستان ۾ ڏک جي لهر پيدا ڪئي آهي.

هوءَ بهادر پٽ جي بهادر استري هئي. هنجيترون قربانيون ٻي ڪنهن به استريءَ ويجهي ڇڪي ۾ ڪين ڪيون آهن. ستيا گرهه هلچل ۾ پڪيٽنگ ڪندي پاڻ به جيل ۾ ويئي. ديش جي آزادي جي تواريخ ۾ نيهرو ڪٽنب جون قربانيون سورج جيان چمڪنديون رهنديون.

پنڊت جواهر لعل کي ساري هندوستان ۽ ولائت مان همدردي جا جام سنيها آيا آهن جنهمان ثابت آهي ته جواهر جو نقصان ساري ديس جو نقصان آهي.

وڏي ارمان سان ظاهر ڪجي ٿو ته مسٽر هيرانند واڌومل عيدناڻي، جنهن جون آکاڻيون ۽ مضمون سنڌو ۾ وقت بوقت پيا پڌرا ٿيندا هوا، سو زهر کائي مري ويو. سندس تخلص "پريمي" هو ۽ ٿيو به پريم جو شڪار. سندس هڪ تازو ليک هن انڪ ۾ درج ٿيل آهي. شل ايشور سندس آتما کي آرام بخشي!

شهيد گنج جي باري ۾ وري احرار ڌرواڙن گوڙ ڪاهي وڌو آهي. هن مهل تائين اٽڪل ١٢٠ والنٽيئر گرفتار ٿي چڪا آهن. جڏهن ڪيس ڪورٽ ۾ هلي رهيو آهي تڏهن وري هيءَ شرارت ڇا جي ڪئي ٿي وڃي؟ اڳيون به سک آهن. هو به مٿي مارائي بنا نه مڙندا. تنهنڪري قانوني رستي وٺڻ مان ئي ملڪ جو ڀلو آهي. زور زبردستي ڪرڻ سان ته پاڻ سنڌن دليون وڌيڪ ڪٽرنديون. پنجاب جي مسلمانن کي ڪورٽ جي فيصلي تائين ڌيرج ڪرڻ کپي ۽ فيصلي ٿي وڃڻ بعد ان موجب عمل ڪرڻ کپي.

لاهور، ملتان ۽ مانٽگومري جي ٢٥ راجنيتي قيدين جن ۾ انڊمان جا قيدي به آهن سي بک هڙتال تي آهن. هنن ٻن هزارن لفظن جو هڪ عريضو ناهيو آهي جنهن ۾ لکن ٿا ته اسان کي چيو ويو آهي ته جيڪڏهن

اسين الٽين ڳالهين کان پري رهڻ جو انجام ڪندا سون ته اسان کي آزاد ڪيو ويندو. پر اسين راجنيتي ڳالهين کان پري رهڻ جو انجام ڪري ڪونه سگهندا سين.

اسان هنسا جي وات ڇڏي آهي. پر اسين ديس جي شيوا جي وات ڪونه ڇڏي سگهندا سون. باقي هنسڪ ڪارروائين کان پري رهڻ جو انجام اسان اڳي ڏنو آهي ۽ هينئر به ڏيون ٿا.

اهو عريضو مهاتما گانڌي، پنڊت جواهر لعل، سرت چندر بوس ۽ ۽ ١١ پرڳڻن جي ١١ مکيه وزيرن کي موڪليو ويو آهي.

هوڏانهن خبر آئي آهي ته مهاتما گانڌي قيدين کي تار ڪئي آهي ته اوهين مهرباني ڪري بک هرتال بند ڪريو جيتري ۾ مان نيڪ ٿيان ۽ بيماري ڪري مونکي اوهان جي آزادي لاءِ وڌيڪ تحرڪ هلائڻ جو وجهه ڪونه مليو آهي.

بمبئي سرڪار حڪم ڪڍيو آهي ته جن سول نافرماني هلچل ۾ سنو آهي تن کي نوڪرين ڏيڻ ۾ ڪابه ارچڻ اٿارڻ نه گهرجي ۽ ڳوٺن ۾ جن پٽيلن يا ٻين کي نوڪرين کان محروم ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ ته هنن ستياگرهه هلچل ۾ ڀهرو ورتو هو تن کي وري ڪوشش ڪري نوڪري ۾ رکڻ گهرجي.

چيائين ظاهر ڪيو آهي ته سنينگ جو شهر اسان جي قبضي ۾ آهي ۽ جاپاني انهي شهر کي اصل هٿ ڪري ڪونه سگهيا آهن. وڌيڪ هنن جو لکڻ آهي ته ٽي هزار امريڪا ۽ جرمني ۽ جون ٺهيل لاريون چين سرڪار کي موڪلڻ لاءِ هانگ ڪانگ ۾ ڪنيون ڪيون ويئون آهن. بارود جا ٥ لک ٽن چيو وڃي ٿو ته هانگ ڪانگ کان چين جي قومي سرڪار ڏي موڪليا ويا آهن.

رائٽر جي عيوضي کي سباش چندر بوس هڪ بي ملاقات ڏني. چيائين ته اسان جي طلب اها آهي ته اسانکي پورن آزادي ڏني وڃي ۽ جوڙجڪ ٺاهڻ جو اسانکي حق ڏنو وڃي. جيڪڏهن ڪو ٺاهه ڳولهيو وڃي جنهن موجب اسانجون گهرون قبوليون وڃن ته اهو اسين قبولڻ لاءِ تيار ٿينداسون. وزارتن جي باري ۾ چيائين ته ڪانگريس هميشه لاءِ وزارتون ڪونه قبوليون آهن. شخصي راءِ مان آئينده اميد پربو نٿو ڏسان. منهنجو دلي ارادو اهو آهي ته ١٩٣٠ واريون حالتون وري ملڪ ۾ پيدا نه ٿين، پر اهڙي تحرڪ جو ڪڙو ٿيڻ ناممڪن نه آهي. جيڪڏهن سرڪار اسانکي جوڙجڪ ٺاهڻ جو حق ڏنو ته سمجهي ٿو سگهجي ته انگلنڊ ۽ هندوستان جو پاڻ ۾ دوستانو ناتو ڇونه ٿو رهي سگهي؟ (رائٽر تار ١٢ جنوري)

جلائو ڪانئن جي ڳـرن اگهن تي اعتراض ونڻ لاءِ سکر ۾ هڪ وڏو اتاهه سرگس شريمتي گنگا ديوي جي اڳواڻي هيٺ نڪتو ۽ وڃي ڪليڪٽر جي آفيس وٽ پهتو. شهر جي معزز ماڻهن جي ٢٥ ڄڻن جي سفارت ڪليڪٽر سان ملي. سفارت ڀاران مهاشيه وليڇا ڪليڪٽر کي ٻڌايو تہ ٺيڪيدارن ٻجي ٻڌيءَ ڪري ڪانئن ۽ ڪوئلن جو اگهه ڪٽن چڙهي ويو آهي. وڌيڪ چيائين تہ ٻيلن ۾ پاسين ڪانسواءِ خانگي ڪانئن جي وڪري جي موڪل هئڻ گهرجي ۽ وڌيڪ ٺيڪيدارن کي ٻيلن جون اڻ وڪيل اپراضيون ڏيڻ گهرجن جئن ماڻهن کي سستيون ڪانيون ۽ ڪوئلا ملن. رويئيو جهنگل مان بہ سستي اگهه ۾ ڪانئن ملڻ جي طلب ڪئي ويئي. ڪليڪٽر قبول ڪيو تہ ماڻهن سان سختي برابر آهي ۽ مان سرڪار کي انهي باري ۾ لکندس.

سڌ آئي آهي تہ سيٺ گووندداس هند اسيمبليءَ جو ميمبر جو هن وقت ڏکڻ آفريڪا جو دورو ڪري رهيو آهي سو ڊربن ۾ جڏن يونين سرڪار جي وزير مسٽر هافميئر کي مٿي آفيس ۾ ڏسڻ لاءِ آفيس جي رکيل لفٽ ڪم آڻڻ لڳو تہ کيس نہ چڙهڻ ڏنو ويو. کيس ٻڌايو ويو تہ ڪيئن يورو بي ماڻهو هئڻ ڪري لوهان کي ان تي چڙهڻ نہ ڏنو ويندو. ان بابت مسٽر هافميئر جي سيڪريٽري کي اطلاع ڏنو ويو جنهن هيٺ اڇي لفٽ واري کي چيو تہ هن کي چڙهڻ ڏي پر ان هوندي بہ لفٽ وارو اتي هٽي بيٺو. ان تي سيڪريٽري پاڻ هن کي لفٽ تي مٿي چاڙهي ويو.

ڪلڪتي ۾ رهندڙ چين جي ايلچي کي اطلاع مليل آهي تہ ڪانگريس طرفان جيڪو "چين جو ڏينهن" ساري هندوستان ۾ ملهايو ويو هو تنهن ۾ چين فنڊ ۾ جيڪي رقمون ڪٺيون ٿيون تن مان بمبئي ۾ ٤٠ هزار ڪٺا ٿيا. بنگلور ۾ ١٥ هزارن کان مٿي ٻين مرڪزن مان سڌ نہ آئي آهي.

گذريل سيپٽمبر کان وٺي ڪلڪتي جي لنڊي چينائي ڪالوني جنهن ۾ گهڻو ڪري موچي، واڍا ۽ ڪي هوٽلن وارا ۽ سلڪ وڪڻندڙ رهن ٿا تن ازخود ٥٠ هزار ڪٺا ڪيا آهن جي ڪلڪتہ جي ايلچي معرفت چين سرڪار کي موڪليا ويا آهن. (مظلومن کي مدد ڪرڻ فرض آهي)

لاڙڪاڻي ضلع لوڪلبورڊ اڳ لاڙڪاڻہ تعلقہ ۾ زوري مفت ابتدائي تعليم چالو ڪئي آهي ۽ هاڻي وري ڏوڪري تعلقہ ۾ چالو ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن. (آفرين)

ولائت ۾ هتراڏو رستي ڪئن سنو چوپايو مال پيدا ڪري سگهجي ٿو سو

تازو وگيانين ظاهر ڪيو آهي. ڪئمبرج يونيورسٽي ۾ تجربا پئي ٿيا آهن. گذريل فيبروري ۾ هڪ هالنڊ جي ڊاڪٽر هڪ تمام ٿلهي مناري ۾ڳي جو ويڙهه ڪڍي ٿوماس ۾ وجهي برف ۾ ويڙهي هوائي جهاز رستي انگلنڊ موڪليو. ٢٨ ڪلاڪن کانپوءِ هڪ ڳاءِ ۾ اهو ويڙهه سئي رستي وڌو ويو. ڳاءِ تمام هڪ مناروڳابو پيدا ڪيو آهي جو هيئنر وڏي وڏو ٿيو آهي.

گذريل ميءِ ۽ جون ۾ وري ٣١ ڳاين کي ساڳيءَ ريت سيون هنيون ويئون ۽ اٽڪل ١٥ يا ١٦ ڳايون ويم ڪرڻ تي آهن. ريڍن سان به تجربا ڪيا ويا آهن. هڪ ڳهٽي جو ويڙهه ١٥ سو ميل پري موڪليو ويو جو هڪ رڍ ۾ وڌو ويو ۽ هن سنو ڳهٽو ڄڻيو آهي.

تازو مسٽر ڪنيا لعل ٺاڪرداس، شڪارپور جو ڪانگريس ڪم ڪندڙ گذاري ويو. هو نهنو، نماڻو ۽ ايماندار ڪم ڪندڙ هو. جيتوڻيڪ هو غريب گهر ۾ پيدا ٿيو هو ته به سندس چاهه هميشه ملڪ جي شيوا ڪرڻ سان هوندو هو. هنجي بي وقت موت شڪارپور جي ڪانگريس مرڪزن ۾ دڪ جي لهر پيدا ڪئي آهي. سٽل ايشور سندس آتما کي آنند بخشي.

سرحد جي وزارت ٺهرايو آهي ته لوڪل باڊيز ۾ جيڪي به ناقبل ميمبر آهن سي فيبروري جي ٻهرين هفتي اندر استعفا ڏون ڏيئي اچن ۽ لوڪل باڊيز بنان ناقبل ميمبرن جي ڪاروبار هلائين. باقي في الحال ڪن بورڊن ۾ سرڪاري چيئرمن قائم رکيا ويا.

(ڪانگريس سرڪار ۽ غير ڪانگريس سرڪار جي وچ ۾ رڳو اهو تفاوت آهي)

سباش چندر بوس پريزيڊنٽ

ڪانگريس جنرل سيڪريٽريءَ ظاهر ڪيو آهي ته سباش چندر بوس هيئنر ايڪراءِ پريزيڊنٽ چونڊجي ويندو.

سباش بابوءَ جي جيون ڪشٽن ۽ ڪليشن جي جيوت ٿي رهي آهي. آءِ-سي-ايس پاس ڪيل اڄ جيڪر عملداري ڪرسيءَ تي ويهي موج ۾ جيوت گذاري ها، پر حب الوطني ۽ ديس ڀڳتيءَ ڪري هن کي رڳو جيلن جي جيوت ئي گهٽي پاڳي گهاريڻي پيئي آهي. اهڙي نرپڪ ۽ بي ڊپي شخص کي ڪانگريس پريزيڊنٽ چونڊي ڪانگريس پنهنجو مان ۽ شڪتي وڌائي آهي. اسان کي اميد آهي ته سباش بابو ايندڙ سال پريزيڊنٽيءَ واري عرصي ۾ هر ڪا ڪوشش وٺي ديس جي سيني فرقن کي ڪٺي رکڻ جو تحرڪ وٺندو ۽ ديس جي شڪتي وڌائي هندوستان کي پورن آزادگي جي راهه تي نيندو. سباش بابوءَ جي صحت برابر ٺٺل آهي پر هن ۾ وطن پرستي خوب آهي. اهو جذبو ۽ اهو امنگ ڪيس سڄو سال مستانن وانگر نبل صحت هوندي پيو ڪم ڪرائيندو.

سنڌيءَ جو بخت بالا!

چئبو جو سنڌ اسيمبليءَ جي ڪارروائي ۾ سرڪاري طرح جاءِ ملي اٿس!!

ٻوءِ ڇو نه حب وطن ڌاريو، سنڌي ۾ فخر وٺو ۽ سنڌي ساهتيه کي همٿايو؟

خريد ڪريو:- مسٽر منوهرداس ڪوڙيمل جا لکيل تازا ڪتاب.

(١) **اخلاقي آواز** تالي عمدو ڪتاب **سنڌيءَ جو سينگار** جو تازو شايع ٿيو آهي. صفحا ڏيڍ سؤ- ڇهن تصويرن سان، پنو چاڙهو بيحد عجائب اٿس. مغرب ۾ ڇپيل ڪتابن جي سڌ پيو لاهي. ننڍين خواه وڏن لاءِ مفيد. قيمت فقط اٺ آنا.

(٢) **اخلاقي آکاڻيون** ڇپايل ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل جو.

(٣) **هند جو سڳر** (ست تصويرن سان) (پريس ۾)

(٤) **ٻچڙي ناربن جا چرتر** (٩ تصويرن سان) قيمت چار آنا

(٥) **ٽالسٽاءِ جا اوائلي آزمودا ۽ خيال**

قيمت:- لسو پنو پنج آنا — ٻٽا لسي پني ٽي آنا.

ڇپايل سنڌو ساهتيه منڊل جا

(٦) **"سنڌ ۾ ڪيتي"** قيمت ٽڪو

(٧) **وات جي صحت** قيمت ٻ آنا (تصويري)

ملڻ جو هنڌ:- 28/6 ڪاسماپاليٽين ڪالوني ڪراچي سنڌ.

ڪوڙومل سنڌي ساهتيه منڊل حيدرآباد سنڌ

"سنڌو" آفيس ميان جو ڳوٺ شڪارپور سنڌ

ٻونگريءَ جو بال امرت

ڇا آهي؟

(١) هيءَ هڪ تمام سٺي ۽ مقوي خوراڪ آهي.

(٢) اها خوراڪ ڪمزور ۽ ضعيف ٻارن کي تندرست ٿي رکي.

(٣) هن دوا ۾ هر ڪنهن قسم جي هڏن، جوڙڻ جو معدو آهي.

(٤) هيءَ دوا ٻارن کي کنگهه وغيره مرضن کان پري ڪري ڪين ڏندن نڪرڻ ۾ سهوليت ٿي پيدا ڪري.

ملي سگهندي:-

هر ڪنهن شهر ۾ هر ڪنهن دوا فروش وٽان.


BUILT TO LAST
ويسٽ اينڊ جو نئون ”انڊ“ گھنٽي
سان گھڙيال صفا ۽ سهڻو. هي
خاص هن ملڪ لاءِ ٺاهيو ويو آهي.
مشنري تمام مضبوط اٿس.
جهالائون ۽ ٿهڪي ۾ بي عيب.
گھنٽي لاڳيتو هڻي ٿو ۽ رڪي
رڪي به هڻي ٿو. ”انڊ“ گھڙيال
خريد ڪريو جو ته هي سستو
سودو آهي ۽ گارنٽي ٿيل آهي
POWERFUL 30-HOUR MOVEMENT
خبردار. ويسٽ اينڊ واچ ڪمپني
جو نالو سچو ڊائل تي ۽ ”ڊبليو“
ستار مارڪ پليٽ تي ڏسو.
WEST END "IND" ALARM
WEST END WATCH Co
IND
ڏي ”انڊ“ گھنٽي سان ارڊنري
ڊائل ۷ روپيه ريڊيم ڊائل ۸ روپيه
مفت ڪيٽلاگ لاءِ گھر ڪيو.
ويسٽ اينڊ واچ
۽ ڪو
بمبئي ۽ ڪلڪتا
CONTINUOUS INTERMITTENT ALARM
WEST END WATCH Co
BOMBAY CALCUTTA

پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو.
70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي
دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري
ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ،
ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽
وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان
”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي
دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي
وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري
تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آس رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا
پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ
ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا.
جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)